
بَدشُگُونی
13

لَيسَ مِنَّا مَن تَطَيَّرَ وَلَاتُطُيِّرَ لَه

يعني جنهن بــدشگوني ورتي ۽ جنهن لاءِ بــدشگوني ورتي وئي اهو اسـان مـان نـاهي. (المعجم الكبير 162/18 حديث 355)

# بدشگوني

پيشكش

المدينة العلمية (دعوت اسلامي)

## ترجمو پيشكش

**مجلس تراجم (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته مجلس تراجم کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.**

رابطي جي لاءِ: مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي)
عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران
پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي
فون نمبر: 021-34921389-90-91
*E-mail: translation@dawateislami.net*

كتاب جو نالو : **بدشگوني**

پيشڪش : مجلس المدينة العلمية (شعبہ اصلاحي ڪتب)

ڇاپو پهريون :

ڇاپيندڙ : مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي

## مڪتبة المدينہ جون مختلف برانچون


| | |
|---|---|
| مڪتبة المدينہ: فيضان مدينہ آفندي ٽاؤن حيدرآباد | 022-2620122 |
| مڪتبة المدينہ: فيضان مدينہ فيضان مدينہ سکر | 071-5619195 |
| مڪتبة المدينہ: فيضان مدينہ العطار ٽاؤن ميرپورخاص | 023-3514672 |
| مڪتبة المدينہ: فيضان مدينہ مارڪيٽ روڊ دادو | 025-4611541 |
| مڪتبة المدينہ: عطار آباد (جيڪب آباد) | 027-2710635 |
| مڪتبة المدينہ: چڪرا بازار نوابشاھ | 024-4362145 |
| مڪتبة المدينہ: رابعہ شاپنگ سينٽر فاروق نگر لاڙڪانہ | 074-4054191 |
| مڪتبة المدينہ: نزد خضر حيات مسجد ٺٽو | |


مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي-

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ”اسلامي زندگي“ جي 11 اکرن جي نسبت سان هن ڪتاب کي پڙهڻ جون 11 نيّتون

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **نِيَّةُ الْمُؤمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ.**

**يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي.**

(المعجم الكبير للطبراني، الحديث: 5942، ج 6، ص185)

**ٻه مدني گُل:**

- ❖ **سٺي نيت کانسواءِ ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.**
- ❖ **جيتريون سٺيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.**

﴿1﴾ هر ڀيري حمد و ﴿2﴾ صلوٰة ۽ ﴿3﴾ تَعوّذ و ﴿4﴾ تَسمِيَہ سان شروعات ڪندس . (هن ئي صفحي تي مٿي ڏنل ٻن عربي عبارتن کي پڙهڻ سان چئني نيّتن تي عمل ٿي ويندو) ﴿5﴾ وس آهر هن جو باوضو ۽ ﴿6﴾ قبلي ڏانهن منهن ڪري مطالعو ڪندس ﴿7﴾ قرآني آيتن ۽ ﴿8﴾ احاديثِ مبارڪ جي زيارت ڪندس ﴿9﴾ جتي جتي ”اللّٰه“ جو پاڪ نالو ايندو اتي عَزَّوَجَلَّ ۽ ﴿10﴾ جتي جتي ”سرڪارِ مدينہ“ جو اسم مبارڪ ايندو اتي صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڙهندس ﴿11﴾ ڪتابت وغيره ۾ شرعي غلطي ملي تہ ناشرين (شايع ڪندڙن) کي تحريري طور تي آگاهہ ڪندس-(ناشرين ۽ مُصَنّفن وغيره کي ڪتابن جون غلطيون صرف زباني ٻڌائڻ خاص فائديمند ناهي هوندو)

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# اَلمَدِينةُ العِلمِيّة

**از: شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوتِ اسلامي، حضرت علامہ مولانا**

**ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي** دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيَه

اَلحَـمدُ للّٰه عَلٰي اِحسَانِهٖ وَ بِفَضلِ رَسُولِهٖ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ "دعوت اسلامي" نيڪي جي دعوت، اِحياءِ سنّت ۽ اِشاعتِ علمِ شريعت کي سڄي دنيا ۾ عام ڪرڻ جو پڪو عزم رکي ٿي، انهن تمام ڪمن کي سهڻي نموني سرانجام ڏيڻ جي لاءِ متعدد مجالس جو قِيام عمل ۾ آندو ويو آهي جن مان هڪ مجلس "المدينة العلمية" به آهي جيڪا دعوتِ اسلامي جي علماءِ ۽ مفتيانِ ڪرام ڪَثَّرَهُمَ اللّٰهُ تعالٰي تي مشتمل آهي جنهن خالص علمي، تحقيقي ۽ اِشاعتي ڪم جي ذميداري کنئي آهي، ان جا هيٺ ڏنل ڇهه شعبا آهن:

| | |
|---|---|
| **(1) شعبہ ڪُتُبِ اعليٰ حضرت** | **(2) شعبہ درسي ڪُتُب** |
| **(3) شعبہ اِصلاحي ڪُتُب** | **(4) شعبہ تراجِمِ ڪُتُب** |
| **(5) شعبہ تفتيشِ ڪُتُب** | **(6) شعبہ تَخرِيج** |

"المدينة العلمية" جي پهرين ترجيح سرڪارِ اعليٰ حضرت عظيم البرڪت، عظيم المرتبت، پروانہء شمع رسالت، مجدد دين و ملت، حامي سنّت، ماحي بدعت، عالمِ شريعت، پير طريقت، باعث خير و برڪت، حضرت علامہ مولانا الحاج الحافظ القاري الشّاه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن جي شاهڪار تصنيفن کي موجوده زماني جي تقاضن جي مطابق حتي الوسع آسان اُسلوب ۾ پيش ڪرڻ آهي، تمام اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون هن علمي تحقيقي ۽ اِشاعتي مدني ڪم ۾ هر ممڪن تعاون فرمائن ۽ مجلس جي طرفان شايع ٿيڻ وارن ڪتابن جو پاڻ به مطالعو فرمائن ۽ ٻين کي به انهن جي ترغيب ڏيا رين.

**الله** عَزَّوَجَلَّ "دعوتِ اسلامي" جي سڀني مجلسن بشمول "المدينة العلمية" کي ڏينهن ٻارهين ۽ رات ٻارهين ترقي عطا فرمائي ۽ اسان جي هر عملِ خير کي اخلاص جي زيور سان سينگاري ٻنهي جهانن جي ڀلائيءَ جو سبب بڻائي. اسان کي زير گنبدِ خضرا شهادت، جنّتُ البَقِيع ۾ مَدفن ۽ جنّت الفِردوس ۾ ۾ پنهنجي مدني حبيب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو نصيب فرمائي.

اٰمين بجاهِ النّبيّ الامين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# بدشُگوني

## قيامت جو نور

شفيع روزِ شمار، جنابِ احمد مختار صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عاليشان آهي: زَيِّنُوْا مَجَالِسَكُمْ بِالصَّلَاةِ عَلَيَّ فَاِنَّ صَلَاتَكُمْ عَلَيَّ نُوْرٌ لَّكُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ يعني اوهان پنهنجي مجلسن کي مون تي درود پڙهي سينگاريندا ڪريو ڇوته اوهان جو مون تي درود پڙهڻ قيامت جي ڏينهن اوهان لاءِ نور ٿيندو. (الجامع الصغير ص 280، حديث 4580)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## منحوس ڪير؟

هڪ بادشاهه پنهنجن وزيرن مُشيرن سان گڏ دربار ۾ ويٺو هو، انهيءَ دؤران بادشاهه جي سامهون هڪ اک وارو ڪارو ماڻهو پيش ڪيو ويو، ماڻهن جي شڪايت هئي ته هي اهڙو ته منحوس آهي جيڪو به صبح سويري هن کي ڏسندو آهي ته ان کي ضرور ڪو نه ڪو نقصان ٿيندو آهي، ان ڪري هن کي ڏيهه نيڪالي ڏني وڃي. ٿورو وقت سوچڻ کان پوءِ بادشاهه چيو: انهيءَ باري ۾ ڪنهن به فيصلي ڪرڻ کان پهريان مان خود تجربو ڪندس ۽ سڀاڻي صبح جو سڀ کان پهريان ان جي شڪل ڏسندس پوءِ ٻيو ڪم ڪندس. اڳيئن ڏينهن جڏهن بادشاهه سجاڳ ٿي، پنهنجو ڪمرو کوليو ته اهوئي هڪ اک وارو ماڻهو سامهون بيٺو هو. بادشاهه ان کي ڏسي واپس موٽي آيو ۽ دربار ۾ وڃڻ لاءِ تيار ٿيڻ لڳو. لباس تبديل ڪرڻ

ڪان پوءِ جيئن ئي بادشاھ جُتي پائڻ لڳو تہ ان ۾ ويٺل زهريلي وڇون ڏنگي وڌو. بادشاھ دانهون ڪرڻ لڳو، جلدي خادم ڊوڙندا آيا، زهر جي اثر سبب بادشاھ جو سرخ و سفيد چهرو نيرو ٿي چڪو هو، محل ۾ هُل مچي ويو تہ "بادشاھ سلامت کي وڇونءَ ڏنگي وڌو آهي." ٿوري دير ۾ وزيرِ خاص بہ پهچي ويو، يڪدم شاهي طبيب کي گهرايو ويو، جنهن وڏي مهارت سان بادشاھ جو علاج شروع ڪيو. وڏي مشڪل سان بادشاھ تہ بچي ويو پر ان کي ڪيترائي ڏهاڙا بسترِ علالت تي گذارڻا پيا. طبيعت سڌرڻ ڪان پوءِ جڏهن بادشاھ پنهنجي دربار ۾ ويٺو تہ وري اهو ساڳيو هڪ اک وارو ماڻهو پيش ڪيو ويو تہ جيئن ان کي سزا ٻڌائي وڃي ڇوتہ شڪايت ڪرڻ واري جو چوڻ هو، هاڻي تہ ان جي "منحوس" هئڻ جو تجربو خود بادشاھ سلامت بہ ڪري چڪا آهن. اهو شخص زارو قطار روئڻ لڳو تہ مون کي پنهنجي وطن مان نہ ڪڍيو وڃي. اهو ڏسي هڪ وزير کي ان تي رحم اچي ويو، ان بادشاھ کان ڳالهائڻ جي اجازت وٺي چيو: بادشاھ سلامت! اوهان صبح سويري ان جي منهن پيو تہ اوهان کي وڇون ڏنگي وڌو، ان ڪري اهو منحوس ثابت ٿيو پر معاف ڪجو، ان بہ صبح سويري اوهان جو چهرو ڏٺو هو، جنهن ڪان پوءِ اهو اجا تائين قيد ۾ آهي ۽ هاڻي شايد ان کي ڏيهہ نيڪالي جي سزا ٻڌائي وڃي، تنهن ڪري ٿورو ٿڌي دماغ سان سوچيو تہ منحوس ڪير ٿيو؟ اهو شخص يا اوهان؟ اهو ٻڌي بادشاھ لاجواب ٿي ويو ۽ انهيءَ هڪ اک واري ڪاري شخص کي نہ رڳو آزاد ڪيو ويو بلڪ اعلان ڪرايو ويو تہ اڳتي ڪنهن بہ ان کي منحوس (يعني نياڀڳو) چيو تہ ان کي سزا ڏني ويندي.

# ڇا ڪو منحوس ٿي سگهي ٿو؟

مَنا مَنا اسلامي ڀائرو! ڪنهن شخص، جاءِ، شيءِ يا وقت کي منحوس (برو) سمجهڻ جو اسلام ۾ ڪو تصوُّر ئي ناهي، اهي اجايا وهم آهن. منهنجي آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مُجَدّد دين ۽ ملت، مولانا شاهه امام احمد رضا خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الرَّحۡمٰن کان اهڙي قسم جو سوال ڪيو ويو ته هڪ شخص جي باري ۾ هي مشهور آهي، جيڪڏهن صبح جو ان جي منحوس صورت ڏسي ورتي يا ڪنهن ڪم سان ويندي اهو سامهون اچي ويو ته ضرور ڪجهه نه ڪجهه تڪليف ۽ پريشاني ٿيندي ۽ چاهي ڪيترو ئي يقيني طور تي ڪم ٿيڻ جو اعتماد ۽ ڀروسو هجي پر انهن جو خيال آهي ته ڪا نه ڪا ضرور رڪاوٽ ۽ پريشاني ٿيندي. اهڙي طرح انهن ماڻهن کي انهن جي خيال مطابق هر دفعي تجربو ٿيندو رهيو آهي ۽ اهي ماڻهو برابر ان ڳالهه جو خيال رکندا آهن ته جيڪڏهن ڪيڏانهن ويندي اهو منهن پئجي وڃي ته واپس پنهنجي گهر موٽي ايندا آهن ۽ ٿوري دير کان پوءِ اهو معلوم ڪندا آهن ته اهو منحوس ڪٿي رستي تي اچان بيٺو ته نه آهي! پوءِ پنهنجي ڪم لاءِ ويندا آهن. هاڻي سوال هي آهي ته انهن ماڻهن جو اهو عقيدو ۽ انداز ڪيئن آهي؟ ڪا شرعي قباحت ته ناهي؟ اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جواب ڏنو: شريعت مطهّره ۾ ان جي ڪا به حقيقت ناهي، ماڻهن کي پنهنجو وهم اڳيان ايندو آهي. شريعت ۾ حڪم آهي: اِذَا تَطَيَّرۡتُمۡ فَامۡضُوۡا يعني جڏهن ڪو بروگمان اچي ته ان تي عمل نه ڪيو. (فتح الباري 181/11 تحت الحديث 5754) اهو هندوئن جو طريقو آهي، مسلمان کي گهرجي ته اهڙي موقعي تي اَللّٰهُمَّ لَاطَيۡرَ اِلَّا طَيۡرُکَ، وَلَا خَيۡرَ اِلَّا خَيۡرُکَ، وَلَا اِلٰهَ غَيۡرُکَ (مصنف ابن ابي شيبة 142/7

حديث 1) (اي الله! ناهي ڪا برائي پر تنهنجي طرفان ۽ ناهي ڪا ڀلائي پر تنهنجي طرفان ۽ توکان سواءِ ڪو معبود ناهي) پڙهي، پنهنجي ربّ (عَزَّوَجَلَّ) تي ڀروسو ڪري، پنهنجي ڪم لاءِ هليو وڃي، هرگز نہ رڪي، نہ واپس موٽي اچي. وَاللّٰهُ تَعَالٰی اَعْلَمُ

(فتاويٰ رضويہ 641/29 ملخصًا)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# گناهن جو مجموعو

ڪنهن شخص کي منحوس سمجهڻ ۾ ان جي سخت دل آزاري آهي ۽ ان سان تهمت هڻڻ جو گناه بہ ٿئي ٿو ۽ اهي ٻئي جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارا ڪم آهن. ذڪر ڪيل گناهن جي مذمّت تي مشتمل 2 روايتون پڙهو ۽ خوفِ خداوندي وچان ڏڪي وڃو. ❁ شهنشاهِ نبوّت، تاجدار رسالت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو ڪنهن مسلمان جي برائي بيان ڪري، جيڪا ان ۾ ناهي تہ ان کي الله عَزَّوَجَلَّ ان وقت تائين جهنمين جي غلاظت، پون ۽ رت ۾ رکندو، جيسيتائين اهو پنهنجي چيل ڳالهہ مان نہ نڪري. (ابوداؤد 427/3 حديث 3597) ❁ ٻنهي جهانن جي سلطان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عبرت نشان آهي: مَنْ اٰذٰى مُسْلِمًا فَقَدْ اٰذَانِيْ وَمَنْ اٰذَانِيْ فَقَدْ اٰذَى الله (يعني) جنهن (بنا ڪنهن شرعي سبب جي) ڪنهن مسلمان کي ايذايو، ان مون کي ايذايو ۽ جنهن مون کي ايذايو، ان الله عَزَّوَجَلَّ کي ايذايو. (المعجم الاوسط 387/2 حديث 3607) الله عَزَّوَجَلَّ ۽ رسول صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ايذاء ڏيڻ وارن جي باري ۾ الله عَزَّوَجَلَّ 22 سيپاري سورۃُ الاحزاب جي آيت 57 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

اِنَّ الَّذِيْنَ يُؤْذُوْنَ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ لَعَنَهُمُ اللّٰهُ فِي الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ وَاَعَدَّ لَهُمْ عَذَابًا مُّهِيْنًا ﴿۵۷﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** بيشڪ جيڪي تڪليف ڏين ٿا الله ۽ ان جي رسول کي انهن تي الله جي لعنت آهي دنيا ۽ آخرت ۾ ۽ الله انهن جي واسطي ذلت جو عذاب تيار ڪري رکيو آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## شگون (يعني سؤڻ) جا قسم

شگون جي معنيٰ آهي فال وٺڻ يعني ڪنهن شيءِ، شخص، عمل، آواز يا وقت کي پنهنجي لاءِ سٺو يا بُرو سمجهڻ. ان جا بنيادي طور تي ٻه قسم آهن: (1) بُرو شگون وٺڻ (2) سٺو شگون وٺڻ. علّامہ محمد بن احمد انصاري قُرطبي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی تفسير قرطبي ۾ نقل ڪن ٿا: سٺو شگون هي آهي تہ جنهن ڪم جو ارادو ڪيو هجي ان جي باري ۾ ڪا ڳالھ ٻڌي دليل وٺڻ، هي ان وقت آهي جڏهن ڳالھ سٺي هجي، جيڪڏهن بري آهي تہ بدشگوني آهي. شريعت هن ڳالھ جو حڪم ڏنو آهي تہ انسان سٺو شگون وٺي خوش ٿئي ۽ پنهنجو ڪم خوشي سان پورو ڪري ۽ جڏهن بري ڳالھ ٻڌي تہ ان ڏانهن ڌيان نہ ڏئي ۽ نہ ئي ان جي ڪري پنهنجي ڪم کان رڪي.

(الجامع لاحکام القرآن للقرطبي پ 26 الاحقاف تحت الأية 4 ج 8 جزء 16 ص 132)

## سٺن برن شگونن جا مثال

سٺي شگون جو مثال هي آهي تہ اسان ڪنهن ڪم سان وڃي رهيا آهيون، ڪنهن سڏيو: ”يا رَشِيد (يعني اي هدايت وارا)“، ”يا سَعِيد (يعني اي سعادت مند)“، ”اي نيڪ بخت“ اسان سمجهيو تہ چڱو نالو ٻڌو آهي اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ڪاميابي ٿيندي يا ڪنهن بزرگ

جي زيارت ٿي، ان کي پنهنجي لاءِ سنو سمجهيو ته هاڻي ان شآءَالله عَزَّوَجَلَّ مون کي پنهنجي مقصد ۾ ڪاميابي ملندي. جڏهن ته بدشگوني جو مثال هي آهي ته هڪ شخص سفر جي ارادي سان گهران نڪتو پر رستي ۾ ڪاري ٻلي رستو ٽپي وئي، هاڻي ان شخص اهو يقيني طور تي سمجهيو ته ان جي نحوست جي ڪري مون کي سفر ۾ ضرور ڪو نقصان ٿيندو ۽ سفر ڪرڻ ڪان رڪجي ويو ته پوءِ سمجهڻ گهرجي اهو شخص بدشگوني ۾ مبتلا ٿي ويو آهي. اسان جي معاشري ۾ جهالت جي سبب رائج ٿيڻ وارين خرابين مان هڪ بدشگوني به آهي جنهن کي بدفالي (۽ برو سؤڻ) به چيو ويندو آهي جڏهن ته عربي ۾ ان کي طَائِرٌ، طَيْرٌ ۽ طِيَرَةٌ چيو ويندو آهي، عرب طائر (يعني پکي) کي اڏائي، ان مان فال وٺندا هئا، پکي جي ساڄي پاسي اڏامڻ مان سٺي فال مراد وٺندا هئا، کاٻي پاسي اڏامڻ ۽ ڪانوَ جي ڪان ڪان ڪرڻ مان بدشگوني (بري فال) مراد وٺندا هئا، ان ڪان پوءِ مطلقًا بدشگوني جي لاءِ طَائِرٌ، طَيْرٌ ۽ طِيَرَةٌ جو لفظ استعمال ٿيڻ لڳو. (تفسير ڪبير 344/5 ملتقطًا) عرب پکين جي نالن، آوازن، رنگن ۽ انهن جي اڏامڻ وارن طرفن مان فال وٺندا هئا، اهڙي طرح عُقاب مان مصيبت، ڪانوَ مان سفر ۽ هُدهُد (ڪاٺ ڪٽو) مان هدايت جي فال وٺندا هئا. اهڙي طرح جيڪڏهن پکي ساڄي طرف اڏامندا هئا ته سنو شگون ۽ کاٻي طرف اڏامندا هئا ته بدشگوني سمجهندا هئا.

(بريقه محمّديه شرح طريقهٔ محمّديه 378/2)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## شيطاني ڪم

رسولِ اڪرم، نور مُجسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو:

اَلۡعِيَافَةُ وَالطِّيَرَةُ وَالطَّرۡقُ مِنَ الۡجِبۡتِ يعني سنو يا برو شگون وٺڻ لاءِ پکي اڏائڻ، بدشگوني وٺڻ ۽ طَرق (يعني پٿري اڇلائي يا ريتي تي ليڪو ڪڍي فال وجهڻ) شيطاني ڪمن منجهان آهن. (ابوداؤد 22/4 حديث 3907)

## بدشگوني حرام ۽ نيڪ فال وٺڻ مستحب آهي

حضرت سيّدنا امام محمد آفندي رُومي بِرڪلي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡوَلِي الطَّرِيقةُ المُحَمَّدِيّة ۾ لکن ٿا: بدشگوني وٺڻ حرام ۽ نيڪ فال يا سنو شگون وٺڻ مستحب آهي. (الطريقة المحمّدية 24/2، 17) ۽ مُفَسِّر شَہِير، حڪيمُ الاُمّت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡحَنَّان لکن ٿا: اسلام ۾ نيڪ فال وٺڻ جائز آهي، بدفالي، بدشگوني وٺڻ حرام آهي. (تفسير نعيمي 119/9)

## تمام اهم وضاحت

ڪڏهن ڪڏهن نہ چاهيندي بہ انسان جي دل ۾ بري شگون جو خيال اچي ويندو آهي، ان ڪري ڪنهن شخص جي دل ۾ بدشگوني جو خيال اچي تہ ان کي گنهگار قرار نہ ڏنو ويندو ڇوتہ رڳو دِل ۾ بُرو خيال اچڻ جي ڪري سزا جو مستحق قرار ڏيڻ جو مطلب، ڪنهن انسان تي ان جي طاقت کان وڌيڪ بار وجهڻ آهي ۽ هي ڳالهہ شرعي تقاضي جي خلاف آهي، الله عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائي ٿو:

لَا يُكَلِّفُ اللّٰهُ نَفْسًا اِلَّا وُسْعَهَا ؕ (پ 3 البقرة 286)

**ترجموڪنزالايمان:** الله ڪنهن جان تي بار نہ رکندو آهي مگر سندس طاقت آهر.

حضرت علّامہ مُلّا جِيون رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه انهي آيت جي تحت تفسيراتِ احمديہ ۾ لکن ٿا: يعني الله تعاليٰ هر جاندار کي ان ڳالهہ جو مُڪَلَّف (يعني ذميدار) بڻائيندو آهي جيڪو ان جي وُسعت ۽ طاقت ۾ هجي. (التفسيرات الاحمديہ، ص 189)

اهڙي طرح جيڪڏهن ڪنهن بدشگوني جو خيال دل ۾ ايندي ئي ان کي هڪدم ڪڍي ڇڏيو ته ان تي ڪو الزام ناهي پر جيڪڏهن ان بدشگوني جي تاثير جو اعتقاد رکيو ۽ ان اعتقاد جي سبب کان ان ڪم کان رڪجي ويو ته گنهگار ٿيندو. مثال طور ڪنهن شيءِ کي منحوس سمجهي سفر يا ڪاروبار ڪرڻ کان هي سوچي رڪجي ويو جو هاڻي مون کي نقصان ٿي ٿيندو ته هاڻي گنهگار ٿيندو. شيخ الاسلام شهاب الدّين امام احمد بن حجر مڪي هيتمي شافعي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْكَافِي پنهنجي ڪتاب **اَلزَّوَاجِرُ عَنِ اقْتِرَافِ الْكَبَائِر** ۾ بدشگوني جي باري ۾ ٻه حديثون نقل ڪرڻ کان پوءِ لکن ٿا: پهرين ۽ ٻين حديث پاڪ جي ظاهري معنيٰ جي ڪري بدفالي کي گناهِ ڪبيره شمار ڪيو ويندو آهي ۽ مناسب ٻه اهوئي آهي ته اهو حڪم ان شخص جي باري ۾ هجي جيڪو بدفالي جي تاثير جو اعتقاد رکندو هجي جڏهن ته اهڙن ماڻهن جي مسلمان هجڻ نه هجڻ ۾ ڪلام آهي. (الزواجر عن اقتراف الكبائر 326/1)

ڪريں نه تنگ خيالاتِ بد ڪبھی ، ڪردے
شعُور و فڪر ڪو پاڪيزگی عطا يارَبّ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## تمام نازڪ مسئلو

رحمتِ عالم، نور مجسم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: اَلطِّيَرَةُ شِرْكٌ اَلطِّيَرَةُ شِرْكٌ ثَلَاثًا وَمَا مِنَّا اِلَّا وَلٰكِنَّ اللّٰهَ يُذْهِبُهُ بِالتَّوَكُّلِ يعني بدفالي ونڻ شرڪ آهي، بدفالي ونڻ شرڪ آهي، اهو ٽي ڀيرا فرمايائون، (پوءِ ارشاد فرمايائون:) اسان مان هر شخص کي اهڙو خيال اچي ويندو آهي پر **الله** عَزَّوَجَلَّ توڪّل جي ذريعي ان کي ختم فرمائي ڇڏيندو

آهي. (ابوداوٗد 23/4 حديث 3910)

حضرت سيّدنا علامہ مُلّا علي قاري عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡبَارِی انهيءَ حديث جي تشريح ۾ لکن ٿا: بدشگوني وٺڻ کي شرڪ قرار ڏنو ويو آهي ڇوتہ جاهليّت واري زماني ۾ ماڻهن جو اعتقاد هوندو هو تہ بدشگوني جي تقاضي تي عمل ڪرڻ سان انهن کي نفعو حاصل ٿيندو آهي يا انهن کان تڪليف ۽ پريشاني ختم ٿيندي آهي ۽ جڏهن انهن انهيءَ تقاضي تي عمل ڪيو ڄڻ تہ انهن الله عَزَّوَجَلَّ سان شرڪ ڪيو ۽ ان کي شرڪ خفي چيو ويندو آهي (جيڪو گناهہ آهي) ۽ جيڪڏهن ڪنهن شخص هي عقيدو رکيو تہ فائدو ڏيارڻ ۽ مصيبت ۾ مبتلا ڪرڻ واري الله تعاليٰ کان سواءِ ڪا ٻي ذات آهي جيڪا هڪ مستقل طاقت آهي تہ ان شرڪ جلي جو اِرتِڪاب ڪيو آهي (جيڪو ڪفر آهي). (مرقاة المفاتيح 349/8 تحت الحديث 4584)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## شرڪ ۾ مبتلا ٿي ويو

سرڪار عالي وقار، مديني جي تاجدار صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: مَنۡ رَدَّتۡهُ الطِّيَرَةُ عَنۡ شَيۡءٍ فَقَدۡ قَارَفَ الشِّرۡكَ يعني جيڪو شخص بدشگوني جي ڪري ڪنهن شيءِ کان رڪجي، اهو شرڪ ۾ مبتلا ٿي ويو.[1] (مجمع الزوائد 180/5 حديث 8415)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## بدشگوني جون مختلف صورتون

بدشگوني وٺڻ عالَمي بيماري آهي، مختلف ملڪن ۾ رهڻ

مدينہ

[1] شرڪ ڇوڻ جو سبب مٿي گذري چڪو.

وارا مختلف ماڻھو مختلف شين مان اهڙيون اهڙيون بدشگونيون وٺندا آهن جو انسان ڏاڍي حيران ٿي ويندو آهي. اهڙي طرح ❁ ڪڏهن انڌي، منڊي، هڪ اک واري ۽ معذور ماڻهن کان ته ڪڏهن ڪنهن خاص پکي يا جانور کي ڏسي يا ان جو آواز ٻڌي بدشگوني ۾ مبتلا ٿي ويندا آهن ❁ ڪڏهن ڪنهن وقت يا ڏينهن يا مهيني مان بدفالي وٺندا آهن ❁ ڪو ڪم ڪرڻ جو ارادو ڪيو ۽ طريقيڪار ۾ نقص جي ڪنهن نشاندهي ڪئي يا ان ڪم کان رڪجڻ جو چيو ته ان مان بدشگوني وٺندا آهن ۽ چوندا آهن ته هاڻي تو دخل اندازي ڪئي آهي، ان ڪري اهو ڪم نه ٿي سگهندو ❁ ڪڏهن ايمبوليسن (Ambulance) جي سائرن مان ته ڪڏهن فائربرگيڊ (Fire brigade) جي سائرن مان بدشگوني ۾ مبتلا ٿيندا آهن ❁ ڪڏهن اخبارن ۾ شايع ٿيڻ وارن تارن جي حال مان پنهنجي زندگي کي غمگين ۽ پريشان ڪري ڇڏيندا آهن ❁ ڪڏهن مهمان جي وڃڻ کان پوءِ گهر ۾ ٻهاري ڏيڻ کي منحوس سمجهندا آهن ❁ ڪڏهن جُتي لاهڻ وقت جُتي جو ٻي جُتي جي مٿان اچڻ سان بدشگوني محسوس ڪندا آهن ❁ ڪنهن جو ڪٽيل ننهن ڪنهن جي پير جي هيٺان اچي وڃي ته پاڻ ۾ دشمني ٿيڻ جي بدشگوني سمجهندا آهن ❁ ساڄي اک ڦڙڪي ته هي يقين ڪندا آهن ته ڪا مصيبت ايندي ❁ جمعي جي ڏينهن عيد ٿئي ته موجوده حڪومت لاءِ ڳرو سمجهندا آهن ❁ ڪڏهن ٻلي جي روئڻ کي ته ڪڏهن رات جي وقت ڪتي جي اونائڻ کي منحوس سمجهندا آهن ❁ ڪُڪُڙ ڏينهن جو بانگ ڏئي ته بدفالي ۾ مبتلا ٿي ويندا آهن، ايتريقدر جو ان کي ذبح ڪري ڇڏيندا آهن ❁ پهريون گراهڪ سامان وٺڻ کان سواءِ هليو وڃي ته دڪاندار ان

ڪي بدشگوني سمجهندا آهن ❁ نئين ڪنوار گهر اچڻ تي خاندان جو ڪو ماڻهو فوت ٿي وڃي يا ڪنهن عورت کي رڳو ڇوڪريون ئي پيدا ٿين ته ان تي منحوس هجڻ جو ليبل لڳي ويندو آهي ❁ حامله عورت کي ميّت جي ويجهو ناهن اچڻ ڏيندا جو ٻار تي برو اثر پوندو ❁ جوان عورت بيوهه ٿيڻ تي ان کي منحوس سمجهندا آهن، ۽ هي به سمجهندا آهن ته ❁ خالي قينچي هلائڻ سان گهر ۾ جهيڳڙو ٿيندو آهي ❁ ڪنهن جو ڪنگو استعمال ڪرڻ سان ٻنهي ۾ جهيڳڙو ٿيندو آهي ❁ خالي ٽانوَ يا چمچا پاڻ ۾ ٽڪرائڻ سان گهر ۾ جهيڳڙو ٿيندو آهي ❁ جڏهن ڪڪرن ۾ ڪنوڻ ٿي رهي هجي ۽ ڀُٽيني وارو ٻار گهران ٻاهر نڪري ته سمجهندا آهن ته ان تي ڪنوڻ ڪري پوندي ❁ ٻار جا ڏند ابتا نڪتا ته ناناڻي (يعني مامن وغيره) تي ڏکيا ثابت ٿيندا آهن ❁ ڪيرپياڪ ٻار کي وارن ۾ ڪنگو ڏنو وڃي ته ان جا ڏند ٽيڙا ڄمندا آهن ❁ ننڍو ٻار ڪنهن جي ٽنگن جي وچان لنگهي وڃي ته ان ٻار جو قد ننڍو ٿيندو آهي ❁ ٻار ستو پيو هجي ان جي مٿان کو ٽپيو ته ٻار جو قد ننڍو ٿيندو آهي ❁ مغرب کان پوءِ دروازي تي نه ويهڻ گهرجي ڇوته مصيبتن جو گذر ٿيندو آهي ❁ زلزلي دؤران جيڪو پڄندي زمين تي ڪري پيو اهو گونگو ٿي ويندو ❁ رات جو آئيني ڏسڻ سان منهن تي نشان ٿي پوندا آهن ❁ آڱرين مان نڪاءُ ڪڍڻ سان نحوست ٿيندي آهي[1] ❁



[1] آڱرين مان نڪاءُ ڪڍڻ جا ٿي احڪام: (الف) نماز دؤران مڪروهه تحريمي آهي ۽ توابعِ نماز مان مثال طور نماز لاءِ ويندي، نماز جو انتظار ڪندي به آڱرين مان نڪاءُ ڪڍڻ مڪروهه آهي (بهار شريعت 625/1) (ب) خارج نماز ۾ (يعني توابعِ نماز مان به نه هجي) بنا ضرورت جي آڱرين مان نڪاءُ ڪڍڻ مڪروهه تنزيهي آهي (ج) خارجِ نماز مان ڪنهن حاجت جي سبب مثال طور آڱرين کي آرام ڏيڻ لاءِ آڱرين مان نڪاءُ ڪڍڻ مُباح (يعني بنا ڪراهت جي جائز) آهي. (ردالمحتار 493/2، 494)

سج گرهڻ وقت حامله عورت ڇري سان ڪا شيءِ نه ڪٽي نه ته ٻار هٿ يا پير ڪٽيل يا ڇيريل ڄمندو ❁ نئين چانور ٻار جا ڪپڙا ڌوئي نه نپوڙجن نه ته ٻار جي جسم ۾ سور ٿيندو ❁ ڪڏهن نمبرن مان بدفالي مراد ورتا آهن (خصوصي طور تي يورپي ملڪن جا رهاڪو) ان لاءِ انهن جي وڏين وڏين عمارتن ۾ 13 نمبر واري منزل ناهي هوندي (ٻارهين منزل کان بعد واري منزل کي چوڏهين منزل قرار ڏيندا آهن)، اهڙي طرح انهن جي اسپتالن ۾ 13 نمبر وارو بسترو يا ڪمرو به ناهي هوندو ڇوته اهي انهيءَ نمبر کي منحوس سمجهندا آهن ❁ رات جي وقت ڪنگي ڏيڻ يا ننهن ڪٽڻ سان نحوست ايندي آهي ❁ گهر جي ڇت يا پٽ تي ڇٻري جي ويهڻ سان نحوست ايندي آهي (جڏهن ته مغربي ملڪن ۾ ڇٻري کي برڪت وارو سمجهيو ويندو آهي) ❁ مغرب جي اذان وقت سيئي بلب ٻارڻ گهرجن نه ته مصيبتون نازل ٿينديون آهن. ذڪر ڪيل مٿين بدشگونين کان سواءِ به مختلف معاشرن، قومن، برادرين ۾ مختلف بدشگونيون موجود هونديون آهن.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بدشگوني جا نقصان

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بدشگوني انسان لاءِ ديني ۽ دنياوي ٻنهي لحاظ کان بيحد خطرناڪ آهي، اها انسان کي وسوسن جي دٻڻ ۾ وجهي ڇڏيندي آهي، اهڙي طرح اهو هر ننڍي وڏي شيءِ کان ڊڄندو رهندو آهي ايتري قدر جو اهو پنهنجي پاڇي کان به ڊڄندو آهي. اهو هن وهم ۾ مبتلا ٿي ويندو آهي ته دنيا جي سموري بدبختي ۽ بدنصيبي ان جي لاءِ ئي آهي ۽ ٻيا ماڻهو سُڪون واري

زندگي گذاري رهيا آهن. اهڙو ماڻهو پنهنجي پيارن کي بہ وهمي نظرن سان ڏسندو آهي جنهن سان دلين ۾ ڪدورت پيدا ٿيندي آهي. بدشگوني جي باطني بيماري ۾ مبتلا انسان ذهني ۽ قلبي طور تي مفلوج ٿي ويندو آهي ۽ ڪو ڪم ڪار سليقي سان ناهي ڪري سگهندو. امام ابو الحسن علي بن محمد ماوردي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِی لکن ٿا: اِعْلَمْ اَنَّه لَيْسَ شَيْءٌ اَضَرَّ بِالرَّأْيِ وَلَا اَفْسَدَ لِلتَّدْبِيْرِ مِنِ اِعْتِقَادِ الطِّيَرَةِ ڄاڻي ونو تہ بدشگوني کان وڌيڪ فڪر کي نقصان ڏيڻ واري ۽ تدبير ۾ بگاڙ پيدا ڪرڻ واري ڪا شيء ناهي. (ادب الدنيا و الدّين ص 274)

گهڻين حديثن ۾ بہ بدشگوني جي نقصانن کان خبردار ڪيو ويو آهي.

## (1) اهو اسان مان ناهي

حُضورِ پاڪ، صاحبِ لولاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن بدفالي وٺڻ وارن کان پنهنجي بيزاري جو اظهار هنن لفظن ۾ فرمايو: لَيْسَ مِنَّا مَنْ تَطَيَّرَ وَلَاتُطُيِّرَ لَه يعني جنهن بدشگوني ورتي ۽ جنهن لاءِ بدشگوني ورتي وئي اهو اسان مان ناهي. (يعني اسان جي طريقي تي ناهي)

(المعجم الكبير 162/18 حديث 355، فيض القدير 288/3 تحت الحديث 3206)

## (2) بلند درجن تائين نٿو پهچي سگهي

شاهِ بني آدم، رسولِ محتشم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عاليشان آهي: ثَلَاثٌ مَنْ كُنَّ فِيْهِ لَمْ يَنَلِ الدَّرَجَاتِ الْعُلٰى مَنْ تَكَهَّنَ اَوِ اسْتَقْسَمَ اَوْ رَدَّهُ مِنْ سَفَرِهٖ طِيَرَةٌ يعني ٽي شيون جنهن شخص ۾ هجن، اهو بلند درجن تائين نٿو پهچي سگهي (1) جيڪو پنهنجي اٽڪل سان غيب جي خبر ڏئي (يعني پهريان جي ڳالهہ ٻڌائي) يا (2) فال جي تيرن مان پنهنجي قسمت معلوم ڪري يا (3) بدشگوني جي سبب پنهنجي سفر کان

رڪجي وڃي. (تاريخ ابن عساڪر 98/18)

## بدشگوني جا ڀيانڪ نتيجا

❁ بدشگوني ۾ مبتلا ٿيڻ وارن جو **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ تي اعتماد ۽ توڪُّل ڪمزور ٿي پوندو آهي ❁ **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي باري ۾ بدگماني پيدا ٿيندي آهي ❁ تقدير تي ايمان ڪمزور ٿي پوندو آهي ❁ شيطاني وسوسن جو دروازو کلندو آهي ❁ بدفالي سان ماڻهو ۾ وهم پرستي، بزدلي، ڊپ، خوف ۽ تنگدلي پيدا ٿيندي آهي ❁ ناڪامي جا ڪيترائي سبب ٿي سگهن ٿا مثال طور ڪم ڪرڻ جو طريقو درست نہ هئڻ، غلط وقت ۽ غلط جاءِ تي ڪم ڪرڻ ۽ تجربو نہ هئڻ پر بدشگوني جو عادي شخص پنهنجي ناڪامي جو سبب نحوست کي قرار ڏيڻ جي ڪري پنهنجي اصلاح کان محروم رهجي ويندو آهي ❁ بدشگوني جي سبب جيڪڏهن مٽي مائٽي، تعلّق ٽوڙيا ويا تہ پاڻ ۾ ناچاقي پيدا ٿيندي ❁ جيڪي ماڻهو پنهنجي لاءِ بدفالي جو دروازو کوليندا آهن انهن کي هر شيءِ منحوس محسوس ٿيندي آهي، مثال طور هڪ شخص ڪنهن ڪم لاءِ گهران نڪتو ۽ ڪاري ٻلي ان جي آڏو رستو ٽپي وئي پوءِ اهو ماڻهو هي سمجهي تہ هاڻي منهنجو ڪم نہ ٿيندو ۽ واپس گهر موٽي اچي. هڪ شخص ڪي صبح سويري پنهنجي دڪان ڏانهن ويندي رستي ۾ حادثو پيش آيو، پوءِ هي سمجهي تہ اڄوڪو ڏينهن مون لاءِ منحوس آهي، تنهن ڪري اڄ مون کي نقصان ٿيندو، اهڙي نموني بدشگوني ڪندي، ان جو نظامِ زندگي درهم برهم ٿي ويندو ❁ ڪنهن پنهنجي گهر جي مٿان چٻري جو آواز ٻڌو تہ انهيءَ سرِعام اهو چئي ڇڏيو تہ هن گهر جو ڪو ماڻهو مرندو يا خاندان ۾ جهڳڙو

ٿيندو، جنهن جي نتيجي ۾ ان گهر وارا وڏي تشويش جو شڪار ٿي ويندا آهن ❁ نئون ملازم جيڪڏهن ڪاروبار ڊيل نہ ڪري سگهيو ۽ ان ڪان آرڊر نڪري ويو تہ فيڪٽري جو مالڪ ان کي منحوس سمجهي، نوڪري مان ڪڍي ڇڏيندو آهي ❁ جيڪڏهن نئين ڪنوار جي هٿن مان ڪا شيءِ ڪِري ڀڄي پئي تہ ان کي منحوس سمجهيو ويندو آهي ۽ ٿوري ٿوري ڳالهہ تي ان جي دل آزاري ڪئي ويندي آهي.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بدشگوني ۽ قسمين قسمين جي ظاهري ۽ باطني گناهن کان بچڻ جو جذبو ماڻڻ لاءِ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول ڪنهن نعمتِ عظميٰ کان گهٽ ناهي، انهيءَ سان هر دم وابستہ رهو. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ ان سان وابستہ ٿيڻ وارن جي زندگين ۾ حيرت انگيز تبديليون بلڪ مدني انقلاب برپا ٿي ويندو آهي. انهيءَ سلسلي ۾ هڪ مدني بهار ملاحظہ ڪيو:

## آسمان تان ڪاغذ جو ٽڪرو ڪِريو

قصبہ ڪالوني (باب المدينہ ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي: اسان جي خاندان ۾ ڇوڪريون گهڻيون هيون، چاچي کي ست ڇوڪريون تہ وري وڏي ڀاءُ کي 9 ڇوڪريون! منهنجي شادي ٿي تہ منهنجي گهر ۾ ڇوڪريءَ جي ولادت ٿي، سيني کي ڳڻتي ٿيڻ لڳي، وري اڄڪلهہ جي عام ذهن مطابق سيني کي اهو وسوسو پيدا ٿيو تہ ڪنهن جادو ڪرائي نرينہ اولاد جو سلسلو بند ڪرائي ڇڏيو آهي! مون نيّت ڪئي تہ منهنجي گهر ۾

جيكڏهن پٽ پيدا ٿيو تہ 30 ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر كندس. منهنجي مدني مُنّي جي والده هڪ پيرو خواب ڏٺو تہ آسمان تان ڪو ڪاغذ جو ٽڪرو ان جي اڳيان اچي ڪِريو، ڪٽي جو ڏٺائين تہ ان تي لکيل هيو بِلال. الحمدللهعَزَّوَجَلَّ 30 ڏينهن جي مدني قافلي جي برڪت سان منهنجي گهر ۾ مدني مُنّي جي آمد ٿي وئي! نہ رڳو هڪ بلڪ منهنجي گهر وڏيڪ بہ مدني مُنّا پيدا ٿيا. الله عَزَّوَجَلَّ جو ڪرم تہ ڏسو! 30 ڏينهن جي مدني قافلي جي برڪت رڳو مون تائين محدود نہ رهي. اسان جي خاندان ۾ جيڪي بہ نرينہ اولاد کان محروم هئا سيني جي گهرن ۾ مدني منّا پيدا ٿيا. هي بيان ڏيڻ وقت اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مان علائقائي مدني قافلہ ذميدار جي حيثيت سان مدني قافلن جون بهارون لٽائڻ جون ڪوششون ڪري رهيو آهيان.

آکے تم با ادَب، دیکھ لوفضلِ رب　　مَدَنی مُنّے ملیں، قافِلے میں چلو
کھوٹی قسمت کھری، گود ہوگی ہری　　مُنّا مُنّی ملیں، قافِلے میں چلو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! مدني قافلي جي برڪت سان ڪهڙي نموني من جون مرادون پوريون ٿينديون آهن ۽ ڀاڳ کلي پوندا آهن. پر هي ڳالھ ذهن ۾ هئڻ گهرجي تہ ضروري ناهي جو هر ڪنهن جي دلي مراد لازمي پوري ٿئي. ڪيترائي ڀيرا ائين بہ ٿيندو آهي جو ٻانهو جيڪو طلب ڪندو آهي اهو ان جي حق ۾ بهتر ناهي هوندو ۽ ان جو سوال پورو ناهي ڪيو ويندو، ان جي مراد نہ ملڻ ئي ان جي لاءِ انعام هوندو آهي. مثال طور اهو اولاد نرينہ گهرندو آهي پر ان کي مدني مُنّين سان نوازيو ويندو آهي ۽ اهوئي ان جي حق ۾ بهتر بہ هوندو آهي. جهڙي طرح ٻئين سيپاري سورة البقره جي آيت نمبر 216 ۾ ربُّ العِباد عَزَّوَجَلَّ جو ارشاد حقيقت بنياد آهي:

عَسٰۤى اَنۡ تَكۡرَهُوۡا شَيۡـــًٔا وَّهُوَ خَيۡرٌ لَّـكُمۡ‌ۚ وَعَسٰۤى اَنۡ تُحِبُّوۡا شَيۡـــًٔا وَّهُوَ شَرٌّ لَّـكُمۡؕ وَاللّٰهُ يَعۡلَمُ وَاَنۡتُمۡ لَا تَعۡلَمُوۡنَ ﴿۲۱۶﴾

**ترجموڪنزالايمان:** عين ممڪن آهي جو ڪا ڳالهہ اوهان ناپسند ڪريو ۽ اها اوهان جي حق ۾ ڀلي هجي ۽ عين ممڪن آهي تہ ڪا ڳالهہ اوهان پسند ڪريو ۽ اها اوهان جي حق ۾ خراب هجي. ۽ الله ڄاڻي ٿو ۽ اوهان نہ ٿا ڄاڻو. (پ 2، البقره 216)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

(فيضانِ سنّت 1061/1 بتغير قليل)

## بدشگوني ڪرڻ غير مسلمن جو طريقو آهي

ڪنهن ماڻهو يا شيءِ کي منحوس سمجهڻ مسلمانن جو دستور ناهي، اهو تہ غير مسلمن جو پراڻو طريقو آهي. ان قسم جا 4 واقعا ملاحظہ فرمايو:

## (1) فرعون جو حضرت موسيٰ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام مان بدشگوني وٺڻ

9 سيپاري سورۃالاعراف جي آيت نمبر 131 ۾ آهي:

فَاِذَا جَآءَتۡهُمُ الۡحَسَنَةُ قَالُوۡا لَـنَا هٰذِهٖ‌ۚ وَاِنۡ تُصِبۡهُمۡ سَيِّئَةٌ يَّطَّيَّرُوۡا بِمُوۡسٰى وَمَنۡ مَّعَهٗ‌ؕ اَلَاۤ اِنَّمَا طٰٓـئِرُهُمۡ عِنۡدَ اللّٰهِ وَلٰـكِنَّ اَكۡثَرَهُمۡ لَا يَعۡلَمُوۡنَ ﴿۱۳۱﴾

**ترجموڪنزالايمان:** پوءِ جڏهن انهن کي ڀلائي ئي ملي ٿي چون ٿا هي اسان جي واسطي آهي ۽ جيڪڏهن انهن کي تڪليف پهچي تہ موسيٰ ۽ ان جي ساٿين سان بدفال وٺن ٿا ٻڌو انهن جي حصي جي شامت تہ الله وٽ آهي پر انهن جي گهڻن کي خبر نہ آهي. (پ 9، الاعراف 131)

مُفسّر شهير حڪيمُ الامّت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْحَنَّان ان آيت جي تحت لکن ٿا: جڏهن فرعون تي ڪا مصيبت (ڏڪار

وغيره) ايندو هو تہ حضرت سيدنا موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام ۽ ان جي ساٿي مؤمنن مان بدشگوني وٺندا هئا، چوندا هئا تہ جڏهن کان وٽي اهي ماڻهو اسان جي ملڪ ۾ پيدا ٿيا آهن، تڏهن کان وٺي اسان مصيبتن ۽ تڪليفن ۾ گهيرجي ويا آهيون. (مفتي صاحب وڌيڪ فرمائن ٿا:) انسان مصيبتن، آفتن ۾ ڦاسجي توبهہ ڪندو آهي پر اهي ماڻهو ايڏا تہ سرڪش هئا جو انهن سيني سان انهن جون اکيون نہ کليون بلڪ انهن جو ڪفر ۽ سرڪشي ويتر وڌي وئي جو جڏهن بہ اسان انهن کي سک ۽ آرام، تمام گهٽي مقدار ۾ شيون وغيره ڏيندا آهيون تہ اهي چوندا آهن تہ اهي سک ۽ آرام اسان جون پنهنجون شيون آهن اسان انهي جا حقدار آهيون ۽ اهو سک اسان جي پنهنجي ڪوشش جي ڪري آهي. (تفسير نعيمي 117/9)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (2) قومِ ثمود حضرت صالح عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام مان بدشگوني ورتي

حضرت سيدنا صالح عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جن کي قومِ ثمود ڏانهن مبعوث ڪيو ويو تہ جيئن انهن کي هڪ ربّ عَزَّوَجَلَّ جي عبادت جي طرف سڏين. جڏهن پاڻ عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام انهن کي ان جي دعوت ڏني تہ هڪ ٽولي اوهان تي ايمان آندو، جڏهن تہ ٻيو ٽولو پنهنجي ڪفر تي قائم رهيو ۽ حضرت سيدنا صالح عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جن کي چئلينج ڪرڻ لڳو تہ اي صالح! جنهن عذاب جو تون واعدو ڪرين ٿو ان عذاب کي آڻ جيڪڏهن تون رسولن مان آهين! جواب ۾ پاڻ عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام انهن کي سمجهائيندا هئا تہ اوهان

عافيّت جي پيٺ ۾ مصيبت ۽ عذاب کي چو تا طلب ڪريو، عذاب نازل ٿيڻ کان پهريان ڪفر کان توبهه ڪري ايمان آڻي **الله** عَزَّوَجَلَّ کان بخشش ڇو نٿا گهرو، شايد اوهان تي رحم ٿئي ۽ دنيا ۾ عذاب نه ڪيو وڃي. پر قوم ڪوڙو چوڻ لڳي ان جي سبب برسات رڪجي وئي، ڏڪار پئجي ويو، ماڻهو بک وگهي مرڻ لڳا. ان ڪي انهن حضرت سيدنا صالح عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي تشريف آوري جي طرف منسوب ڪيو ۽ اوهان جي آمد کي بدشگوني سمجهيو ۽ چوڻ لڳا: اسان اوهان ۽ اوهان جي ساٿين مان برو شگون ورتو. حضرت سيدنا صالح عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جن فرمايو: توهان جي بدشگوني **الله** وٽ آهي بلڪ توهان ماڻهو فتني ۾ پيا آهيو يعني آزمائش ۾ وڌا ويا آهيو يا پنهنجي دين جي ڪري عذاب ۾ مبتلا ٿيا آهيو.

(سورة النّمل پ 19 آيت 45 تا 47 مع تفسير خزائن العرفان ص 706)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (3) مبلّغن کي منحوس چوڻ وارا بدبخت ماڻهو

حضرت سيدنا عيسيٰ عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جن پنهنجي ٻن حوارين صادق ۽ صدوق کي انطاڪيه موڪليو ته جيئن اتان جي ماڻهن کي جيڪي بُت پُرست هئا دين حق جي دعوت ڏين. جڏهن اهي ٻئي شهر جي ويجهو پهتا ته انهن هڪ پوڙهو شخص ڏٺو، جيڪو ٻڪريون چاري رهيو هو، ان شخص جو نالو حبيب نجّار هو، ان انهن کان حال احوال پڇيو، انهن ٻنهي چيو ته اسان حضرت سيدنا عيسيٰ عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جا موڪليل قاصد آهيون اوهان کي دين حق جي دعوت ڏيڻ آيا آهيون جو بُت پرستي ڇڏي خدا پرستي اختيار ڪريو. حبيب نجّار نشاني گهري، انهن چيو ته نشاني هي آهي ته اسان بيمارن کي

تندرست ڪندا آهيون، انڌن کي سڄو ڪندا آهيون، ڪوڙهه واري مريض جو مرض ختم ڪندا آهيون. حبيب نجّار جي ٻن سالن جو پٽ بيمار هو، انهن ان تي هٿ ڦيرايو اهو تندرست ٿي ويو، حبيب نجّار ايمان آندو ۽ انهيءَ واقعي جي خبر مشهور ٿي وئي ايتريقدر جو ڪيترائي ماڻهو انهن جي هٿان تندرست ٿي ويا. اها خبر پوڻ تي بادشاهه انهن کي گهرائي چيو: ڇا اسان جي معبودن کان سواءِ ٻـ ڪو ٻيو معبود آهي؟ انهن ٻنهي چيو: ”هائو! اهو جنهن توکي ۽ تنهنجي معبودن کي پيدا ڪيو آهي“ پوءِ ماڻهو انهن جي پويان پئجي ويا ۽ انهن کي مارڻ لڳا تنهن ڪانپوءِ انهن ٻنهن کي قيد ڪيو ويو پوءِ حضرت سيدنا عيسيٰ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام حضرت شمعون (رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ) کي موڪليو، اهي اجنبي ٻڻجي شهر ۾ داخل ٿيا ۽ بادشاهه جي ويجهن ساٿين سان واسطو ناهي، بادشاهه تائين رسائي حاصل ڪئي ۽ ان کي متاثر ڪيائون. جڏهن ڏنائين تہ بادشاهه انهن سان خوب مانوس ٿي چڪو آهي تہ هڪ ڏينهن بادشاهه سان ذڪر ڪيائين تہ جيڪي ٻہ ماڻهو قيد ڪيا ويا آهن انهن جي ڳالهه ٻڌي وئي هئي؟ اهي ڇا پيا چون؟ بادشاهه چيو تہ نہ، جڏهن انهن نئين دين جو نالو ورتو تہ يڪدم مون کي ڪاوڙ لڳي. حضرت شمعون (رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ) چيو تہ جيڪڏهن بادشاهه جي اجازت هجي تہ انهن کي گهرايو وڃي، ڏسؤن تہ انهن وٽ ڇا آهي؟ اهڙي طرح اهي ٻئي گهرايا ويا، حضرت شمعون (رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ) انهن کان پڇيو تہ اوهان کي ڪنهن موڪليو آهي؟ انهن چيو: ان **الله** عَزَّوَجَلَّ جنهن هر شيءِ کي پيدا ڪيو آهي ۽ هر ساهه واري کي روزي ڏني ۽ جنهن جو ڪو شريڪ ناهي، حضرت شمعون (رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ) چيائين: ان جي مختصر صفت بيان ڪريو. انهن

چيو: اهو جيڪو چاهيندو آهي ڪندو آهي، جيڪو چاهي حڪم ڪري. حضرت شمعون (رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ) چيو: توهان جي نشاني ڪهڙي آهي؟ انهن چيو: ”جيڪو بادشاهه چاهي.“ بادشاهه هڪ انڌو ڇوڪرو گهرايو، انهن دعا ڪئي اهو هڪدم ڏسڻ لڳو. حضرت شمعون (رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ) بادشاهه کي چيو ته هاڻي مناسب هي آهي ته تون پنهنجي معبودن کي چئو ته اهي به ائين ڪري ڏيکارين ته جيئن تنهنجي ۽ انهن جي عزت ظاهر ٿئي. بادشاهه حضرت شمعون (رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ) کي چيو ته توکان ڇا لڪائجي، اسان جو معبود نه ڏسي، نه ٻڌي، نه ڪجهه بگاڙي، نه بڻائي سگهي ٿو پوءِ بادشاهه انهن ٻنهي حوارين کي چيو ته جيڪڏهن اوهان جي معبود کي زنده ڪرڻ جي قدرت آهي ته اسان ان تي ايمان آڻينداسين. انهن چيو: اسان جو معبود هر شيءِ تي قادر آهي. بادشاهه هاري جي ڇوڪري جو لاش گهرايو، جنهن کي مُئي ست ڏينهن ٿي چڪا هئا ۽ جسم خراب ٿي چڪو هو، بدبو ڦهلجي رهي هئي، انهن جي دعا سان الله عَزَّوَجَلَّ ان کي زنده ڪيو ۽ اهو اٿي بيهي رهيو ۽ چوڻ لڳو ته مان شرڪ جي حالت ۾ مُئو هئس، مون کي جهنّم جي ستن وادين ۾ داخل ڪيو ويو، مان اوهان کي آگاهه ڪيان ٿو ته جنهن دين تي اوهان آهيو ڏاڍو نقصانڪار آهي، ايمان آڻيو ۽ چوڻ لڳو ته آسمان جو دروازو کليو ۽ هڪ خوبصورت جوان مون کي نظر آيو جيڪو انهن ٽنهي شخصن جي سفارش ڪري پيو، بادشاهه چيو: ڪير ٽي؟ ان چيو: هڪ شمعون ۽ ٻه اهي (قيدي). (اهو ٻڌي) بادشاهه کي تعجّب ٿيو. جڏهن حضرت شمعون (رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ) ڏٺو ته انهن جي ڳالهه بادشاهه تي اثر ڪيو آهي ته انهن بادشاهه کي نصيحت ڪئي، انهيءَ ايمان آندو ۽ ان جي قوم جي

ڪجھ ماڻھن ايمان آندو ۽ ڪن نہ آندو بلڪ چوڻ لڳا: اسان اوھان کي منحوس سمجھؤن ٿا ڇو جو جڏھن کان وٺي توھان ھتي آيا آھيو تڏھن کان وٺي برسات ئي ناھي پئي، بيشڪ اوھان جيڪڏھن پنھنجي دين جي تبليغ کان نہ رڪيؤ تہ اسان اوھان کي ضرور سنگسار ڪنداسين ۽ بيشڪ اسان جي ھٿان اوھان کي دردناڪ سزا ملندي. انھن فرمايو: اوھان جي نحوست (يعني اوھان جو ڪُفر) تہ توھان سان گڏ آھي، ڇا ان ڳالھ تي ڪاوڙجو ٿا جو توھان کي سمجھايون ٿا ۽ اوھان کي اسلام جي دعوت ڏيون ٿا! بلڪ توھان حد کان وڌندڙ ماڻھو آھيو گمراھي ۽ سرڪشي ۾ ۽ اھائي وڏي نحوست آھي. (سوره يٰسين آيت 13 تا 19 مع تفسير خزائن العرفان ص 816)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (4) يھودين ۽ منافقن آمد مصطفيٰ مان بدشگوني ورتي

سورة النساء آيت 78 ۾ آھي:

وَ اِنْ تُصِبْهُمْ حَسَنَةٌ يَّقُوْلُوْا هٰذِهٖ مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ ۚ وَ اِنْ تُصِبْهُمْ سَيِّئَةٌ يَّقُوْلُوْا هٰذِهٖ مِنْ عِنْدِكَ ؕ قُلْ كُلٌّ مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ ؕ فَمَالِ هٰۤؤُلَآءِ الْقَوْمِ لَا يَكَادُوْنَ يَفْقَهُوْنَ حَدِيْثًا ﴿۷۸﴾

(پ5، النساءِ 78)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ انھن کي ڪا ڀلائي چون ھيءَ الله جي طرف کان آھي ۽ جي انھن کي ڪا بُرائي پھچي تہ چون ھي حضور جي طرف کان آئي تون فرماءِ سڀ الله جي طرف کان آھي انھن ماڻھن کي ڇا ٿيو جو ڪا ڳالھ سمجھڻ جي ويجھو ئي نہ آھن.

مُفَسِّر شَہِير حڪيم الاُمَّت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْحَنَّان

انھيءَ آيت جي تحت لکن ٿا: **جڏھن حضور سيِّد عالم** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **ھجرت فرمائي مديني شريف** (زَادَھَا اللّٰہُ شَرَفًا وَّ تَعْظِیْمًا) **۾ رونق افروز ٿيا ۽ مديني جي يھودين کي اسلام جي دعوت ڏني تہ اڪثر يھودين سرڪشي ڪندي حضور** (صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) **جن جي مخالفت ڪرڻ ۾** سرگرم ٿي ويا ۽ انھن مان ڪي ماڻھو تقِيّو ڪري (يعني پنھنجي ڪُفر کي لڪائي) ڪلمو پڙھي مسلمانن سان گڏجي ويا ۽ ھر طرح سان مسلمانن کي نقصان پھچائڻ لڳا جنھن جي سزا ۾ ڪڏھن اتي وقت تي برسات نہ پوندي ھئي ڪڏھن ميوا گھٽ ٿيندا ھئا جيئن اڳين امتن جو حال ٿيندو رھيو آھي تہ مَردود يھودين ۽ منافقن چيو تہ **نُعُوذُ باللّٰه انھيءَ** صاحب (محمد رسول **اللّٰه** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) **جي قدم** مبارڪ رکڻ سان اسان وٽ خيروبرڪت گھٽجي وئي آھي، اھي سڀئي مصيبتون ان جي آمد سان ٿيون آھن. انھن جي ردّ ۾ اھا آيت ڪريمہ نازل ٿي. (مفتي صاحب وڌيڪ لکن ٿا:) ھاڻي بہ ڪي ڪافر مسلمانن کي منحوس سمجھندا آھن بلڪ ڪي جاھل تہ مسلمان نمازي پرھيزگار مُتّقي کي منحوس ۽ انھن جي نيڪ عملن کي نحوست چوندي ٻڌا ويا آھن، اھي سڀ انھن شيطانن جو ترڪو (يعني چڙيل شيءِ) آھي. (تفسير نعيمي 240/5)

## حضور پُرنور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي آمد سان يَثرَب مدينو بڻيو

مفتي صاحب وڌيڪ لکن ٿا: انھيءَ زماني پاڪ ۾ صديقين تہ چوندا ھئا حضور (صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) جن جي تشريف آوري سان اسان جو يثرب مدينو شريف بڻجي ويو، ايتري قدر جو ھتان جي مٽي شفاء، ھتان جي آبھوا علاج بڻجي وئي پر منافق ۽ يھودي يعني

زنديق چوندا هئا تہ حضور (صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) جن جي قدم سان مديني جون برڪتون ڪڇي ويون. اعليٰ حضرت (رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ) جن ڪيڏو نہ سھڻو فرمايو آھي:

کوئی جان بس کے مہک رہی کسی دل میں اس سے کھٹک رہی!
نہیں اس کے جلوے میں یک رہی کہیں پھول ہے کہیں خار ہے

اسان عرض ڪيو آھي:

طیبہ کی زینت ان ہی کے دَم سے کعبہ کی رونق ان کے قدم سے!!
کعبہ ہی کیا ہے سارے جہاں میں دُھوم ہے ان کی کون و مکاں میں!

يعني حضور (صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) جن جي آمد جي سبب مديني جا ماڻھو پاڻ ۾ کيرکنڊ ٿي ويا. حضور (صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) جن جي صدقي مدينو سڄي دنيا جي اکين جو تارو ۽ آڙين آڌار بڻجي ويو، حضور (صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) جن جي ڪري مديني جون سوين تاريخون لکيون ويون ۽ ھي تاريخي مقام بڻجي ويو، حضور (صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) جن جي صدقي مديني جي تعريف ۾ ھزارين قصيدا لکيا ويا، ڪنھن شھر کي اھا عزت نہ ملي، حضور (صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) جن جي صدقي مديني ڏانھن سموري مخلوق جي سِڪ وڌڻ لڳي، حضور (صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) جن جي صدقي مديني کي مدينہ منوره چيو وڃڻ لڳو، اھي سڀ بھارون انھن جي صدقي آھن. (تفسير نعيمي 243/5)

کر کے ہجرت یہاں آگئے مصطفٰے روشنی آج گھر گھر مدینے میں ہے
جانتے ہو مدینہ ہے کیوں دل پسند دونوں عالَم کا دِلبر مدینے میں ہے
نور کی دیکھو برسات ہے چار سُو کیا سماں کیف آور مدینے میں ہے
ہے مدینے کا رُتبہ بڑا خُلد سے کیوں کہ محبوبِ داوَر مدینے میں ہے

سبز گنبد کا عطّار منظر تو دیکھ
کس قدر کیف آور مدینے میں ہے[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## برائي پاڻ ڏانهن منسوب ڪرڻ گهرجي

سوره نساء آيت 79 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

مَآ اَصَابَكَ مِنْ حَسَنَةٍ فَمِنَ اللّٰهِ ز وَمَآ اَصَابَكَ مِنْ سَيِّئَةٍ فَمِنْ نَّفْسِكَ ط (پ5، النساءِ 79)

**ترجموڪنزالايمان:** اي ٻڌندڙ توکي جيڪا چڱائي پهچي اها الله جي طرف کان آهي ۽ جيڪا بُرائي پهچي اها تنهنجي پنهنجي طرف کان آهي.

صدرُالافاضل حضرت علاّمہ مولانا سيد محمد نعيم الدين مراد آبادي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْهَادِي انهيءَ آيت جي تحت لکن ٿا: تو اهڙا گناهہ ڪيا جو تون انهيءَ جو مستحق ٿئين. مسئلو: هتي برائي جي نسبت ٻانهي ڏانهن مجازي طور آهي ۽ مٿي جيڪو ذڪر ٿيو اها حقيقت هئي. ڪن مفسّرن فرمايو تہ برائي جي نسبت ٻانهي ڏانهن ادب جي لحاظ کان آهي، خلاصو هي آهي تہ ٻانهو جڏهن فاعل حقيقي ڏانهن نظر ڪري تہ هر شيءِ کي ان جي طرفان سمجهي ۽ جڏهن اسباب تي نظر ڪري تہ برائين کي پنهنجي نفس جي وبال جو سبب سمجهي. (خزائن العرفان ص 177)

## مشرڪ بدشگوني ڪندا هئا

حافظ شهاب الدّين احمد بن علي بن حجر عسقلاني شافعي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْهَادِي لکن ٿا: جاهليّت واري زماني ۾ مشرڪ پکين تي

مدينہ

[1] مڪمل ڪلام پڙهڻ جي لاءِ "وسائلِ بخشش" (مڪتبة المدينہ جو شايع ٿيل) جو 150 نمبر صفحو ملاحظو ڪيو.

اعتماد ڪندا هئا، جڏهن انهن مان ڪو شخص ڪنهن ڪم جي لاءِ نڪرندو هو تہ اهو پکين ڏانهن ڏسندو هو، جيڪڏهن اهو پکي ساڄي طرف اڏامندو هو تہ اهو ان مان نيڪ شگون مراد وٺندو هو ۽ پنهنجي ڪم لاءِ روانو ٿيندو هو ۽ جيڪڏهن اهو پکي کاٻي طرف اڏامندو هو تہ اهو ان کي بدشگوني سمجهندو هو ۽ واپس موٽي ايندو هو، ڪڏهن ڪڏهن اهي ڪنهن مهم تي رواني ٿيڻ کان پهريان خود پکي اڏائيندا هئا، پوءِ جنهن طرف اهو اڏامندو هو ان تي اعتماد ڪري ان مطابق مهم تي روانا ٿيندا يا رڪجي ويندا هئا. جڏهن شريعت آئي تہ انهن کي ان طريقي کان روڪي ڇڏيو.

(فتح الباري 180/11)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## اهو اوهان جي ذهن جو وهم آهي

حضرت سيدنا معاويہ بن حَكم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ بيان ڪن ٿا: مون بارگاهه رسالت ۾ عرض ڪيو: يارسول **الله** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! اسان جاهليّت واري دؤر ۾ ڪجهه ڪم ڪندا هئاسين (اوهان اسان کي ان جو حڪم ٻڌايو؟) اسان ڪاهنن وٽ ويندا هئاسين. سرڪار عالي وقار، مديني جي تاجدار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ڪاهنن وٽ نہ وڃو، مون پڇيو: اسان (پکين وغيره مان) سؤڻ ساڻ وٺندا آهيون؟ ارشاد فرمايائون: اها هڪ شيءِ (يعني خيال) آهي جنهن کي توهان مان ڪو پنهنجي دل ۾ محسوس ڪندو آهي پر هي توهان کي (توهان جي حاجت وغيره کان) نہ روڪي ڇڏي.

(مسلم شريف ص 1223 حديث 537، مرقاة المفاتيح 358/8)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

# پڪي بہ تقدير مطابق اڏامندا آهن

حضرت سيِّدُنا ابوبُردہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه بيان ڪن ٿا: مان حضرت سيِّدُتنا عائشہ صدّيقہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا جي خدمت ۾ حاضر ٿي عرض ڪيو: مون کي ڪا اهڙي حديث ٻڌايو جيڪا رسول الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان اوهان پاڻ ٻڌي هجي؟ اُمُّ المؤمنين رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا جواب ڏنو: رسول الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: پڪي تقدير جي مطابق اڏامندا آهن. (ان ڪري ان جي ساڄي کاٻي اڏامڻ ۾ ڪا تاثير ناهي) (التيسير شرح جامع الصغير 123/2) ۽ نبي ڪريم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سٺو سُنوڻ پسند فرمائيندا هئا. (مسند امام احمد 450/9 حديث 25036)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# بدفالي جي ڪا حقيقت ناهي

بخاري شريف ۾ حضرت سيِّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه کان روايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: عدویٰ ناهي (يعني بيماري لڳڻ ۽ وچڙڻ ناهي) ۽ نہ بدفالي آهي ۽ نہ هامَّة آهي، نہ صفر ۽ ڪوڙهي کان ڀڄو، جيئن شينهن کان ڀڄندا آهيو.

(بخاري 24/4 حديث 5707، عمدة القاري 692/14 تحت الحديث 5707)

شارحِ بخاري مفتي محمد شريف الحق امجدي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِی انهيءَ حديث جي جيڪا شرح فرمائي آهي ان مان حاصل ٿيڻ وارا ڪجهہ مدني گل پيش ڪريان ٿو:

❁ جاهليّت جي زماني وارن جو اعتقاد هوندو هو تہ ڪي بيماريون اهڙيون آهن جيڪي ٻين کي وچڙنديون آهن جيئن ڪوڙهہ، خارش، وبا وغيره، ان جي حضور اقدس صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن نفي فرمائي. هڪ اعرابي حاضر ٿيا، انهن عرض ڪيو تہ اسان جا اُٺ صاف سٿرا

سنا هوندا آهن، انهن ۾ خارش ورتل اٺ شامل ٿيندو آهي ته سيني کي خارش جي بيماري وارو ڪري ڇڏي ٿو، حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: پهرئين کي ڪنهن خارش ۾ مبتلا ڪيو آهي؟ انهن عرض ڪيو: **الله** (عَزَّوَجَلَّ). فرمايائون: اهڙي طرح سيني کي **الله** (عَزَّوَجَلَّ) ئي خارش ۾ مبتلا ڪيو آهي. ❁ عربن جي اها عادت هوندي هئي ته جڏهن سفر لاءِ نڪرندا هئا ته جيڪڏهن ڪو پکي ساڄي طرف اڏامندو هو ته ان کي مبارڪ (برڪت وارو) سمجهندا هئا ۽ جيڪڏهن کابي طرف اڏامندو هو ته ان کي بدشگون سمجهندا هئا اهڙي قسم جا ٻيا به وهم ڦهليل هئا ۽ اڄ اسان جي معاشري ۾ به ڦهليل آهن. حضور نبي پاڪ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن انهن سيني وهمن کي ختم فرمائي ڇڏيو ❁ "هَامَّة" هڪ جهرڪي جو نالو آهي. هڪ قول هي آهي ته اهو چٻرو آهي، جاهليّت جي دؤر وارا اهو اعتقاد رکندا هئا ته اها جهرڪي جڏهن به ڪنهن گهر تي ويهندي آهي ته ان گهر ۾ ڪا مصيبت نازل ٿيندي آهي. اڄڪلهه به جاهلن ۾ اهو مشهور آهي ته چٻرو جنهن گهر ۾ يا جنهن گهر جي ڇت تي ويهي ٻوليندو ته ان گهر ۾ ڪا مصيبت نازل ٿيندي. هڪ قول هي آهي ته جاهليّت واري زماني ۾ اعتقاد هوندو هو ته مئل جا هڏا "هامہ" بڻجي اڏامندا آهن، هڪ قول هي آهي ته انهن جو اعتقاد هي هوندو هو ته جنهن مقتول جو قصاص (يعني بدلو) نه ورتو ويو ته اهو "هامہ" ٿي پوندو آهي ۽ اهو چوندو رهندو آهي مونکي پياريو، مونکي پياريو، جڏهن ان جو قصاص ورتو ويندو آهي ته اهو اڏامي ويندو آهي. انهن سيني وهمن جو حضور نبي اڪرم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ردّ فرمايو ته اهو سڀ ڪجهه ناهي. (يعني ائين ناهي هوندو) (نزهة القاري 502/5)

# ڇا گهر تبديل ڪرڻ سان بَرڪت ختم ٿي ويندي آهي؟

منقول آهي ته هڪ شخص نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيو: يارسول **الله** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان هڪ گهر ۾ رهندا هئاسين ۽ گهڻو مال هو پوءِ اسان گهر تبديل ڪيو، اهڙي طرح اسان جو مال ۽ اهل و عيال گهٽجي ويو. پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ڇڏيو! ائين چوڻ بري ڳالهه آهي. (ادب الدنيا و الدّين للماوردي ص 276)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

# بدشگوني مرادون ڻ منهنجو وهم هو

تفسير روح البيان ۾ آهي ته هڪ شخص جو بيان آهي ته هڪ پيرو مان ايترو ته ڪنگال ٿي ويو هئس جو بک ختم ڪرڻ لاءِ مٽي ڪائڻي پئي پر پوءِ به بک ڏاڍو پريشان ڪيو. مون سوچيو ته ڪاش! ڪو اهڙو شخص ملي وڃي جيڪو مون کي ماني کارائي. اهڙي طرح مان اهڙي ماڻهو جي ڳولا ۾ ايران جي شهر اَهواز ڏانهن روانو ٿيس حالانڪ اتي منهنجو ڪوبه واقف نه هو. جڏهن مان درياءِ جي ڪناري پهتس ته اتي ڪا ٻيڙي ئي موجود نه هئي، مون ان کي بدفالي سمجهيو. پوءِ مون کي هڪ ٻيڙي نظر آئي پر ان ۾ سوراخ هو، اها بي بدفالي ٿي. مون ٻيڙي جي ملّاح جو نالو پڇيو ته ان "ديوزاده" ٻڌايو (جنهن کي عربي ۾ شيطان چيو ويندو آهي) اها ٽين بدفالي ٿي. بهرحال مان انهيءَ ٻيڙي ۾ سوار ٿيس، جڏهن درياءَ جي ٻئي ڪناري تي پهتس ته مون ڏاڍيان چيو ته اي بار کڻڻ وارا

مزدور! منهنجو سامان کڻي هل، ان وقت مون وٽ هڪ پراڻو لحاف ۽ ڪجھ ضروري سامان هو. جنهن مزدور مون کي جواب ڏنو اهو ڪاڻو هو، مون چيو: اها چوٿين بدفالي آهي. مون دل ۾ سوچيو تہ اتان واپس موٽي وڃڻ ۾ ئي عافيّت آهي پر پوءِ پنهنجي حاجت کي ياد ڪري واپسي جو ارادو ختم ڪري ڇڏيم. جڏهن مان مسافرخاني پهتس ۽ اجا اهو سوچي ئي رهيو هئس تہ ڇا ڪريان، انهيءَ دؤران ڪنهن دروازو ڪڙڪايو. مون پڇيو: ڪير؟ تہ جواب مليو، مان اوهان سان ئي ملڻ چاهيان ٿو. مون پڇيو: ڇا تون سڃاڻين ٿو تہ مان ڪير آهيان؟ ان چيو: هائو. مون دل ۾ چيو: ”يا تہ هي دشمن آهي يا بادشاھ جو قاصد!“ مون ٿوري دير سوچڻ کان پوءِ دروازو کوليو. ان شخص چيو: مون کي فلان ماڻهو اوهان ڏانهن هي پيغام ڏئي موڪليو آهي تہ جيتوڻيڪ منهنجا اوهان سان اختلاف آهن پر اخلاقي حقوق جي ادائيگي ضروري آهي، مون اوهان جا حالات ٻڌا آهن، ان لاءِ مون تي لازم آهي تہ اوهان جي ضروريات جو پورائو ڪريان، جيڪڏهن اوهان هڪ يا ٻہ مهينا هتي رهو تہ سڄي زندگي جي اوهان جي ڪفالت جي ترڪيب ٿي ويندي ۽ جيڪڏهن اوهان هتان وڃڻ چاهيو ٿا تہ هي 30 دينار آهن، اهي پنهنجي ضرورتن ۾ خرچ ڪريو ۽ ڀلي وڃو هليا، اسان اوهان جي مجبوري سمجهؤن ٿا. ان شخص جو چوڻ آهي تہ ان کان پهريان مون وٽ ڪڏهن ٻہ 30 دينار گڏ نہ ٿيا هئا ۽ مون کي هي ٻہ معلوم ٿيو تہ بدشگوني جي ڪا حقيقت ناهي. (روح البيان 304/1 ملخصًا)

## تيرن جي ذريعي فال نہ وجهو

7 سيپاري سوره مائده جي آيت نمبر 90 ۾ ارشاد آهي:

يَاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِنَّمَا الْخَمْرُ وَ الْمَيْسِرُ وَ الْاَنْصَابُ وَ الْاَزْلَامُ رِجْسٌ مِّنْ عَمَلِ الشَّيْطٰنِ فَاجْتَنِبُوْهُ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿۹۰﴾ (پ۷، المائدہ: ۹۰)

**ترجموڪنزالايمان:** اي ايمان وارؤ شراب ۽ جُوا ۽ بت ۽ تير ناپاڪ ئي آهن شيطاني ڪم انهن کان بچندا رهو من توهان ڪامياب ٿيو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# تير اڇلائي فال وجهڻ گناهه آهي

6 سيپاري سوره مائده جي آيت نمبر 3 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

وَ اَنْ تَسْتَقْسِمُوْا بِالْاَزْلَامِ ؕ ذٰلِكُمْ فِسْقٌ ؕ (پ6، المائده 3)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ تير وجهي ورهاست ڪرڻ هي گناهه جو ڪم آهي.

صدرُالافاضل حضرت علّامہ مولانا سيد محمد نعيم الدين مراد آبادي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْهَادِی لکن ٿا: جاهليّت واري زماني ۾ ماڻهن کي جڏهن سفر يا جنگ يا واپار يا نڪاح وغيره لاءِ وڃڻو پوندو هو تہ اهي ٽن تيرن سان فال وجهندا هئا ۽ جيڪو نڪرندو هو، ان جي مطابق عمل ڪندا هئا ۽ ان کي حڪمِ الٰهي سمجهندا هئا، انهن سيني کان منع فرمايو ويو. (خزائن العرفان ص 207) بريقہ محموديہ شرح طريقہ محمديّہ ۾ آهي: ٽن تيرن مان هڪ تي لکيل هوندو هو: اَمَرَنِيْ رَبِّيْ (يعني مون کي منهنجي ربّ حڪم ڪيو) ٻئين تي نَهَانِيْ رَبِّيْ (مونکي منهنجي ربّ روڪيو) ۽ ٽئين تير تي ڪجهہ بہ لکيل نہ هوندو هو، جيڪڏهن پهريون تير نڪرندو هو تہ اهو ڪم ڪندا هئا، جيڪڏهن ٻيو نڪرندو هو تہ ان ڪم کان رڪجي ويندا هئا ۽ جيڪڏهن ٽيون نڪرندو هو تہ وري تيرن جي ذريعي فال وجهندا هئا. انهن تيرن ۽ اهڙي نموني جي ٻين شين جو استعمال جائز ناهي. (بريقہ محموديہ شرح طريقہ محمّديہ 385/2)

## قرآني فال وجهڻ ناجائز آهي

ڪي ماڻهو قرآن مجيد جو ڪوبہ صفحو ڪولي سڀ کان پهرين آيت جي ترجمي سان پنهنجي ڪم جي باري ۾ هٿرادو مفهوم مراد وٺي فال وجهندا آهن، اهڙي طرح فال وجهڻ ناجائز آهي. حديقہ نديہ ۾ آهي: قرآني فال، فال دانيال ۽ ان قسم جون ٻيون فالون جيڪي اڄڪلهہ وڌيون ويندڙيون آهن نيڪ فال جي زمري ۾ نہ ٿيون اچن بلڪ انهن جو بہ اهوئي حڪم آهي جيڪو تيرن ذريعي فال وجهڻ جو آهي، تنهن ڪري اهي سڀ ناجائز آهن. (حديقہ نديہ شرح طريقہ محمّديہ 26/2 ملخصًا) جڏهن تہ بريقہ محموديہ ۾ آهي: قرآن پاڪ مان بدشگوني وٺڻ مڪروهہ تحريمي آهي. (بريقہ محموديہ شرح طريقہ محمّديہ 386/2)

## هڪ عبرتناڪ حڪايت

هڪ ڏينهن وليد بن يزيد بن عبدالملڪ قرآن پاڪ مان فال وڌي تہ جيئن ئي قرآن پاڪ کوليائين تہ هي آيت مبارڪ نڪتي:

وَاسْتَفْتَحُوْا وَخَابَ كُلُّ جَبَّارٍ عَنِيْدٍ ﴿۱۵﴾ (پ13، ابراهيم 15)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ انهن فيصلو گهريو ۽ هر سرڪش هٺيلو ناڪام ٿيو.

پوءِ تہ وليد بن يزيد قرآن پاڪ کي (مَعاذَالله عَزَّوَجَلَّ) شهيد ڪري ڇڏيو ۽ هي شعر پڙهڻ لڳو:

أَتَوَعَّدُ كُلَّ جَبَّارٍ عَنِيْدٍ     فَهَا أَنَا ذَاكَ جَبَّارٌ عَنِيْدُ

إِذَا مَا جِئْتَ رَبَّكَ يَوْمَ حَشْرٍ     فَقُلْ يَا رَبِّ خَرَّقَنِي الْوَلِيْدُ

ترجمو: ڇا تون هر سرڪش ۽ متڪبر کي ڌمڪي ڏين ٿو (مَعاذَالله عَزَّوَجَلَّ) هائو! مان ئي آهيان اهو سرڪش ۽ متڪبر، جڏهن تون قيامت جي ڏينهن پنهنجي ربّ وٽ حاضر ٿئين تہ چئجان مون کي وليد شهيد ڪيو هو.

ان واقعي جي ٿورن ڏينهن کان پوءِ کنهن وليد کي بيدردي سان قتل ڪيو، ان جي سِرُ کي پهريان ان جي محل پوءِ شهر جي پيتين تي لٽڪايو ويو. (ادب الدّنيا و الدّين ص 276)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## انهن ڪڏهن فال وارو تير نہ اڇلايو

حضرت سيِّدُنا عبدالله بن عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا کان روايت آهي تہ رسول اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن بيت الله ۾ تصويرون ڏٺيون تہ داخل نہ ٿيا ايتريقدر جو انهن کي پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حڪم سان مٽايو ويو. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت سيِّدُنا ابراهيم ۽ حضرت سيِّدُنا اسماعيل عَلَيْهِمَا السَّلَام جي تصويرن کي ڏٺو تہ انهن جي هٿن ۾ فال جا تير هئا، پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: الله عَزَّوَجَلَّ انهن ماڻهن (يعني تصويرون ناهڻ وارن) کي هلاڪ ڪري، خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! انهن ٻنهي بزرگن ڪڏهن انهن تيرن جي ذريعي قسمت معلوم ناهي ڪئي. (بخاري 421/2 حديث 3352)

## فال جا تير ڪهڙا ٿيندا آهن؟

شارح بخاري مفتي محمد شريف الحق امجدي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی انهيءَ حديث جي تحت لکن ٿا: مشرڪن فال جا ست تير ناهي ڇڏيا هئا. هڪ تي لکيل هو "نَعَمْ (هائو)" ٻئي تي "لَا (نہ)" ٽئين تي "مِنْهُمْ (انهن مان)" چوٿين تي "مِنْ غَيْرِهِمْ (انهن کان سواءِ)" پنجين تي "مُلْصَق (وابستہ ٿيڻ وارو)" ڇهين تي "اَلْعَقْل (ديّت)"[1] ستين تي "فَضْلُ الْعَقْل (بقايا ديّت)" اهي تير ڪعبي جي خادم وٽ هوندا هئا. مشرڪ

[1] دِيت ان مال کي چئبو آهي جيڪو نفس (جان) جي بدلي ۾ لازم ٿيندو آهي. (بهارِ شريعت 830/3)

جڏهن بہ ڪيڏانهن وڃڻ يا شادي ڪرڻ جو ارادو ڪندا هئا يا انهن ڪي ٻي ڪا بہ ضرورت پيش ايندي هئي تہ اهو خادم تير اڇلائيندو هو جيڪڏهن "نَعَمۡ (هائو)" نڪرندو هو تہ اهو ڪم ڪندا هئا جيڪڏهن "لَا (نہ)" نڪرندو هو تہ نہ ڪندا هئا ۽ جيڪڏهن ڪنهن جي نسب ۾ شڪ هوندو هو تہ انهن ٽن تيرن کي اڇلائيندا هئا جن تي "مِنۡهُمۡ" "مِنۡ غَيۡرِهِمۡ" "مُلۡصَق" لکيل هوندو هو، جيڪڏهن "مِنۡهُمۡ (انهن مان)" نڪرندو هوتہ انهيءَ جو نسب درست آهي ۽ جيڪڏهن "مِنۡ غَيۡرِهِمۡ (انهن کان سواءِ)" نڪرندو هوتہ چوندا هئا اهو قوم مان ناهي، ان جو حليف آهي ۽ جيڪڏهن "مُلۡصَق (وابستہ ٿيڻ وارو)" نڪرندو هو تہ چوندا هئا تہ ان جو هن قوم سان نہ نسب آهي نہ ان جو حليف آهي ۽ جيڪڏهن ڪو جُرم ڪندو هو ۽ ان ۾ اختلاف ٿيندو هو تہ ان جي ديت (مالي تاوان) ڪنهن تي آهي تہ بقايا ٻنهي تيرن کي استعمال ڪيو ويندو هو تہ پوءِ هڪ ڏر کي متعين ڪري تير اڇلائيندا هئا. جيڪڏهن ان جي نالي تي "عَقۡل (ديّت)" وارو تير نڪرندو هو تہ ان تي ديّت لازم ڪندا هئا ۽ ٻي ڌر کي بَري (يعني آزاد) ۽ جيڪڏهن اهو سڄي رقم نہ پري سگهندو هو تہ اختلاف ٿي پوندو هو تہ ڪير ادا ڪري؟ تہ پوءِ "فَضۡلُ الۡعَقۡل (بقايا ديّت)" وارو تير اڇلائيندا هئا جنهن جي نالي تي ڪِرندو هو، رقم اهو ادا ڪندو هو. ان جي تفصيل ۾ ٻيا بہ قول آهن، مون تعارف لاءِ انهيءَ هڪ جو ذڪر ڪيو آهي، اهو وهم پرستي، جهالت هئي بلڪ نسب ۽ ديّت جي معاملي ۾ ظلم، ان لاءِ اسلام انهيءَ جي سختي سان منع ڪئي آهي. ارشاد آهي: وَاَنۡ تَسۡتَقۡسِمُوۡا بِالۡاَزۡلَامِ ؕ (پ6، المائده 3) ۽ توهان تي تيرن جي ذريعي احوال معلوم ڪرڻ حرام ڪيو ويو آهي. (نزهة القاري 105/3)

## فال ڪولڻ جي باري ۾ اعليٰ حضرت جي فتويٰ

منهنجي آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مُجَدّد دين ۽ ملت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن جن کان اهڙي شخص جي باري ۾ **سوال** ڪيو ويو تہ جيڪو شخص فال ڪوليندو هجي، ماڻهن کي چوندو هجي: توهان جو ڪم ٿي ويندو يا نہ ٿيندو، اهو اوهان جي واسطي سنو هوندو يا برو هوندو، ان ۾ نفعو ٿيندو يا نقصان؟ تہ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه **جواب** ڏنو: (1) جيڪڏهن قطعي ۽ يقيني حڪم لڳائيندو هجي تہ پوءِ اهو مسلمان ئي ناهي، ان جي تصديق ڪرڻ واري کي صحيح حديث ۾ فرمايو آهي: فَقَدْ كَفَرَ بِمَا نُزِّلَ عَلٰى مُحَمَّد يعني انهيءَ ان شيءِ جو ڪفر (يعني انڪار) ڪيو جيڪا محمد صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي نازل ڪئي وئي. (ترمذي شريف 185/1 حديث 135) ۽ (2) جيڪڏهن يقين نٿو ڪري تڏهن بہ عام طور تي جيڪا فال ڏسڻ رائج آهي معصيّت (يعني گناهہ) کان خالي ناهي. (فتاويٰ رضويہ 100/23 ملخصًا)

## فال جي اُجرت وٺڻ جو حڪم

مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الحَنّان تفسير نعيمي ۾ لکن ٿا: فال ڪولڻ يا فال ڪولڻ تي اجرت وٺڻ يا ڏيڻ سڀ حرام آهي. (نورالعرفان پ 7 المائده 90)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## استخارو سيڪاريندا هئا

سرڪار عالي وقار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ماڻهن کي فال جي بدران استخاري جي تعليم ڏني آهي. حضرت سيِّدُنا جابر بن عبدالله رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا کان روايت آهي تہ رسولِ اڪرم، نُور مُجسّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اسان کي سيني معاملن ۾ استخاري

جي تعليم ڏيندا هئا جيئن قرآن جي سورت جي تعليم ڏيندا هئا.
(بخاري شريف 393/1 حديث 1162)

مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الحنّان انهيءَ حديث پاڪ جي تحت لکن ٿا: استخاري جي معنيٰ آهي خير گهرڻ يا ڪنهن کان ڀلائي جو مشورو ڪرڻ، جڏهن ته ان دُعا ۽ نماز ۾ ٻانهو ڄڻ ته **الله** عَزَّوَجَلَّ سان مشورو ڪري ٿو ته فلان ڪم ڪيان يا نه ڪيان، ان ڪري انهيءَ کي استخارو چوندا آهن. (مرأة المناجيح 301/2)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## استخاري ڪرڻ واري کي نقصان ناهي ٿيندو

حضورِ پاڪ، صاحب لولاڪ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عاليشان آهي: مَا خَابَ مَنِ اسۡتَخَارَ، وَلَا نَدِمَ مَنِ اسۡتَشَارَ، وَلَا عَالَ مَنِ اقۡتَصَدَ يعني جيڪو استخارو ڪري اهو نقصان ۾ نه رهندو، جيڪو مشوري سان ڪم ڪندو، اهو پشيمان نه ٿيندو ۽ جنهن وچٿرائي اختيار ڪئي اهو محتاج نه ٿيندو. (مجمع الزوائد 566/2 حديث 3670)

## استخارو نه ڪرڻ جو نقصان

سرڪار عالي وقار، مديني جي تاجدار صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: مِنۡ شَقَاوَةِ ابۡنِ اٰدَمَ تَرۡكُهُ اسۡتِخَارَةَ اللّٰهِ يعني ٻانهي جي بدبختي مان آهي ته اهو الله تعاليٰ کان استخارو ڪرڻ ڇڏي ڏئي.
(ترمذي شريف 60/4 حديث 2158)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## استخارو ڪهڙن ڪمن جي باري ۾ ٿيندو آهي؟

استخارو صرف انهن ڪمن جي باري ۾ ٿي سگهندو آهي

جيڪي هر مسلمان جي راءِ تي ڇڏيا ويا آهن مثال طور واپار يا ملازمت مان ڪنهن جو انتخاب ڪيو وڃي؟ سفر لاءِ ڪهڙو ڏينهن يا ڪهڙو ذريعو مناسب رهندو؟ دڪان يا گهر جي خريداري صحيح رهندي يا نه؟ ڪهڙي علائقي ۾ رهائش مناسب ٿيندي؟ شادي ڪٿان ڪئي وڃي؟ وغيره وغيره. جن ڪمن جي باري ۾ شريعت واضح حڪم بيان ڪيا آهن انهن ۾ استخارو ناهي ٿيندو، جيئن پنج وقتي فرض نمازون، مالدار ٿيڻ جي صورت ۾ زڪوٰة جي ادائگي، رمضان المبارڪ جي روزن وغيره جي باري ۾ استخارو نه ڪيو ويندو ته مان نماز پڙهان يا نه پڙهان؟ زڪوٰة ادا ڪيان يا نه ڪيان؟ اهڙي طرح ڪوڙ هڻڻ يا ڪنهن جو حق ڦٻائڻ وغيره جن ڪمن کان شريعت منع ڪئي آهي اهي ڪيان يا نه ڪيان؟ بلڪ انهن سڀني ڪمن ۾ شريعت جي هدايتن تي عمل ڪرڻ ضروري آهي ۽ استخاري جي لاءِ هي به شرط آهي ته اهي ڪم جائز هجن، ناجائز ڪاروبار وغيره لاءِ استخارو نه ڪيو ويندو. حڪيم الامّت مفتي احمد يار خان نعيمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْغَنِی استخاري جي باري ۾ حديث پاڪ جي شرح بيان ڪندي ارشاد فرمائن ٿا: هن شرط سان ته اهو ڪم نه حرام هجي، نه فرض و واجب ۽ روزمره جو عام ڪم، ان ڪري نماز پڙهڻ، حج ڪرڻ يا ڪاڏو ڪائڻ، پاڻي پيئڻ تي استخارو ناهي.

(مرأة المناجيح 301/2)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ان ڪم جو مڪمل ارادو نه ڪيو هجي

استخاري جي آداب مان هي به آهي ته استخارو اهڙي ڪم جي متعلق ڪيو وڃي، جنهن جي ڪرڻ جي باري ۾ طبيعت جو

ڪنهن طرف لاڙو نہ هجي چوتہ جيڪڏهن ڪنهن هڪ طرف رغبت پيدا ٿي چڪي هوندي تہ پوءِ استخاري جي مدد سان صحيح صورتحال جو واضح ٿيڻ ڏاڍو مشڪل ٿي پوندو. (فتح الباري 155/12 ملخصًا) صدر الشريعہ، بدر الطريقہ حضرت علاّمہ مفتي محمد امجد علي اعظمي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡقَوِی بهار شريعت جلد 1 صفحي 683 تي لکن ٿا: استخاري جو وقت ان وقت تائين آهي جيستائين هڪ طرف راءِ چڱي طرح نہ جمي چڪي هجي. (بهار شريعت 683/1) مفسر شهير حڪيم الامّت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡحَنَّان لکن ٿا: هي بہ ضروري آهي تہ ان ڪم جو مڪمل ارادو نہ ڪيو هجي، رڳو خيال هجي، جيئن ڪو ڪاروبار، شادي مرادي، گهر جي تعمير وغيره جو معمولي ارادو هجي ۽ وهم هجي تہ خبر ناهي ان ۾ ڀلائي هوندي يا نہ، تہ پوءِ استخارو ڪري. (مرأة المناجيح 301/2)

استخاري جو مطلب آهي طلبِ خير (يعني ڀلائي طلب ڪرڻ) اهڙي طرح استخاري ڪرڻ کان پوءِ ان تي عمل ڪرڻ بهتر آهي، باقي! ڪنهن سبب جي ڪري عمل نہ ڪيو تہ گنهگار نہ ٿيندو.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## استخاري جا مختلف طريقا

استخارو جڏهن تہ ربّ عَزَّوَجَلَّ کان خير طلب ڪرڻ يا ڪنهن کان ڀلائي جو مشورو ڪرڻ کي چوندا آهن، ان ڪري مختلف دعائن جي ذريعي ربّ تعاليٰ کان استخارو ڪيو ويندو آهي، جنهن ۾ هڪ دعا نماز کان پوءِ گهري ويندي آهي ان ڪري ان نماز کي نماز استخاره چيو ويندو آهي.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

# نماز استخاره جو طريقو

جڏهن ڪو ڪنهن ڪم جو ارادو ڪري ته ٻه رڪعت نفل پڙهي پوءِ چوي.

اَللّٰھُمَّ اِنِّیْ اَسْتَخِیْرُکَ بِعِلْمِکَ وَاَسْتَقْدِرُکَ بِقُدْرَتِکَ وَاَسْأَلُکَ مِنْ فَضْلِکَ الْعَظِیْمِ فَاِنَّکَ تَقْدِرُ وَلَا اَقْدِرُ وَ تَعْلَمُ وَلَا اَعْلَمُ وَاَنْتَ عَلَّامُ الْغُیُوْبِ اَللّٰھُمَّ اِنْ کُنْتَ تَعْلَمُ اَنَّ ھٰذَا الْاَمْرَ خَیْرٌ لِّیْ فِیْ دِیْنِیْ وَمَعَاشِیْ وَعَاقِبَۃِ اَمْرِیْ اَوْ قَالَ عَاجِلِ اَمْرِیْ وَاٰجِلِہٖ فَاقْدِرْہُ لِیْ وَیَسِّرْہُ لِیْ ثُمَّ بَارِکْ لِیْ فِیْہِ وَاِنْ کُنْتَ تَعْلَمُ اَنَّ ھٰذَا الْاَمْرَ شَرٌّ لِّیْ فِیْ دِیْنِیْ وَمَعَاشِیْ وَعَاقِبَۃِ اَمْرِیْ اَوْ قَالَ عَاجِلِ اَمْرِیْ وَاٰجِلِہٖ فَاصْرِفْہُ عَنِّیْ وَاصْرِفْنِیْ عَنْہُ وَاقْدِرْ لِیَ الْخَیْرَ حَیْثُ کَانَ ثُمَّ رَضِّنِیْ بِہٖ.

اي **الله** عَزَّوَجَلَّ مان تنهنجي علم سان تو کان ڀلائي گهران ٿو (ٿي) ۽ تنهنجي قدرت جي ذريعي قدرت طلب ڪيان ٿو (ٿي) ۽ توکان تنهنجو عظيم فضل گهران ٿو (ٿي) ڇو ته تون قدرت رکين ٿو ۽ مان قدرت نٿو (نٿي) رکان، تون سڀ ڪجهه ڄاڻين ٿو ۽ مان نٿو (نٿي) ڄاڻان ۽ تون تمام ڳجهين ڳالهين کي خوب ڄاڻين ٿو. اي **الله**عَزَّوَجَلَّ! جيڪڏهن تنهنجي علم ۾ هيءُ ڪم (جنهن جو آءُ ارادو رکان ٿو (ٿي)) منهنجي دين و ايمان ۽ منهنجي زندگي ۽ منهنجي پڇاڙي دنيا ۽ آخرت ۾ منهنجي لاءِ بهتر آهي ته ان کي منهنجو نصيب ڪر ۽ مون لاءِ سولو ڪر، پوءِ ان ۾ مون لاءِ برڪت وجهه. (اي **الله** عَزَّوَجَلَّ) جيڪڏهن تنهنجي علم ۾ اهو ڪم مون لاءِ برو آهي منهنجي دين ۽ ايمان ۽ منهنجي زندگي ۽ منهنجي پڇاڙي

دنيا ۽ آخرت ۾ ته ان کي مون کان ۽ مون کي ان کان ڦيري ڇڏ ۽ جتي به مون لاءِ بهتري هجي، اهو منهنجو نصيب ڪر، پوءِ ان کان مون کي راضي ڪر. (بخاري شريف 393/1 حديث 1162، ردّالمحتار 569/2)

علّامہ ابن عابدين شامي قُدِّسَ سِرُّہُ السَّامِي فرمائن ٿا: حديث ۾ آيل انهيءَ دعا ۾ "هٰذَا الْاَمْرَ" جي جاءِ تي چاهي ته حاجت جو نالو وٺي يا ان کان بعد. (ردالمحتار 570/2) يعني جيڪڏهن عربي ڄاڻي ٿو ته ان جاءِ تي پنهنجي حاجت جو نالو وٺي يعني "هٰذَا الْاَمْرَ" جي جاءِ تي پنهنجي ڪم جو نالو وٺي، مثال طور هٰذَا السَّفَرَ يا هٰذَا النِّكَاحَ يا هٰذِهِ التِّجَارَةَ يا هٰذَا الْبَيْعَ چوي ۽ جيڪڏهن عربي نٿو ڄاڻي ته "هٰذَا الْاَمْرَ" ئي چئي دل ۾ پنهنجي ان ڪم جي باري ۾ سوچي ۽ خيال ڪري جنهن جي لاءِ استخارو ڪري رهيو آهي.

## نماز استخاره ۾ ڪهڙيون سورتون پڙهجن؟

مستحب اهو آهي ته ان دعا جي اول آخر اَلْحَمْدُلله ۽ درود پاڪ پڙهي ۽ پهرين رڪعت ۾ قُلْ يٰۤاَيُّهَا الْكٰفِرُوْنَ ۽ ٻي ۾ قُلْ هُوَاللهُ پڙهي ۽ ڪي مشائخ فرمائن ٿا ته پهرين رڪعت ۾ وَرَبُّكَ يَخْلُقُ مَا يَشَآءُ وَيَخْتَارُ ؕ مَا كَانَ لَهُمُ الْخِيَرَةُ ؕ سُبْحٰنَ اللهِ وَتَعٰلٰى عَمَّا يُشْرِكُوْنَ ﴿۶۸﴾ وَرَبُّكَ يَعْلَمُ مَا تُكِنُّ صُدُوْرُهُمْ وَمَا يُعْلِنُوْنَ ﴿۶۹﴾

(پ 20 القصص 69،68)

۽ ٻين رڪعت ۾ وَمَا كَانَ لِمُؤْمِنٍ وَّلَا مُؤْمِنَةٍ اِذَا قَضَى اللهُ وَرَسُوْلُهٗۤ اَمْرًا اَنْ يَّكُوْنَ لَهُمُ الْخِيَرَةُ مِنْ اَمْرِهِمْ ؕ وَمَنْ يَّعْصِ اللهَ وَرَسُوْلَهٗ فَقَدْ ضَلَّ ضَلٰلًا مُّبِيْنًا ﴿۳۶﴾

(پ 22 الاحزاب 36) پڙهي. (ردالمحتار 570/2)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اشارو ڪيئن ملندو؟

ڪن مشائخ سڳورن رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام کان منقول آهي ته ذڪر

ڪيل دعا پڙهي، پاڪائي سان قبلي ڏانهن منهن ڪري سمهي پوي، جيڪڏهن خواب ۾ اڇاڻ يا ساواڻ ڏسي ته اهو ڪم بهتر آهي ۽ ڪاراڻ يا ڳاڙهاڻ ڏسي ته بُرو آهي، ان ڪان بچي. (ردالمحتار 570/2) مفسر شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْحَنَّان جن به انهيءَ مسئلي جي ترتيب ارشاد فرمائي آهي: ڪي صوفي فرمائن ٿا ته جيڪڏهن سمهڻ وقت ٻه رڪعتون پڙهي، هي دُعا پڙهي، پوءِ باوضو قبلي ڏانهن منهن ڪري سمهي پوي ته جيڪڏهن خواب ۾ اڇاڻ يا ساواڻ، وهندڙ پاڻي يا روشني ڏسي ته ڪاميابي جي علامت آهي ۽ جيڪڏهن ڪاراڻ يا گندو پاڻي يا انڌيرو ڏسي ته ناڪامي ۽ نامرادي جي علامت آهي ست ڏينهن اهو عمل ڪري، اِنْ شَاءَالله عَزَّوَجَلَّ انهيءَ دؤران خواب ۾ اشارو ملي ويندو. (مرأة المناجيح 302/2)

## ست ڀيرا استخارو ڪرڻ بهتر آهي

بهتر هي آهي ته ست ڀيرا استخارو ڪري جو هڪ حديث ۾ آهي: ”اي اَنس! جڏهن تون ڪنهن ڪم جو ارادو ڪرين ته پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ ڪان انهيءَ ۾ ست ڀيرا استخارو ڪر پوءِ ڏس ته تنهنجي دل ۾ ڇا گذريو جو بيشڪ انهيءَ ۾ ڀلائي آهي.“

(ردُّالمحتار 570/2، عمل اليوم والليل لابن سني ص 550)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## جيڪڏهن اشارو نه ملي ته

استخارو ڪرڻ ڪان پوءِ جيڪڏهن خواب ۾ ڪو اشارو نه ملي ته پنهنجي دل ۾ ڌيان ڪرڻ گهرجي، جيڪڏهن دل ۾ ڪو پختو ارادو ڄمي يا ڪنهن ڪم ڪرڻ يا نه ڪرڻ جي باري ۾ ازخود خيال بدلجي وڃي ته ان کي استخاري جو نتيجو سمجهڻ گهرجي ۽

طبيعت جي غالب رجحان تي عمل ڪرڻ گهرجي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## رڳو دعا جي ذريعي بہ استخارو ڪري سگهجي ٿو

علّامہ ابن عابدين شامي قُدِّسَ سِرُّہُ النُّوْرَانِی فتاويٰ شامي ۾ لکن ٿا: وَلَوْ تَعَذَّرَتْ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ اِسْتَخَارَ بِالدُّعَاءِ يعني ۽ جيڪڏهن ڪنهن کي نماز استخاره پڙهڻ ڏکي لڳي تہ اهو دعا جي ذريعي استخارو ڪري.
(ردُّ المحتار 570/2)

## استخاري جون مختصر دعائون

مشهور محدّث حضرت علّامہ ملّا علي قاري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْبَارِی "مِرقاةُ المفاتيح" ۾ لکن ٿا: جنهن ڪم ۾ جلدي هجي تہ اهو رڳو هي پڙهي اَللّٰهُمَّ خِرْ لِيْ وَاخْتَرْ لِيْ وَاجْعَلْ لِيَ الْخِيَرَةَ (اي الله عَزَّوَجَلَّ! منهنجو ڪم بهتر ڪر ۽ منهنجي لاءِ (ٻنهي ڪمن مان بهتر ڪي) اختيار فرماءِ ان ۾ منهنجي لاءِ بهتري رکي ڇڏ) يا هي پڙهي اَللّٰهُمَّ خِرْ لِيْ وَاخْتَرْ لِيْ وَلَا تَكِلْنِيْ اِلٰى اِخْتِيَارِيْ (اي الله عَزَّوَجَلَّ! منهنجو ڪم بهتر ڪر ۽ منهنجي لاءِ (ٻنهي ڪمن مان بهتر ڪي) اختيار فرما ۽ مون کي منهنجي پسند جي حوالي نہ فرما)
(مرقاة المفاتيح 406/3)

بُزرگان دين رَحِمَهُمُ اللهُ المُبِين کان استخاري ڪرڻ جا ٻيا بہ ڪيترائي طريقا ۽ وظيفا منقول آهن مثال طور تسبيح جي ذريعي استخارو ڪرڻ جيڪو گهٽ وقت ۾ ٿيندو آهي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## جيڪڏهن استخاري کان پوءِ بہ نقصان ٿئي تہ؟

ڪڏهن ڪڏهن انسان الله عَزَّوَجَلَّ کان استخارو ڪندو آهي تہ

جنهن ڪم ۾ منهنجي لاءِ بهتري هجي اهو ٿئي ته **الله** عَزَّوَجَلَّ ان لاءِ اهو ڪم عطا ڪندو آهي جيڪو ان جي حق ۾ بهتر هوندو آهي پر ظاهري طرح سان اهو ڪم ان شخص جي سمجهه ۾ ناهي ايندو ته ان جي دل ۾ خيال ايندو آهي ته مون ته **الله** عَزَّوَجَلَّ کان هي گهريو هو ته مون کي اهو ڪم ملي، جيڪو منهنجي لاءِ بهتر هجي پر جيڪو ڪم مليو آهي اهو ته مون کي بهتر نٿو محسوس ٿئي، ان ۾ ته منهنجي لاءِ تڪليف ۽ پريشاني آهي، پر ڪجهه وقت کان پوءِ جڏهن نتيجو سامهون ايندو آهي، تڏهن ان کي خبر پوندي آهي ته حقيقت ۾ **الله** عَزَّوَجَلَّ ان لاءِ جيڪو فيصلو ڪيو هو، اهوئي ان جي حق ۾ بهتر هو. حضرت سيِّدُنا مڪحول ازدي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡقَوِی بيان ڪن ٿا ته مون حضرت سيِّدُنا عبدالله بن عمر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا کي فرمائيندي ٻڌو ته ماڻهو **الله** عَزَّوَجَلَّ کان استخارو ڪندو آهي پوءِ **الله** عَزَّوَجَلَّ ان لاءِ ڪو ڪم پسند فرمائيندو آهي ته اهو ماڻهو پنهنجي ربّ کان ناراض ٿي ويندو آهي پر جڏهن اهو ماڻهو نتيجو ڏسندو آهي پوءِ ان کي خبر پوندي آهي ته اهوئي ان لاءِ بهتر آهي. (ڪتاب الزهد لابن مبارڪ ص 32 حديث 128)

ان جو مثال هن طرح سمجهو ته تيز بخار ۾ مبتلا ٻار ماءُ پيءُ جي سامهون ضد ڪندو آهي ته فلان شيءِ کائيندس حالانڪ ماءُ پيءُ ڄاڻين ٿا ته ان وقت اها شيءِ کائڻ ٻار جي لاءِ نقصانڪار ۽ خطرناڪ هوندي آهي، اهڙي طرح ماءُ پيءُ ٻار کي اها شيءِ ناهن ڏيندا بلڪ ڪڙي دوا پياريندا آهن. هاڻي ٻار پنهنجي ناداني سبب هي سمجهندو آهي ته منهنجي ماءُ پيءُ مون تي ظلم ڪيو، مان جيڪا شيءِ گهري رهيو هئس اها مونکي نه ڏنائون ۽ ان جي بدران مونکي ڪڙي دوا پيارين ٿا، پوءِ اهو ٻار ان دوا کي پنهنجي لاءِ

چڱو ناهي سمجهندو پر وڏي ٿيڻ کان پوءِ جڏهن ان کي عقل ۽ شعور جي نعمت ملندي آهي تہ پوءِ ان کي سمجھ ۾ ايندو آهي، مان تہ پنهنجي لاءِ موت گهري رهيو هئس ۽ منهنجا ماءُ پيءُ منهنجي تندرستي ۽ صحت جا خواهشمند هئا. اسان جو ربّ عَزَّوَجَلَّ تہ پنهنجي ٻانهن تي ماءُ پيءُ کان بہ وڌيڪ مهربان آهي، اسان جو ربّ عَزَّوَجَلَّ مسلمان کي اهائي شيءِ عطا فرمائيندو آهي، جيڪا نتيجي جي حوالي سان ان جي حق ۾ بهتر هوندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن ان جي بهتر هئڻ جي دنيا ۾ خبر پئجي ويندي آهي ۽ ڪن جي آخرت ۾ خبر پوندي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## نيل درياء جي نالي خط

نيل درياء هر سال سڪي ويندو هو، جهالت جي سبب ماڻهو اها بدشگوني وٺندا هئا تہ درياء کي جان جي گهرج آهي، اهڙي طرح اهي ڪنواري ڇوڪريءَ کي عمدي لباس ۽ قيمتي زيورن سان سينگاري نيل درياء ۾ وجهندا هئا جنهن کان پوءِ نيل درياء وهڻ شروع ٿي ويندو هو. جڏهن مِصر فتح ٿيو تہ هڪ ڏينهن مِصر وارن حضرت سيِّدُنا عَمرو بن عاص رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي عرض ڪيو: اي امير! اسان جي درياءِ نيل جي هڪ رسم آهي جيستائين ان رسم کي ادا نہ ڪيو وڃي درياءُ ناهي وهندو. انهن پڇا ڪئي: ڪهڙي رسم؟ چيائون: اسان هڪ ڪنواري ڇوڪريءِ کي ان جي والدين کان وٺي سهڻي لباس ۽ قيمتي زيورن سان سينگاري، درياءِ نيل ۾ لوڙهيندا آهيون. حضرت سيِّدُنا عَمرو بن عاص رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمايو: اسلام ۾ هرگز ائين نٿو ٿي سگهي ڇوتہ اسلام تہ پراڻي فضول رسمن کي

ختم ڪندو آهي. پوءِ جڏهن اها رسم روڪي وئي ته درياءَ جي وهڪري ۾ گهٽتائي اچڻ لڳي، ايستائين جو ماڻهن اتان لڏ پلاڻ ڪرڻ جو ارادو ڪيو. اهو ڏسي حضرت سيِّدُنا عَمرو بن عاص رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ اَميرُالمُؤمِنِين، خليفهءِ ثاني، حضرت سيِّدُنا عمر بن خطاب رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي خدمت ۾ سڄو احوال لکي موڪليو، پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جواب ۾ لکيو: توهان نيڪ ڪيو، بيشڪ اسلام اهڙين رسمن کي ختم ڪندو آهي. منهنجي هن خط ۾ هڪ چٺي آهي، ان کي درياءِ نيل ۾ وجهجو. حضرت سيِّدُنا عَمرو بن عاص رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ وٽ جڏهن اَميرُالمُؤمِنِين جو خط پهتو ته انهن اها چٺي انهيءَ خط مان ڪڍي ته ان ۾ لکيل هو: ”(اي درياءِ نيل!) جيڪڏهن تون پاڻمرادو وهندو آهين ته نه وهه ۽ جيڪڏهن توکي الله تعاليٰ وهايو آهي ته مان واحد ۽ قَهّار عَزَّوَجَلَّ کي عرض ڪيان ٿو ته تو کي جاري فرمائي.“ حضرت سيِّدُنا عَمرو بن عاص رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ اها چٺي درياءِ نيل ۾ وڌي ته هڪ رات ۾ سورهن گز پاڻي وڌي ويو ۽ اها رسم مصر مان بالڪل ختم ٿي وئي. (العظمة لابي الشيخ الاصبهاني ص 318 حديث 940)

## افسوسناڪ صورتحال

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جهڙي طرح مصر وارن ۾ درياءَ نيل کي جاري رکڻ لاءِ غلط اعتقاد جي حوالي سان بُري رسم جاري هئي. اهڙي طرح موجوده دؤر ۾ به ڪيترا ئي غلط سلط اعتقاد وهم ۽ ناجائز رسمون وڌي رهيون آهن جن جو تعلق بدشگوني سان به هوندو آهي، انهن مان ڪجهه شين جي نشاندهي جي ڪوشش ڪريان ٿو:

## ﴿1﴾ صفر واري مهيني کي منحوس سمجهڻ

نحوست جي وهمي تصوّرن ۾ مبتلا ماڻهو صفر واري

مهيني کي مصيبتن ۽ آفتن جي نازل ٿيڻ جو مهينو سمجهندا آهن خصوصي طور تي ان جون ابتدائي تيرهن تاريخون، جنهن کي ”تيرهن تيزيون“ چيو ويندو آهي، تمام گهڻيون منحوس سمجهيون ويندڙيون آهن. وهمي ماڻهن جو اهو خيال هوندو آهي ته صفر جي مهيني ۾ نئون ڪاروبار نه ڪرڻ گهرجي، نقصان جو خطرو آهي، سفر ڪرڻ کان بچڻ گهرجي ايڪسيڊنٽ جو انديشو آهي، شاديون نه ڪريو، ڌيئرون نه اٿاريو، گهر برباد ٿيڻ جو امڪان آهي. اهڙا ماڻهو وڏو ڪاروباري لين دين ناهن ڪندا، گهر جي ٻاهران اچ وڃ ۾ گهٽتائي ڪري ڇڏيندا آهن، ان گمان مطابق ته آفتون نازل ٿينديون آهن، پنهنجي گهر ۾ هڪ هڪ ٿانوَ ۽ سامان کي خوب ڇنڊبيندا آهن، اهڙي طرح جيڪڏهن ان مهيني ۾ ڪنهن گهر جو ڪو ڀاتي مري وڃي ته ان کي منحوس سمجهندا آهن ۽ جيڪڏهن ان گهراڻي ۾ پنهنجي ڇوڪري يا ڇوڪريءَ جي شادي جي تاريخ طئي ٿي ته ان کي ٽوڙي ڇڏيندا آهن. تيرهن تيزي نالي سان اڇن ڇڻن (ڪابلي ڇڻن) جو لنگر به ڪيو ويندو آهي. نياز ۽ ختمو ڏيارڻ مستحب ۽ ثواب جو ڪم آهي ۽ هر قسم جي حلال کاڌي تي هر مهيني جي هر تاريخ تي ڏياريو ويندو آهي پر هي سمجهڻ ته جيڪڏهن تيرهن تيزي تي ختمو نه ڏياريو ۽ اڇا ڇڻا پچائي نه ورهايا ته گهر جي ڪمائڻ وارن ماڻهن جو روزگار متاثر ٿيندو، اهي اجايا خيال آهن.

## عربن ۾ صفر مهيني کي منحوس سمجهيو ويندو هو

جاهليّت واري دؤر (يعني اسلام کان پهريان) ۾ به صفر المظفر جي باري ۾ ماڻهو اهڙي قسم جا خيال رکندا هئا ته هن مهيني ۾

مصيبتون ۽ آفتون نازل ٿيندون آهن، اهڙي طرح اهي ماڻهو صفر جي مهيني اچڻ کي منحوس سمجهندا هئا. (عمدة القاري 110/7 مفهومًا)

حُرمت جي لحاظ کان عرب ٽن مهينن، ذوالقعدة، ذوالحجہ ۽ مُحرّم ۾ جنگ ۽ ڦرلٽ کان پاسو ڪندا هئا ۽ انتظار ڪندا هئا تہ اهي پابنديون ختم ٿين تہ جيئن اهي نڪرن ۽ ڦرلٽ ڪن، ان ڪري صفر شروع ٿيندي ئي اهي ڦرلٽ، رهزني ۽ لڙائي جهڳڙي جي ارادي سان جڏهن گهرن مان نڪرندا هئا انهن جا گهر خالي ٿي ويندا هئا انهيءَ ڪري چيو ويندو آهي: ”صفر المکان (گهر خالي ٿي ويو)“ جڏهن عربن ڏٺو تہ انهيءَ مهيني ۾ ماڻهو قتل ٿيندا آهن ۽ گهر اجڙي يا خالي ٿي ويندا آهن تہ انهن انهيءَ مان هي شگون ورتو تہ هي مهينو اسان لاءِ منحوس آهي ۽ گهرن جي بربادي ۽ اجڙڻ جي اصل سبب تي غور نہ ڪيو، نہ پنهنجي عمل جي خرابي کي محسوس ڪيو ۽ نہ وري لڙائي، جهڳڙي وغيره کان پاڻ کي روڪيو بلڪ هن مهيني کي ئي منحوس سمجهڻ لڳا.

## صفر ڪجهہ ناهي

اسان جي مدني آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن صفرالمظفر جي باري ۾ وهمي خيالن کي باطل قرار ڏيندي فرمايو: ”لَا صَفَرَ“ صفر ڪجهہ ناهي. (بخاري شريف 24/4 حديث 5707) مُحَقِّق علي الاطلاق حضرت علّامہ مولانا شاهہ عبدالحق محدّث دهلوي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی انهيءَ حديث جي شرح ۾ لکن ٿا: عوام انهي کي (يعني صفر جي مهيني کي) بلائن، حادثن، ۽ آفتن جي نازل ٿيڻ جو وقت سمجهندا آهن، اهو عقيدو باطل آهي، ان جي ڪا حقيقت ناهي. (اشعة اللمعات (فارسي) 664/3)

صدرُالشَّريعه، بدرُالطَّريقه، حضرت مولانا مفتي محمد امجد

علي اعظمي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡقَوِی لکن ٿا: صفر مهيني کي ماٺهو منحوس سمجهندا آهن ان ۾ شادي مرادي ناهن ڪندا، ڇوڪرين کي ناهن اٿاريندا، اهڙن قسمن جي ٻين ڪمن کان بہ پرهيز ڪندا آهن ۽ سفر ڪرڻ کان پاسو ڪندا آهن، خاص ڪري صفر جون ابتدائي تيرهن تاريخون تمام گهڻيون منحوس سمجهيون وينديون آهن ۽ انهن کي تيرهن تيزيون چوندا آهن، اهي سڀ جهالت جون ڳالهيون آهن. حديث ۾ فرمايو آهي: ”صفر ڪا شيءِ ناهي“ يعني ماڻهن جو ان کي منحوس سمجهڻ غلط آهي. اهڙي طرح ذيقعده جي مهيني کي بہ ماڻهو ڏاڍو برو سمجهندا آهن ۽ ان کي خالي جو مهينو چوندا آهن اهو بہ غلط آهي ۽ هر مهيني ۾ 3، 13، 23، 8، 18، 28 (تاريخن) کي منحوس سمجهندا آهن، اها بہ لَغو (يعني بيڪار) ڳالهہ آهي. (بهارِ شريعت 659/3)

## ڪو ڏينهن منحوس ناهي هوندو

علّامہ سيّد محمد امين بن عمر بن عمرالعزيز شامي قُدِّسَ سِرُّهُ السَّامِي لکن ٿا: علّامہ حامد آفندي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡقَوِی کان سوال ڪيو ويو: ڇا ڪي ڏينهن منحوس يا بابرڪت ٿيندا آهن، جيڪي سفر ۽ ٻين ڪمن جي صلاحيّت ناهن رکندا؟ تہ انهن جواب ڏنو تہ جيڪو شخص هي سوال ڪري تہ ڇا ڪي ڏينهن منحوس هوندا آهن، ان جي جواب کان پاسو ڪيو وڃي ۽ ان جي فعل کي جهالت چيو ويو ۽ ان جي مذمّت بيان ڪئي وڃي، ائين سمجهڻ يهودين جو طريقو آهي، مسلمانن جو دستور ناهي جيڪي الله عَزَّوَجَلَّ تي توڪّل ڪندا آهن.

(تنقيح الفتاويٰ الحامديه 367/2)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڪو وقت برڪت وارو، عظمت ۽ فضيلت وارو تہ ٿي سگهي ٿو جيئن رمضان، ربيع الاوّل، جمعة

المبارڪ وغيره پر ڪو مهينو يا ڏينهن منحوس نٿو ٿي سگهي.
مِراٰۃُ المناجيح ۾ آهي: اسلام ۾ ڪو ڏينهن يا ڪا گهڙي منحوس ناهي، باقي ڪي ڏينهن بابرڪت آهن. (مرأة المناجيح 484/5) تفسير رُوح البيان ۾ آهي: صفر وغيره ڪنهن مهيني يا مخصوص وقت کي منحوس سمجهڻ دُرست ناهي. سيئي وقت **الله** عَزَّوَجَلَّ جا ٺاهيل آهن ۽ انهن ۾ انسانن جا عمل واقع ٿيندا آهن. جنهن وقت ۾ مؤمن ٻانهو **الله** عَزَّوَجَلَّ جي اطاعت ۽ بندگي ۾ مشغول هجي اهو وقت مبارڪ آهي ۽ جنهن وقت ۾ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي نافرماني ڪري، اهو وقت ان لاءِ منحوس آهي، حقيقت ۾ اصل نحوست تہ گناهن ۾ آهي.
(تفسير روح البيان 428/3)

صفر جو مهينو بہ ٻين مهينن وانگر هڪ مهينو آهي جهڙي طرح ٻين مهينن ۾ ربّ عَزَّوَجَلَّ جي فضل و ڪرم عام ٿيندو آهي، هن ۾ بہ ٿي سگهي ٿو، انهيءَ ڪري تہ صَفَرُالمَظَفّر چيو ويندو آهي يعني ڪاميابي جو مهينو، اهو ڇا جي ڪري منحوس ٿي سگهي ٿو؟ هاڻي جيڪڏهن ڪو هن مهيني ۾ شريعت جي حڪمن جو پابند رهيو، نيڪيون ڪندو ۽ گناهن کان بچندو رهيو تہ اهو مهينو يقيني طور تي ان لاءِ برڪتن ڀريو آهي ۽ جيڪڏهن ڪنهن بدڪردار هي مهينو گناهن ۾ گذاريو، جائز، ناجائز ۽ حرام، حلال جو خيال نہ رکيائين تہ ان جي بربادي جي لاءِ گناهن جي نحوست ئي ڪافي آهي. پوءِ اهو مهينو ماھ صفر هجي يا ڪنهن بہ مهيني جو سيڪنڊ، منٽ يا ڪلاڪ! جيڪڏهن اهو ڪنهن مصيبت ۾ مبتلا ٿئي ٿو تہ اهو ان عملن جي شامت جو نتيجو آهي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿2﴾ صفرُ المظفّر جو آخري اربع ملهائڻ

صدرُالشّريعہ، بدرُالطريقہ، حضرت علّامہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِي لکن ٿا: صفرالمظفر جو آخري اربع هندستان ۾ گهڻو ملهايو ويندو آهي، انهيءَ ڏينهن ماڻهو پنهنجو ڪاروبار بند ڪري ڇڏيندا آهن، سير، تفريح ۽ شڪار واسطي نڪري ويندا آهن، پوريون پچايون وينديون آهن ۽ وهنجندا، خوشيون ملهائيندا آهن ۽ چوندا آهن تہ حضور اقدس صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهيءَ ڏينهن غسلِ صحت فرمايو هو ۽ مديني طيبہ کان ٻاهر سير جي لاءِ نڪري ويا هئا. اهي سڀ ڳالهيون بي اصل آهن بلڪ انهن ڏينهن ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو مرض وڌي ويو هو، اهي ڳالهيون خلاف واقع آهن ۽ ڪي ماڻهو هي چوندا آهن تہ انهيءَ ڏينهن مصيبتون نازل ٿينديون آهن ۽ قسمين قسمين جون ڳالهيون ڪيون وينديون آهن، سيئي بي ثبوت آهن. (بهارِ شريعت 659/3)

## صفر مهيني ۾ پيش ايندڙ ڪجھ تاريخي واقعا

✵ صفرالمظفر پهرين هجري ۾ حضرت سيِّدُنا علي المرتضيٰ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ ۽ خاتونِ جنّت حضرت سيِّدُتنا فاطمہ زهره رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا جن جي شادي خانہ آبادي ٿي. (الڪامل في التاريخ 12/2) ✵ صفرالمظفر ستين هجري ۾ مسلمانن کي خيبر جي فتح نصيب ٿي. (البداية والنهايہ 392/3) ✵ سيف الله حضرت سيِّدُنا خالد بن وليد، حضرت سيِّدُنا عمرو بن عاص ۽ حضرت سيِّدُنا عثمان بن طلحہ عبدري رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُم صفرالمظفر انين هجري ۾ بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿي اسلام قبول ڪيو. (الڪامل في التاريخ 109/2) ✵ مدائن (جنهن ۾ ڪسريٰ جو محل هو) جي فتح صفر المظفر سورهين هجري جي مهيني ۾ ٿي. (الڪامل في التاريخ 357/2)

**ڇا اڄا به اوهان صفر کي منحوس سمجهندؤ؟ يقيني طور تي نه.**

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿3﴾ نڇ مان بدشگوني وٺڻ

ڪي ماڻهو نڇ کي بدشگوني سمجهندا آهن جيڪڏهن ڪنهن ڪم لاءِ وڃڻ وقت پاڻ کي يا ڪنهن ٻئي کي نڇ آئي ته ماڻهو اها بدفالي سمجهندا آهن ته هي ڪم نه ٿيندو، اها تمام وڏي جهالت آهي ۽ بيوقوفي جي دليل آهي. **اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مولانا شاهه امام احمد رضا خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن جن فرمايو: نڇ سٺي شيءِ آهي، ان کي بدشگوني سمجهڻ هندستان جي مشرڪن جو ناپاڪ عقيدو آهي. حديث[1] ۾ ته هي ارشاد آهي: لَعَطْسَةٌ وَاحِدَةٌ عِنْدَ حَدِيْثٍ اَحَبُّ اِلَيَّ مِنْ شَاهِدٍ عَدْلٍ ڳالهائڻ دوران نڇ عادل گواهه[2] آهي. (نوادر الاصول 774/2 حديث 1064) يعني جيڪو بيان ڪيو ويو هجي جنهن جو سچو يا ڪوڙو معلوم ناهي ۽ ان وقت ڪنهن کي نڇ اچي ته اها ان ڳالهه جي سچي هئڻ تي دليل آهي. (ڪنزالعمّال 69/9 حديث 25533) ۽ هي به آيو آهي ته دعا گهرڻ مهل نڇ اچڻ قبوليّت جو دليل آهي. (المعجم الکبير 336/22 حديث 843) مطلب ته پسنديده شيءِ آهي پر جڏهن اها نماز ۾ آئي ته حديث ۾ ان کي شيطان جي طرفان شمار ڪيو آهي[3] (ملفوظات ص 319، 322)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مدينه

[1] اهو حضرت سيِّدُنا عمر فاروق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جن جو قول آهي.

[2] علّامه عبدالمصطفيٰ اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِی لکن ٿا: هاڻي غور ڪيو ته جڏهن نڇ کي رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّم جن ”شاهد عدل (يعني عادل گواهه)“ جو لقب ڏنو ته پوءِ ڪيئن نڇ منحوس ۽ بدشگوني ٿي سگهي ٿي؟ ان ڪري ماڻهن کي انهيءَ عقيدي کان توبهه ڪرڻ گهرجي جو نڇ منحوس ۽ بدفالي جي شيءِ آهي. خداوند ڪريم مسلمانن کي سنّت جي تابعداري ۽ شريعت جي پابندي جي توفيق عطا فرمائي آمين. (جنّتي زيور 431)

[3] ترمذي 344/4 حديث 2757

## ﴿4﴾ شوال ۾ شادي نہ ڪرڻ

شريعت ڪنھن مھيني يا موسم ۾ نڪاح ڪرڻ ڪان منع ناهي ڪيو پر ڪي بيوقوف ماڻھو مخصوص مھينن يا ڏينھن ۾ شادي ڪرڻ ڪي منحوس سمجھندا آھن، انھن ڪي اھو وھم ٿيندو آھي تہ انھن ڏينھن ۾ جيڪي شاديون ٿين ٿيون ان سان مڙس ۽ گھرواريءَ ۾ سنا لاڳاپا قائم ناھن ٿيندا ۽ انھن ۾ اھا الفت ۽ محبت پيدا ناھي ٿيندي جيڪا خوشگوار گھرو زندگي لاءِ ضروري آھي. ڪن علائقن ۾ شوّال المڪرّم ڪي بہ انھن مھينن ۾ شمار ڪيو ويندو آھي. عرب شوّال ۾ نڪاح يا رخصتي ڪي منحوس سمجھندا ھئا ۽ چوندا ھئا تہ انھيءَ مھيني وارو نڪاح ڪامياب ناھي ٿيندو، مڙس ۽ گھرواريءَ جي پاڻ ۾ محبت ناھي ٿيندي. (مرقاة المفاتيح 302/6) ان جو ھڪ سبب ھي ٻڌايو ويو آھي تہ ڪنھن زماني ۾ شوّال جي مھيني ۾ طاعون جي بيماري ٿي پئي جنھن جي ڪري ڪيتريون ئي ڪنواريون مري ويون، ان ڪري اھي ماڻھو شوّال ۾ شادي ڪي منحوس سمجھڻ لڳا جڏھن تہ شريعت مطھّره انھيءَ تصوّر ڪي غلط قرار ڏنو آھي. اُمُّ المؤمنين حضرت سيِّدُتنا عائشہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا فرمائن ٿيون: سرڪارِ مدينہ، راحت قلب و سينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن مون سان نڪاح بہ شوّال ۾ ڪيو ۽ زفاف بہ، تہ پوءِ پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ڪي ڪھڙي گھرواريءَ مون ڪان وڌيڪ محبوب ھئي! (مسلم شريف ص 739 حديث 1423) مِراٰة المناجيح ۾ آھي: مطلب ھي آھي تہ منھنجو نڪاح بہ شوّال مھيني ۾ ٿيو ۽ رخصتي بہ ۽ مان سيني گھروارين (رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُنَّ) مان حضور (صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) جن ڪي زياده محبوب ھيس جيڪڏھن اھو نڪاح ۽ رخصت برڪت ڀريو نہ ھجي

ها تہ مان ايتري مقبول ڇو ٿيان ها! عالم سڳورا فرمائن ٿا تہ شوّال ۾ نڪاح مستحب آهي. (مرأة المناجيح 5/32، 33)

## مخصوص تاريخن ۾ شادي نہ ڪرڻ بابت سوال جواب

منهنجي آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مُجَدّد دين ۽ ملت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن جن کان **سوال** ٿيو: گهڻا ماڻهو 3، 13 يا 23، 8، 18، 28 وغيره تاريخن ۽ خميس، آچر ۽ اربع جي ڏينهن تي شادي وغيره ناهن ڪندا، اعتقاد هي هوندو آهي تہ سخت نقصان ٿيندو، ان جو ڇا حڪم آهي؟ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه **جواب** ڏنو: اهي سڀ باطل ۽ بي اصل ڳالهيون آهن. والله تعاليٰ اعلم

(فتاويٰ رضويہ 23/ 272)

## ﴿5﴾ ستارن جي سٺي بري تاثير تي يقين رکڻ ڪيئن؟

پاڻ ڪي پڙهيل لکيل سمجهڻ وارن جو وڏو تعداد ستارن جي تاثير جو ايتري قدر قائل هوندو آهي جو شادي ۽ ڪاروبار جهڙا اهم فيصلا بہ ستارن جي نقل ۽ چرپر جي مطابق ڪندا آهن، اهڙا ماڻهو ستاره شناسي جي دعويٰ ڪرڻ وارن جي ڳالهين ۾ سولائي سان ڦاسندا آهن جيڪي انهن کي بيوقوف بنائي تمام گهڻا پئسا ميڙيندا آهن. گهڻي قدر ائين بہ ٿيندو آهي ڇوڪري ۽ ڇوڪريءَ جو رشتو طئي ٿي ويندو آهي، ضروري ڇنڊڇاڻ بہ ٿي چڪي هوندي آهي پر هڪ ڏر هي چئي رشتو ڪرڻ کان انڪار ڪندي آهي جو اسان معلوم ڪرايو آهي تہ ڇوڪري ۽ ڇوڪريءَ جو ستارو پاڻ ۾ نٿو ملي، تنهنڪري اها شادي نٿي ٿي سگهي. منهنجي آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مُجَدّد دين ۽ ملت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن کان **سوال** ڪيو ويو تہ آسماني ستارن جي سٺي ۽ بري

تاثير تي ڀروسو رکڻ ڪيئن آهي؟ **اعليٰ حضرت** رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه **جواب** ڏنو: اطاعت گذار مسلمان جي لاءِ ڪا شيء منحوس ناهي ۽ ڪافرن لاءِ ڪا شيء سٺي ناهي ۽ مسلمان نافرمان جي لاءِ ان جو اسلام نيڪ بختي آهي، عبادت بشرط قبول نيڪ بختي آهي. گنهگاري خود منحوس آهي، جيڪڏهن رحمت ۽ شفاعت ان جي نحوست کان بچائي بلڪ نحوست کي سعادت ڪري ڇڏي (جيئن قرآن پاڪ ۾ آهي)

فَاُولٰٓئِكَ يُبَدِّلُ اللّٰهُ سَيِّاٰتِهِمۡ حَسَنٰتٍ **ترجمو ڪنزالايمان:** پوءِ اهڙن جي براين کي الله چڱاين سان بدلي ڇڏيندو. (پ19، الفرقان 70)

بلڪ ڪڏهن ته گناهه هن طرح سان سعادت بڻجي ويندو آهي جو ٻانهو ان تي خوفزده، توبه تائب ۽ ڪوشش ۾ رهندو آهي، اهو ختم ٿي ويو ۽ ڪيترين ئي نيڪيون ملي ويون، باقي ستارن ۾ ڪا سعادت ۽ نحوست ناهي جيڪڏهن انهن کي خود اثر ڪندڙ سمجهندو ته شرڪ آهي ۽ انهن کان مدد طلب ڪندو ته حرام آهي نه ته انهن جي رعايت ضرور توڪّل جي خلاف آهي. (فتاويٰ رضويه 223/21)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڪي مؤمن رهيا ته ڪي ڪافر ٿي ويا

حضرت سيِّدُنا زيد بن جُهني رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ بيان ڪن ٿا: رسولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اسان کي حُديبيه جي مقام تي برسات کان پوءِ صبح جي نماز پڙهائي، جڏهن اوهان نماز پڙهائي فارغ ٿيا ته ماڻهن ڏانهن متوجهه ٿي ارشاد فرمايائون: ڇا اوهان ڄاڻو ٿا ته اوهان جي ربّ عَزَّوَجَلَّ ڇا فرمايو آهي؟ ماڻهن عرض ڪيو: **الله** عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جو رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خوب ڄاڻين ٿا. ارشاد فرمايائون: **الله** عَزَّوَجَلَّ فرمايو آهي ته منهنجي ٻانهن صبح ڪئي ته ڪي مؤمن ٿيا ته ڪي

ڪافر، جنهن چيو: اسان تي **الله** عَزَّوَجَلَّ جو فضل ۽ ان جي رحمت سان برسات ٿي تہ اهو مون تي ايمان رکي ٿو ۽ ستارن جو انڪار ڪري ٿو ۽ جن ماڻهن چيو: اسان تي فلان فلان ستاري جي سبب برسات ٿي، ڪَافِرٌ بِيْ مُؤْمِنٌ بِالْكَوَاكِبِ يعني اهي منهنجا منڪر ۽ ستارن ڪي مڃڻ وارا ٿيا. (بخاري شريف 295/1 حديث 846)

شارح بخاري مفتي محمد شريف الحق امجدي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی انهيءَ حديث جي تحت لکن ٿا: جيڪڏهن اهو عقيدو هجي تہ ستارا ئي مينهن وسائيندا آهن پوءِ اهو اعتقاد ڪفر آهي ۽ جيڪڏهن اهو عقيدو هجي تہ مينهن باذن الٰهي (يعني **الله** تعاليٰ جي اجازت سان) وسندو آهي، مختلف ستارن جو ايرڻ ۽ لهڻ ان جي علامت آهي تہ ان ۾ ڪو حرج ناهي. ان ڪري هن طرح سان چوڻ تہ فلان نِڇتر جي ڪري برسات ٿي، منع آهي ۽ اهو چوڻ تہ فلان نڇتر (يعني ستارن جي منزل) ۾ مينهن وسيو جائز آهي (ڪَافِرٌ بِيْ مُؤْمِنٌ بِالْكَوَاكِبِ جي وضاحت ڪندي مفتي صاحب لکن ٿا:) اتي ڪفر ۽ ايمان جي لغوي معنيٰ مراد آهي يعني منهنجو مُنڪِر (يعني انڪار ڪرڻ وارو) ۽ نِڇتر (يعني ستارن جي منزل) جو مڃڻ وارو آهي. (نزهة القاري 495/2، 496)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## جنهن ستاري ڪي جتي چاهي پهچائي

هڪ ڏينهن مولانا محمد حسين ميرٺي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی جي والد صاحب (جيڪي علم نجوم جا وڏا ماهر هئا) **اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مُجَدّد دين ۽ ملت مولانا شاہ امام احمد رضا خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن وٽ آيا تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه انهن کان پڇيو: فرمايو! مينهن جو ڇا اندازو آهي ڪڏهن وسندو؟ انهن ستارن جو زائچو ناهي ٻڌايو: هن

مهيني ۾ پاڻي ناهي، ايندڙ مهيني ۾ ٿيندو. اهو چئي اهو زائچو **اعليٰ حضرت** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه **جن** کي ڏنو. **اعليٰ حضرت** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه **ڏسي** فرمايو: **الله** تعاليٰ کي وڏي قدرت آهي چاهي ته اڄ مينهن وسي پوي. انهن چيو: اهو ڪيئن ٿي سگهي ٿو؟ اوهان ستارن جي وضع کي نٿا ڏسو. **اعليٰ حضرت** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه **جن** فرمايو: مان سڀ ڏسي رهيو آهيان ۽ ان سان گڏوگڏ ستارن جي واضع (ناهڻ واري) ۽ ان جي قدرت کي به ڏسي رهيو آهيان. پوءِ انهيءَ **مشڪل مسئلي کي اعليٰ حضرت** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه **سولي نموني سمجهايو،** اهو هن طرح سان جو سامهون گهڙيال لڳل هو، **اعليٰ حضرت** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه **انهن** کان پڇيو: ٽائيم ڪيترو ٿيو آهي؟ چيائين: سوا ٻارهن ٿيا آهن. **اعليٰ حضرت** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه **فرمايو:** ٻارهن ٿيڻ ۾ ڪيتري دير آهي؟ شاهه صاحب چيو: "پورو مُنو ڪلاڪ (يعني 45 منٽ)." **اعليٰ حضرت** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه **اٿيا** ۽ وڏي سئي کي ڦيراياءُون ته پورا ٻارهن ٿيڻ لڳا. شاهه صاحب چيو: اوهان ان جي سئي ڦيرائي نه ته پنهنجي رفتار سان مُني ڪلاڪ کان پوءِ ئي ٻارهن ٿين ها. **اعليٰ حضرت** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه **فرمايو:** اهڙي طرح **الله** ربُّ العزّت قادر مطلق آهي جنهن ستاري کي جنهن وقت جتي چاهي پهچائي ڇڏي، اهو چاهي ته هڪ مهينو چاهه هڪ هفتو چاهه هڪ ڏينهن چاهه هن وقت مينهن وسي پوي. اهي لفظ زبان مبارڪ مان اڃا نڪتا ئي هئا ته ڇتني پاسن کان ڪارا ڪڪر چانئجي ويا ۽ مينهن وسڻ لڳو. (تجليّات امام احمد رضا ص 116)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## نجومين جا فريب

صدرُالشّريعه، بدرُالطريقه حضرت علّامه مولانا مفتي محمد امجد

علي اعظمي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡقَوِي فرمائن ٿا: قمر در عَقُرب يعني چنڊ جڏهن بُرج عقربؔ[1] ۾ هوندو آهي تہ سفر ڪرڻ کي بُرو سمجهندا هئا ۽ نُجومي ان کي منحوس ٻڌائيندا آهن ۽ جڏهن برج اسد ۾ هوندو آهي تہ ڪپڙا ڪترائڻ ۽ سبرائڻ کي برو سمجهندا آهن. اهڙن ڳالهين کي هرگز نہ مڃيو وڃي، اهي ڳالهيون شريعت جي خلاف ۽ نجومين جا فريب آهن. نجوم جون اهڙي ڳالهيون جن ۾ ستارن جو تاثير ٻڌايو ويندو آهي تہ فلان ستارو ايرندو تہ فلان ڳالهہ ٿيندي، اها بہ شريعت جي خلاف آهي. اهڙي طرح نڇترن جو حساب تہ فلان نڇتر (يعني ستارن جي منزل) مان مينهن وسندو اهو بہ غلط آهي، حديث ۾ انهيءَ جو سختي سان انڪار ڪيو ويو آهي. (بهار شريعت 659/3)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## بدشگوني جوردّ

دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 590 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”حضرت سيِّدُنا عمر بن عبدالعزيز کی 425 حکايات“ جي صفحي نمبر 90 تي آهي: اميرُالمؤمنين حضرت سيِّدُنا عمر بن عبدالعزيز رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي غلام مُزاحِم جو بيان آهي: جڏهن اسان مدينہ طيِّبہ زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّ تَعۡظِيۡمًا مان نڪتاسين تہ مون ڏٺو چنڊ ”دَبَران“ ۾ آهي، مون انهن کي هي چوڻ مناسب نہ سمجهيو بلڪ هي چيو: ٿورو چنڊ ڏانهن تہ نهاريو، ڪيڏو نہ خوبصورت پيو لڳي!

---

[1] صَدرُالاَفاضِل حضرت علامہ سيِّد نعيمُ الدّين مراد آبادي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡهَادِي تَبٰرَكَ الَّذِيۡ جَعَلَ فِي السَّمَآءِ بُرُوۡجًا
ترجمو ڪنزالايمان: وڏي برڪت وارو آهي اهو جنهن آسمان ۾ برج بڻايا. (پ 19 الفرقان آيت 61) جي تحت تفسير خزائن العرفان صفحي 678 تي لکن ٿا: حضرت ابن عباس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ فرمايو تہ بروج مان ڪواڪب سبعہ سيّارن جون منزلون مراد آهن جن جو تعداد ٻارهن آهي (1) حَمَل (2) ثَور (3) جَوزَا (4) سَرَطان (5) اَسَد (6) سُنبُلہ (7) مِيزان (8) عَقرب (9) قَوس (10) جَدِي (11) دَلو (12) حُوت

پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ ڏٺو تہ چنڊ دَبَران[1] ۾ هو، فرمايائون شايد اوهان مون کي هي ٻڌائڻ چاهيو ٿا تہ چنڊ دَبَران ۾ آهي، مزاحم! اسان سج چنڊ سان گڏ ناهيون، بلڪ الله عَزَّوَجَلَّ واحد و قهّار جي حڪم ۽ مشيّت سان نڪرندا آهيون. (سيرت ابن عبدالحڪم ص 27)

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.** اٰمِين بِجَاہِ النّبيِّ الاَمِين صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿6﴾ نجومي کي هٿ ڏيکارڻ

گهڻا ماڻهو ڪاهنن، نجومين، پروفيسرن، رَمَل ۽ جفر جي ڪوڙن دعويدارن وٽ وڃي قسمت جو حال معلوم ڪندا آهن، پنهنجو هٿ ڏيکاريندا آهن، فالنامو وجهرائيندا آهن، پوءِ ان جي مطابق ايندڙ زندگي جو لائحہ عمل ٺاهيندا آهن، انهيءَ طرز عمل ۾ نقصان ئي نقصان آهي. امامِ اهلسنّت مولانا احمد رضا خان عَلَیْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: ڪاهنن ۽ جوتشين کي هٿ ڏيکاري تقدير جي ڀلي بري جو معلوم ڪرڻ جيڪڏهن اعتقاد طور هجي يعني جيڪو هي ٻڌائين حق آهي تہ خالص ڪُفر آهي، انهيءَ کي حديث ۾ فرمايو: فَقَدْ کَفَرَ بِمَا نُزِّلَ عَلٰی مُحَمَّد يعني ان محمد صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي نازل ٿيڻ واري شيءِ جو انڪار ڪيو. (ترمذي شريف 185/1 حديث 135) ۽ جيڪڏهن بطور اِعتِقاد وتَيَقُّن (يعني يقين رکڻ جي) نہ هجي پر لاڙي ۽ رغبت سان هجي تہ ڪبيرو گناهہ آهي، انهيءَ کي حديث ۾ فرمايو ويو: لَمْ يَقْبَلِ اللهُ لَهُ صَلٰوةَ اَرْبَعِيْنَ صَبَاحًا الله تعاليٰ چاليهن ڏينهن تائين ان جي نماز قبول نہ

[1] دَبَران چنڊ جي هڪ منزل جو نالو آهي، ان وقت چنڊ ثريّا ۽ جوزا جي درميان هوندو آهي. عرب ۾ نجومين جو هي وهم رائج هو تہ اها ساعت منحوس هوندي آهي، مزاحم جو اشارو غالبًا انهيءَ طرف هو.

مدينه

فرمائيندو ۽ جيڪڏهن بطور ڪل يوڳ جي هجي تہ عَبَثَ (يعني بيڪار)، مڪروهہ ۽ حماقت آهي، باقي! جيڪڏهن انهي کي عاجز ڪرڻ جي ارادي سان هجي تہ حَرَج ناهي. (فتاويٰ رضويہ 155/21)

## ڪاهنن جي ڪن ڳالهين جي سچي هئڻ جو سبب

حضرت سيِّدُتنا عائشہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا بيان ڪن ٿيون تہ رسول اڪرم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن کان ڪن ماڻهن ڪاهنن (يعني انهن جون ڳالهيون قابلِ اعتماد هئڻ يا نہ هئڻ) جي باري ۾ پڇيو تہ پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: انهن جي ڳالهين جي ڪا حقيقت ناهي. ماڻهن عرض ڪيو: يا رسول **الله** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! اهي جيڪي خبر ڏيندا آهن ڪڏهن اها سچ ثابت ٿيندي آهي. ارشاد فرمايائون: اها ڳالهہ جنّ کان ٻڌل هوندي آهي، جنهن کي جنّ لڪي ٻڌندي آهي ۽ پنهنجي دوست (ڪاهن) جي ڪن ۾ اهڙي طرح وجهندي آهي جنهن نموني هڪ ڪڪڙ ٻين ڪڪڙين کي ڪن ۾ ٻڌائيندي آهي، پوءِ ڪاهن ان ڳالهہ ۾ سؤ کان وڌيڪ ڪوڙيون ڳالهيون ملائيندا آهن. (مسلم شريف ص 1224 حديث 2228)

## نجومين وٽ وڃڻ وارن لاءِ نصيحت ڀري حڪايت

علم نجوم سان تعلق رکندڙ هڪ شخص جو چوڻ آهي تہ هڪ ڏينهن مون وٽ زال مڙس آيا، ٻنهي جو پاڻ ۾ جهڳڙو هو. مون ٻنهي جو هٿ ڏٺو تہ علم نجوم جي مطابق طلاق واري لڪير ظاهر ۽ يقيني هئي. مون انهن ٻنهي کي چيو تہ جيئن وڻيوَ تئين ڪريو، اوهان ٻنهي ۾ طلاق نٿي ٿي سگهي. ٻن سالن کان پوءِ جڏهن انهن سان ملاقات ٿي تہ اهي ڏاڍي خوشگوار زندگي بسر

ڪري رهيا هئا، پڇڻ تي چوڻ لڳا: جڏهن اوهان اسان کي ٻڌايو تہ طلاق ڪنهن بہ صورت ۾ نٿي ٿي سگهي تہ اسان سوچيو جڏهن طلاق ناهي ٿيڻي تہ پوءِ چونہ پاڻ ۾ گڏجي زندگي گذاريون، ان ڏينهن کان پوءِ اسان جي گهرو زندگي خوشين سان مالا مال ٿي وئي.

## سرجري جي ذريعي هٿن جون لڪيرون تبديل ڪرڻ وارا بيوقوف

هن جديد دؤر ۾ ڪيترائي ماڻهو هٿن جي لڪيرن تي انڌو اعتقاد رکندا آهن. اهڙو ئي حيرت ۾ وجهندڙ واقعو جاپان ۾ ٿيو جتي ماڻهن کي هٿن جي لڪيرن تي ايترو يقين آهي جو اهي پنهنجي قسمت جي لڪيرن کي بدلائڻ لاءِ هٿن جي سرجري ڪرائڻ لڳا آهن. دلچسپ ڳالهہ هي آهي تہ مرد تہ ان سرجري جي ذريعي پنهنجي هٿن تي دولت جون ڏکيون لائينون بنائيندا آهن جڏهن تہ عورتن جي خواهش شادي جي وڏي لڪير هوندي آهي.

(جنگ نيوز، آن لائن 17 جولائي 2013)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿7﴾ گهر ۾ پپيتي جو وڻ پوکڻ کي منحوس سمجهڻ

**اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مُجَدِّد دين ۽ ملت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن کان ”ڪانياواڙ“ جي علائقي مان هن طرح جو سوال پڇيو ويو تہ هتي عام طور سڄو شهر متفق آهي تہ پپيتي جو وڻ جنهن کي اَرنڊ خَرِبُزه چوندا آهن، رهائشي گهر ۾ لڳائڻ منحوس آهي ۽ منع آهي جڏهن تہ اتي گهٽو ٿيندو آهي ۽ تمام ذائقيدار آهي تنهنڪري عرض آهي تہ ان باري ۾ شرعي حڪم کان خبردار ڪيو؟ **امام اهلسنت اعليٰ حضرت** رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه **جواب ڏنو:**

شريعت ۾ ان جو ڪو اصل ناهي، شريعت نہ ان کي منحوس قرار ڏنو آهي نہ وري برڪتن ڀريو. باقي جنهن کي عام ماڻهو منحوس سمجهي رهيا آهن ان کان بچڻ مناسب آهي جو جيڪڏهن تقدير جي معمول مطابق اهو ڪنهن مصيبت ۾ مبتلا ٿئي تہ انهن جو باطل عقيدو اجا وڌيڪ مضبوط ٿيندو، ڏسو! انهيءَ ڪهڙو ڪم ڪيو هو، ان جو هي نتيجو نڪتو ۽ ٿي سگهي ٿو شيطان ان جي دل ۾ بہ وسوسو وجهي. (فتاويٰ رضويہ 266/23)

## ﴿8﴾ لاڳيتو ڇوڪرين جي پيدائش کي منحوس سمجهڻ

پٽ پيدا ٿئي يا ڌيءَ انسان کي الله تعاليٰ جو شڪر ادا ڪرڻ گهرجي، ان لاءِ تہ پٽ الله عَزَّوَجَلَّ جي نعمت ۽ ڌي رحمت آهي ۽ ٻئي ماءُ پيءُ جي پيار ۽ شفقت جا مستحق آهن. عام طور تي ڏٺو ويو آهي تہ مٿن مائٽن جي طرفان جهڙي خوشي ڇوڪري جي پيدائش تي ڪئي ويندي آهي، پاڙي ۾ مٺائي ورهائي ويندي آهي مبارڪون ملنديون آهن، ڇوڪريءَ جي ولادت تي ان جو ڏهون حصو بہ ناهي ڪئي ويندي. دنياوي طور تي ڇوڪرين سان والدين ۽ خاندان کي ظاهري طرح سان ڪو فائدو حاصل ناهي ٿيندو بلڪ انهن جي شادين تي گهڻو خرچ جو بار پيءُ جي ڪلهن تي اچي پوندو آهي شايد ان لاءِ ڪي بيوقوف ڇوڪرين جي ولادت ٿيڻ تي ناپسنديدگي جو اظهار ڪندا آهن ۽ ڌي جي امڙ کي قسمين قسمين جا طعنا ڏيندا آهن، طلاق جون ڌمڪيون ڏنيون وينديون آهن بلڪ هڪ ٻئي پنيان ڇوڪريون پيدا ٿيڻ جي صورت ۾ ان ڌمڪي کي عملي جامو بہ پارائي ڇڏيندا آهن، ان تي هي بہ ظلم ٿيندو آهي تہ ڇوڪرين کي بہ

منحوس سمجهيو ويندو آهي، ان وهم جي شريعت ۾ ڪا حيثيّت ناهي. منهنجي آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مُجَدّد دين ۽ ملت مولانا شاهه امام احمد رضا خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الرَّحۡمٰن ڪان سوال ٿيو: عالم سڳورا ڇا ٿا فرمائن هن مسئلي ۾ ته زيد ڪي ٽين ڇوڪريءَ پيدا ٿي، ان ڏينهن ڪان وٺي زيد ڏاڍو پريشان آهي. گهڻا ماڻهو چوندا آهن ته ٽين ڇوڪريءَ سٺي ناهي هوندي، ٽيون ڇوڪرو نصيبن وارو ۽ سٺو هوندو آهي. زيد هڪ شخص ڪان پڇيو ته انهن فرمايو اهي سڀ يهودين ۽ عورتن جون من گهڙت ڳالهيون آهن، جيڪڏهن توکي وهم هجي ته صدقو ڪري ڇڏ، هڪ ڳئون يا ست ٻڪريون قربان ڪر ۽ توشهءِ شهنشاهه بغداد رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُ ڪري ڇڏ، الله تعاليٰ سرڪار غوثيّت رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي صدقي هر قسم جي مصيبت ۽ نحوست ڪان محفوظ رکندو. امام اهلسنت اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جواب ڏنو: اهي بالڪل غلط، عورتن جا وهم ۽ هندوئن وارا شيطاني خيال آهن، انهن جي پيروي حرام آهي. سرڪار غوثِ پاڪ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُ جو توشو تمام سٺي شيءِ آهي پر ان نيّت سان ته ان جي نحوست ٽري وڃي، جائز ناهي ان لاءِ ته ان ۾ ان جي نحوست مڃڻ ۽ اهو شيطان جو وڌل وهم تسليم ڪرڻ ٿيو. والعِياذ بالله تعاليٰ. (امام اهلسنت اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه ڪجهه سٽن ڪان پوءِ اڳتي لکن ٿا:) هي توشو جيڪو انهن ٻڌايو آهي ڏاڍي فائديمند شيءِ آهي ۽ حاجتن جي پوري ٿيڻ جي لاءِ مُجرّب آهي. (فتاويٰ رضويه 644،646/29 ملخصًا)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## نياڻين جي پرورش جا فضائل

نياڻين جي پيدائش تي دل ننڍي ڪرڻ وارن اسلامي ڀائرن

ڪي گهرجي تہ هيٺ ڏنل فرمانِ مصطفيٰ ڪي هر هر پڙهن، جن ۾ نياڻي جي پرورش تي مختلف بشارتن سان نوازيو ويو آهي.

حضور پاڪ، صاحب لولاڪ، سيّاح افلاڪ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو:

(1) جڏهن ڪنهن وٽ نياڻي جي ولادت ٿيندي آهي تہ **الله** عَزَّوَجَلَّ ان جي گهر ملائڪن کي موڪليندو آهي، جيڪي اچي چوندا آهن: "اي گهر وارؤ! توهان تي سلامتي هجي." پوءِ ملائڪ پنهنجي پرن سان ان ڇوڪريءَ کي گهيري وٺندا آهن ۽ ان جي مٿي تي هٿ ڦيري چوندا آهن: هي هڪ ضعيف ۽ ڪمزور ڇوڪريءَ ڪمزور عورت مان پيدا ٿي آهي، جيڪو ان ڪمزور ڇوڪريءَ جي ڪفالت ڪندو، قيامت تائين **الله** (عَزَّوَجَلَّ) ان جي مدد ڪندو. (مجمع الزوائد 285/8 حديث 13484)

(2) "نياڻين کي برو نہ چئو، مان بہ نياڻين وارو آهيان. بيشڪ نياڻيون تہ ڏاڍيون محبّت ڪرڻ واريون، غمگسار ۽ تمام گهڻيون مهربان هونديون آهن." (مسند الفردوس للديلمي 415/2 حديث 7556)

(3) "جنهن وٽ نياڻي پيدا ٿئي ۽ اهو نہ ان کي ايذاء ڏئي، نہ ئي برو سمجهي ۽ نہ پٽ کي نياڻي تي فضيلت ڏئي تہ **الله** عَزَّوَجَلَّ انهيءَ کي جنت ۾ داخل فرمائيندو." (المستدرڪ للحاڪم 248/5 حديث 7428)

(4) "جنهن شخص کي ٽي نياڻيون هجن، اهو انهن جو خيال رکي، انهن کي سني رهائش ڏئي، انهن جي ڪفالت ڪري تہ ان لاءِ جنّت واجب ٿي ويندي آهي. عرض ڪيو ويو: "۽ بہ هجن تہ؟" فرمايائون: "۽ بہ هجن تڏهن بہ." عرض ڪيو ويو: "جيڪڏهن هڪ هجي تہ؟" فرمايائون: "جيڪڏهن هڪ هجي تڏهن بہ."

(المعجم الاوسط 347/4 حديث 6199)

(5) جنهن شخص تي نياڻين جي پرورش جو بار پيو ۽ اهو انهن سان سهڻو سلوڪ ڪري تہ اهي نياڻيون ان جي لاءِ جهنّم کان آڙ بڻجنديون. (مسلم شريف ص 1414 حديث 2629)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مدني آقا صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي نياڻين تي شفقت

(1) حضرت سيّدتنا فاطمہ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا جڏهن پنهنجي والد ماجد، مديني جي تاجدار صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت اقدس ۾ حاضر ٿينديون هيون تہ پاڻ سڳورا صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اٿي بيهندا هئا، انهن ڏانهن متوجهہ ٿيندا هئا، پوءِ انهن جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ وٺي، ان کي بوسو ڏيندا هئا پوءِ انهن کي پنهنجي جڳهہ تي ويهاريندا هئا. اهڙي طرح جڏهن پاڻ سڳورا صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت فاطمہ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا جن وٽ تشريف فرما ٿيندا هئا تہ اهي پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ڏسي اٿي بيهنديون هيون، سندن هٿ پنهنجي هٿ ۾ وٺي چمنديون هيون ۽ پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي پنهنجي جڳهہ تي ويهارينديون هيون. (ابوداوٗد 454/4 حديث 5217)

(2) حضرت سيدتنا زينب رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا رحمت عالم، نور مجسّم صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جون سيني کان وڏيون شهزاديون آهن جيڪي اعلانِ نبوّت کان ڏھ سال پهريان مڪّہ مڪرّمہ زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّ تَعْظِیْمًا ۾ پيدا ٿيون. جنگِ بدر کان پوءِ حضور پرنور، شافع يوم النشور صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن کي مڪي مان مديني گهرايو. جڏهن اهي هجرت جي ارادي سان اُٺ تي سوار ٿي مڪي کان ٻاهر نڪتيون تہ ڪافرن انهن جو رستو روڪيو. هڪ ظالم نيزو هڻي انهن کي اُٺ تان

زمين تي ڪيرائي وڌو، جنهن سبب سندن حمل ساقط ٿي ويو. نبي ڪريم، رؤف رحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪي ان واقعي جو ڏاڍو صدمو پهتو. سندن فضائل جي باري ۾ ارشاد فرمايائون: هِيَ اَفْضَلُ بَنَاتِيْ اُصِيْبَتْ فِيَّ يعني منهنجي نياڻين منجهان ان ڪري فضيلت واري آهي جو مون ڏانهن هجرت ڪرڻ ۾ ايذي وڏي تڪليف برداشت ڪيائون. جڏهن اٺين هجري ۾ حضرت زينب رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جو انتقال ٿي ويو ته جنازي جي نماز پڙهائي، پاڻ پنهنجي مبارڪ هٿن سان قبر ۾ لاٿائون.

(شرح للعلّامة الزرقاني 318/4 ماخوذًا)

(3) حضرت سيدتنا عائشه صديقه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا فرمائن ٿيون ته نجّاشي بادشاھ رسولِ اڪرم، نور مُجسّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ ڪجھ زيور تحفي طور موڪليا جن ۾ هڪ حبشي ٻڙي واري منڊي به هئي. نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان منڊي کي ڇڙي يا آڱر مبارڪ سان ڇهيو ۽ پنهنجي ڏوهٽي اُمامه کي گهرايو جيڪا رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي شهزاديءَ حضرت سيدتنا زينب رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جي نياڻي هئي ۽ فرمايو: ”اي ننڍڙي ڇوڪريءَ! ان کي پائي ڇڏ.“ (ابو داوٗد 125/4 حديث 4235)

(4) حضرت سيّدنا ابو قتاده رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ روايت ڪن ٿا ته الله عَزَّوَجَلَّ جا محبوب، داناءِ غيوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان وٽ تشريف فرما ٿيا ته اوهان (پنهنجي ڏوهٽي) اُمامه بنت ابوالعاص رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا کي پنهنجي ڪلهي تي کڻيو وينا هئا، پوءِ پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نماز پڙهائڻ لڳا ته رڪوع ۾ وڃڻ وقت ان کي لاهي ڇڏيندا هئا ۽ جڏهن اٿي بيهندا هئا ته انهن کي کڻي وٺندا هئا.

(بخاري شريف 100/4 حديث 5996)

## ﴿9﴾ گهر ۾ نئين ٻار ڄاول جي ولادت کي منحوس سمجهڻ

ڪي ماڻهو رهڻ واري پراڻي گهر ۾ نئين ٻار جي ولادت کي منحوس سمجهندا آهن، اهڙي طرح جو (فارسي ۾) هڪ سوال **اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مُجَدّد دين ۽ ملت مولانا شاهه امام احمد رضا خان** عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الرَّحۡمٰن کان ڪيو ويو ته علماءِ دين ۽ مفتيان شرع متين ان رسم جي باري ۾ ڇا ٿا فرمائن ته بنگال ۾ هي رواج آهي ته نئين ڄاول ٻار جي لاءِ ان جي پيدائش کان پهريان الڳ ڪمرو تعمير ڪيو ويندو آهي ۽ پهريان تعمير ٿيل گهر جتي اهي رهندا آهن ان ۾ نئين ٻار جي ولادت کي منحوس سمجهندا آهن. ڇا انهن جو ائين ڪرڻ شرعًا جائز آهي يا نه؟ ۽ حضرت سيّدنا رسول **الله** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زماني مبارڪ ۾ ائين ٿيندو هو يا نه؟ (ت) **امام اهلسنت اعليٰ حضرت** رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه جواب ڏنو: اها بري رسم ان پاڪ زماني ۾ بالڪل نه هئي بلڪ ان کان پوءِ به ڊگهي عرصي تائين بلڪ هينئر تائين عام اسلامي ملڪن ۾ ان جو نالو نشان به ناهي، هي هندن ۽ مشرڪن جي رسمن جي مشابهه آهن بلڪ انهن کان به بيڙي آهي ڇو ته هندو به ائين ناهن ڪندا جيڪڏهن اهو عمل بدفالي ۽ گمراهي جي خيال کان نه هجي تڏهن به اسراف جي ڪري ناپسند آهي جيئن ته **الله** تعاليٰ جو ارشاد آهي:

وَلَا تُسۡرِفُوۡا ؕ اِنَّهٗ لَا یُحِبُّ الۡمُسۡرِفِیۡنَ ﴿۱۴۱﴾

(پ 8، انعام 141)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ بي جا خرچ نه ڪريو بيشڪ اجايو خرچ ڪندڙ ان کي پسند نه آهن.

اهي ڪم ڪيترن ئي سببن جي ڪري فائدي ۽ ڀلائي کان خالي آهن ۽ تبذير جي زمري ۾ اچن ٿا، جڏهن ته **الله** تعاليٰ جو فرمان آهي.

اِنَّ الْمُبَذِّرِيْنَ كَانُوْٓا اِخْوَانَ الشَّيٰطِيْنِ ؕ
(پ15، بني اسرائيل 27)

**ترجموڪنزالايمان:** بيشڪ اجايو خرچ ڪندڙ شيطان جا ڀائر آهن.

انهيءَ وهم جو بنياد شيطاني آهي، وڏيڪ هي ته ان ۾ بدفالي ۽ بدشگوني واري گمراهي به شامل آهي. **سيّد عالم** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو بري فال ڪڍڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ مشرڪن جو طريقو ۽ معمول آهي. (فتاويٰ رضويه 264/23 تا 266 ملخصًا)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## «10» گرهڻ جي باري ۾ وهم

سج ۽ چنڊ گرهڻ جي باري ۾ ماڻهو اِفراط ۽ تفريط ۾ مبتلا ٿي پوندا آهن. ڪٿي ته سج گرهڻ جو (خاص شيشن جي ذريعي) منظر ڏسڻ واسطي پارٽيون منعقد ڪيون وينديون آهن ۽ ڪٿي گرهڻ جي باري ۾ مختلف تصوّر ۽ وهم ٻڌا ويندا آهن، مثال طور ❁ گرهڻ ان وقت ٿيندو آهي جڏهن سج کي بلائون ۽ خوفناڪ جانور ڳهي چڏيندا آهن. هڪ ويب سائٽ تان ورتل معلومات جي مطابق جڏهن به چنڊ کي گرهڻ لڳندو آهي ته اڳوڻا چيني ماڻهو گڏ ٿي ڏاڍو تيز شور ڪندا هئا، انهن جو عقيدو هي هوندو هو ته چنڊ کي هڪ وڏو اجگر نانگ کائي رهيو آهي، اسان جو اهو شور چنڊ کي بچائڻ جي ڪامياب ڪوشش آهي. چنڊ گرهڻ پنهنجي وقت تي ختم ٿي ويندو هو پر اهي ماڻهو پنهنجي ڪاميابي سمجهي، ان جو جشن ملهائيندا هئا ۽ پهريان کان وڌيڪ شور ڪندا هئا ❁ گرهڻ جي وقت حامله عورتن کي ڪمري ۾ رهڻ ۽ ڀاڄي وغيره نه ڪٽڻ جي هدايت ڪئي ويندي آهي ته جيئن انهن جا ٻارا بنا ڪنهن پيدائشي نقص جي پيدا ٿين ❁ گرهڻ وقت حامله عورتن کي سلائي، ڪڙهائي وغيره کان به

منع ڪيو ويندو آهي ڇوته هي خيال ڪيو ويندو آهي ته ان سان ٻار تي غلط اثر پئجي سگهي ٿو. هڪ مغربي ملڪ ۾ رهندڙ دنياوي تعليم يافته عورت سج گرهڻ کان پهريان ڏاڍي پريشان هئي، ڇوته ان کي پهريون ٻار پيدا ٿيڻو هو ۽ ان کان صرف ڪجھ ڏينهن پهريان سج گرهڻ سبب ٻار تي ٿيندڙ ممڪنه اثرات جي خوف تشويش ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو. ان پنهنجي ڊاڪٽر کان صرف اهو پڇڻ جي لاءِ فون ڪيو ته ٻار کي گرهڻ جي نقصانڪار اثرات کان بچائڻ جي لاءِ ان جي وقت کان پهريان ولادت ممڪن آهي؟ ڊاڪٽر ان کي دلاسو ڏيندي سمجهايو ته پريشان ٿيڻ جي ضرورت ناهي ۽ گرهڻ جي تاثير جي حقيقت وهمن کان وڌيڪ ناهي ❁ ماڻهن جو هڪ هي غلط خيال به آهي ته جڏهن سج يا چنڊ کي گرهڻ لڳندو آهي ته حامله ڳئون، مينهن، ٻڪري ۽ ٻين جانورن جي ڪنڌ مان رسو يا زنجير کولي ڇڏڻ گهرجي ته جيئن انهن تي برو اثر نه پوي ❁ ڪن علائقن ۾ گرهڻ جي وقت ڪمزور اعتقاد وارا ماڻهو ڪمرن مان ٻاهر ناهن نڪرندا ته جيئن انهن جي چوڻ مطابق اهي گرهڻ وقت نڪرندڙ نقصانڪار لهرن کان بچي سگهن ❁ ڪن معاشرن ۾ جنهن ڏينهن گرهڻ لڳندو آهي گهڻا ماڻهو ڪاڌو ناهن پچائيندا ڇوته انهن جو خيال آهي ته گرهڻ وقت خطرناڪ جراثيم پيدا ٿيندا آهن ❁ ڪيترن ئي مشرقي ملڪن ۾ علم نجوم جا ماهر سج گرهڻ جي متعلق پيشن گوئيون ڪندا آهن جن ۾ ڪنهن تباهي يا نقصان جي نشاندهي ڪئي ويندي آهي مثال طور چوري، اغوا، قتل و غارت، خودڪشيون ۽ تشدد جا واقعا خاص ڪري عورتن جي موت ۾ اضافو، لاقانونيّت ۽ ناانصافي وارا واقعا گهٽائي سان ٿيڻ جون پيشن گويون

ڪيون ويندڙيون آهن. مطلب تہ مشرق ۽ مغرب، ترقي ڪندڙ ۽ ترقي يافتہ دنيا ۾ هر جاءِ تي سج ۽ چنڊ گرهڻ جي سبب انسان تي نقصانڪار اثرات جي حوالي سان خدشات محسوس ڪيا ويندا آهن.

## ڪنهن جي زندگي ۽ موت جي سبب گرهڻ ناهي لڳندو

عرب معاشري ۾ بہ سج ۽ چنڊ گرهڻ بابت عام خيال هوندو هو تہ ڪنهن وڏي واقعي مثال طور ڪنهن جي وفات يا پيدائش تي ٿيندو آهي. جڏهن دنيا جي نقشي تي اسلام جي انقلابي دعوت ابري تہ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي پياري حبيب، حبيب لبيب، طبيبن جي طبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن وهمن کي ختم ڪيو. جنهن ڏينهن پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي صاحبزادي حضرت ابراهيم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ انتقال فرمايو تہ ان ڏينهن سج گرهڻ ٿيو. ڪن ماڻهن سمجهيو تہ اهو حضرت ابراهيم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جن جي غم ۾ ٿيو آهي. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ماڻهن کي سج گرهڻ جي نماز پڙهڻ کان پوءِ خطبو ڏيندي ارشاد فرمايو: سج ۽ چنڊ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي نشانين مان بہ نشانيون آهن، انهن کي گرهڻ ڪنهن جي موت يا زندگي جي سبب ناهي ٿيندو. پوءِ جڏهن اوهان ان کي ڏسو تہ **الله** عَزَّوَجَلَّ کي پڪاريو، ان جي وڏائي بيان ڪريو، نماز پڙهو ۽ صدقو ڏيو.

(بخاري شريف 357/1، 363 **حديث** 1044، 1060 **ملخصًا**)

**مدني گل:** سج گرهڻ جي نماز سنّت مؤڪده آهي ۽ چنڊ گرهڻ جي مستحب. سج گرهڻ جي نماز جماعت سان پڙهڻ مُستحب آهي ۽ اڪيلي بہ پڙهي سگهجي ٿي ۽ جماعت سان پڙهي وئي تہ خطبي کان سواءِ سمورا شرط جمعي وارا آهن، اهوئي شخص ان

جي جماعت قائم ڪري سگهي ته جيڪو جمعي جي ڪري سگهندو آهي اهو نہ هجي تہ اڪيلو اڪيلو ئي گهر ۾ يا مسجد ۾ پڙهجي.
(بهارِ شريعت 787/1)

## اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟

جڏهن سج يا چنڊ گرهڻ ٿئي تہ مسلمانن کي گهرجي تہ اهي انهيءَ نظاري مان لطف اندوز ٿيڻ (ڊاڪٽرن جو چوڻ آهي تہ گرهڻ وقت سج کي ڇتائي نهارڻ سان ماڻهو انڌو بہ ٿي سگهي ٿو) ۽ وهم ڪرڻ جي بدران بارگاهِ الٰهي ۾ حاضري ڏين ۽ روئي روئي پنهنجي گناهن جي معافي طلب ڪن، قيامت جي ان ڏينهن کي ياد ڪن جڏهن سج ۽ چنڊ بي نور ٿي ويندا ۽ تارا ٽوڙيا ويندا ۽ جبل ويڙهيا ويندا.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿11﴾ عورت، گهر ۽ گهوڙي کي منحوس سمجهڻ

ڪي ماڻهو عورت، گهر ۽ گهوڙي کي منحوس سمجهندا آهن ۽ دليل طور هي حديثِ پاڪ پيش ڪندا آهن تہ رسولِ نذير، سراجِ منير، محبوب ربِّ قدير صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: عورت ۾، گهر ۾ ۽ گهوڙي ۾ نحوست آهي. (بخاري شريف 430/3 حديث 5093)

جيڪڏهن انهيءَ حديث پاڪ جي تشريح پڙهي ۽ سمجهي وڃي، اميد آهي تہ اهڙا ماڻهو پنهنجي مؤقف تان رجوع ڪندا. مُفسِّر شهير حڪيمُ الاُمّت حضرتِ مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْحَنَّان انهيءَ حديث پاڪ جي تحت لکن ٿا: انهيءَ حديث جون ڪيتريون ئي معنائون ڪيون ويون آهن. هڪ هي تہ جيڪڏهن ڪنهن شيءِ مان نحوست ٿئي ها تہ انهن ٽنهي مان هجي ها، ٻي هي تہ عورت جي نحوست هي آهي جو اولاد نہ ڄڻي ۽ مڙس جي نافرمان هجي، گهر

جي نحوست هي آهي سوڙهو هجي، اتي اذان جو آواز نہ اچي ۽ ان جا پاڙيسري بيڪار هجن، گهوڙي جي نحوست هي آهي تہ مالڪ کي سوار ٿيڻ نہ ڏئي، سرڪش هجي، مطلب تہ هتي شؤم مان مراد بدفال (يعني بدشگوني) ناهي جو ان جي ڪري رزق گهٽجي وڃي يا ماڻهو مري وڃي، ان لاءِ تہ اسلام ۾ بدفالي منع آهي. ان ڪري هي حديث لَا طِيَرَةَ جي حديث جي خلاف ناهي. خيال رهي تہ ڪي انسان ۽ ڪي شيون مبارڪ تہ ٿينديون آهن جو انهن سان گهر ۾ مال ۾ عمر ۾ واڌارو ٿيندو رهندو آهي جيئن (حضرت) عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام فرمائن ٿا: وَجَعَلَنِيْ مُبٰرَكًا (۽ ان مون کي برڪت وارو ڪيو) (پ 16 مريم 31) پر ان جي ابتڙ ڪا شيء منحوس ناهي، باقي! ڪافر، ڪفر ۽ عذاب وارو وقت منحوس آهي، ربّ تعاليٰ فرمائي ٿو: فِيْ يَوْمِ نَحْسٍ (اهڙي ڏينهن ۾ جنهن جي بدبختي انهن تي هميشہ رهي) (پ 27 القمر 19) (مرأة المناجيح 6/5)

## حضرت عائشہ صديقہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهَا جن جو مؤقف

اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مُجَدّد دين ۽ ملت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الرَّحۡمٰن فتاويٰ رضويہ ۾ لکن ٿا: جڏهن اُمُّ المؤمنين (رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهَا) جن کي حضرت ابوهريره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جي اها حديث پهتي تہ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو تہ عورت، گهر ۽ گهوڙي ۾ نحوست آهي تہ اوهان کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي ۽ فرمايائون: ان ربّ تعاليٰ جو قسم! جنهن محمد ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي مقدّس قرآن نازِل فرمايو، جڏهن تہ حضور پاڪ (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جن اهڙي طرح ناهي ارشاد فرمايو بلڪ هيئن ارشاد فرمايو تہ جاهليّت جي دؤر وارا انهن شين مان نحوست ۽ بدشگوني وٺندا هئا. امام طحاوي ۽ ابن جرير بواسطہ قتاده بواسطہ ابوحسان انهيءَ کي روايت

کيو آهي ۽ پڻ حاکم ۽ بيهقي بہ انهيءَ کي روايت کيو آهي.(ت) (شرح معاني الآثار للطحاوي 134/4)　　(فتاويٰ رضويہ 246/24)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب!　　صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## فتاويٰ رضويّہ جو هڪ سوال جواب

**اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مُجَدِّد دين ۽ ملت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن کان سوال کيو ويو: ڇا ٿا فرمائن علماء دين هن مسئلي ۾، هي جيکو مشهور آهي تہ گهر، گهوڙو ۽ عورت منحوس هوندا آهن انهيءَ بابت ڇا اصل آهي؟ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جواب ڏنو: اهي سڀئي بالکل باطل ۽ هندوئن جا مردود خيال آهن، شريعت مطهّره ۾ انهن جو ڪو اصل ناهي. شرعي طور تي گهر جي نحوست هي آهي تہ سوڙهو هجي، پاڙيسري برا هجن، گهوڙي جي نحوست هي آهي تہ شرير هجي، بدلگام، بد رکاب هجي، عورت جي نحوست هي آهي تہ بدزبان هجي، بري سلوڪ واري هجي، باقي هي خيال تہ عورت جي پير پائڻ سان هيئن ٿيو، فلان جي قدمن سان هونءَ، اهي سڀئي باطل ۽ ڪافرن جا خيال آهن. والله تعاليٰ اعلم　　(فتاويٰ رضويّہ 220/21)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب!　　صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿12﴾ ميّت کي غسل ڏيڻ کان پوءِ دلو ڀڃي ڇڏڻ

منهنجي آقا **اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مُجَدِّد دين ۽ ملت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن کان سوال کيو ويو تہ ميّت کي غسل ڏيڻ کان پوءِ دِلو، ڪوئنرو ڀڃي ڇڏڻ جائز آهي يا نہ؟ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جواب ڏنو: گناهہ آهي جو بنا ڪنهن سبب جي مال ضايع ڪرڻ آهي جو جيڪڏهن اهي ناپاڪ بہ ٿي وڃن تہ انهن کي

پاڪ ڪجي. حضور سيّد عالم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: اِنَّ اللّٰهَ كَرِهَ لَكُمْ ثَلٰثًا الله تعاليٰ ٽي ڳالهيون توهان لاءِ ناپسند ڪندو آهي: قِيْلَ وَقَالَ وَكَثْرَةَ السُّؤَالِ وَاِضَاعَةَ الْمَالِ فضول بڪ بڪ، سوال جي ڪثرت ۽ مال ضايع ڪرڻ. رَوَاهُ الشَّيْخَانَ وَغَيْرُهُمَا (يعني انهن کي بخاري، مسلم ۽ ٻين روايت ڪيو)

۽ جيڪڏهن هي خيال ڪيو وڃي ته ان مان مُردي کي وهنجاريو آهي تنهنڪري انهن ۾ نحوست اچي وئي ته اهو خيال هِند جي غير مسلمن جي وهمن سان ملندڙ جلندڙ آهي. والله تعاليٰ اعلم

(فتاويٰ رضويہ 98/9)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## خبر ناهي ڪنهن منحوس جي شڪل ڏٺي هئي؟

بدشگوني جي بري عادت واري شخص کي جڏهن ڪو نقصان ٿيندو آهي يا ڪنهن مقصد ۾ ناڪامي ٿيندي آهي ته اهو هيئن چوندو آهي: اڄ صبح سوير خبر ناهي ڪنهن منحوس جي شڪل ڏٺي هئي؟ حالانڪ انسان صبح جو بستر تي اک کلڻ کان بعد سڀ کان پهريان پنهنجي گهر جي ئي ڪنهن ماڻهو جي شڪل ڏسندو آهي، ته ڇا گهر جو ڪو ماڻهو ايتري قدر منحوس ٿي سگهي ٿو جو صرف ان جي شڪل ڏسڻ ڪان پوءِ سمورو ڏينهن نحوست ۾ گذرندو آهي؟ ڪنهن کي منحوس چوڻ تي ڪڏهن ڪڏهن شرمندگي به ٿيندي آهي. هڪ سبق آموز حڪايت مان ان ڳالهه کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو. هڪ بادشاهه ۽ ان جا ساٿي جهنگل ۾ وڃي رهيا هئا. صبح جي وقت گهوڙن جي ٽاپن جو آواز صاف ٻڌڻ پئي آيو، جن کي ٻڌندي ئي اڪثر واٽهڙو رستي تان هٽي ويندا هئا چوته بادشاهه سلامت شڪار لاءِ ويندي ڪنهن جو رستي تي هلڻ پسند نه ڪندو

هو. بادشاهہ ان جي ساٿين جون سواريون وڏي شان ۽ شوڪت سان شهر مان گذري رهيون هيون، جيئن ئي بادشاهہ شهر جي فصيل (يعني چوديواري) جي ويجهو پهتو تہ ان جي نگاهہ سامهون ايندڙ هڪ اک واري شخص تي پئي، جيڪو رستي تان هٽڻ بدران وڏي بي نيازي سان اچي رهيو هو. ان کي سامهون ايندي ڏسي بادشاهہ غصي وچان رڙ ڪئي: اف! اها تہ وڏي بدشگوني آهي. ڇا ان بدبخت ڪاڻي کي خبر ناهي تہ جڏهن بادشاهہ جي سواري گذرندي هجي تہ رستو ڇڏي ڏبو آهي، پر انهيءَ منحوس ڪاڻي اسان جو رستو ٽپي وڏي نحوست جو ثبوت ڏنو آهي. ”اسان حڪم ڪيون ٿا تہ انهيءَ ڪاڻي شخص کي انهن ٿنين سان ٻڌو وجي ۽ اسان جي موٽڻ تائين اهو شخص اتي ئي ٻڌل رهندو. اسان واپسي تي ان جي سزا تجويز ڪنداسين.“ سپاهين جلدي حڪم جي تعميل ڪري ان شخص کي ٿنين سان ٻڌي ڇڏيو، بادشاهہ ان جا ساٿي تيزي سان جهنگل ڏانهن روانا ٿي ويا. بادشاهہ جي تشويش جي برعڪس ان ڏينهن بادشاهہ جو شڪار ڏاڍو ڪامياب رهيو، بادشاهہ پنهنجي پسند جي جانورن ۽ پکين جو شڪار ڪيو. بادشاهہ ڏاڍو خوش هو ڇوتہ اڄ ان جو ڪو هڪ نشانو بہ نہ گسيو بلڪ جنهن بہ جانور کي ڏٺو ان کي شڪار ڪري ورتو. وزير جانورن ۽ پکين کي ڳڻندي چيو: ”واهہ! اڄ تہ اوهان جو شڪارڪرڻ ڏاڍو ڀلو رهيو، ڇا نگاهہ هئي ۽ ڇا تہ نشانو هو!“ ان طرح سان سيئي ساٿي بہ بادشاهہ جي تعريف ڪري رهيا هئا، جڏهن شام ٿي بادشاهہ شهر جي ويجهو پهتو تہ ان شخص کي رسين سان ٻڌل ڏٺائين. بادشاهہ جي سواري سان گڏوگڏ جانورن ۽ پکين سان ڀريل گاڏو بہ پٺيان ٻڌل هو، جنهن کي ڏسي بادشاهہ ۽ ان

جا ساٿي خوشي ۾ نہ پيا ماپن. پريل گاڏو ڏسي اهو شخص ڏاڍيان بادشاهہ سان مخاطب ٿيو: ڏيو خبر بادشاهہ سلامت! اسان ٻنهي مان ڪير منحوس آهي، مان يا اوهان؟ اهو ٻڌندي ئي بادشاهہ جا سپاهي ان شخص تي تلوار تاڻي بيهي رهيا پر بادشاهہ انهن کي هٿ جي اشاري سان روڪي ڇڏيو. اهو شخص ٻنا ڪنهن خوف جي وري مخاطب ٿيو: ڏيو خبر بادشاهہ سلامت! اسان مان ڪير منحوس آهي "مان يا اوهان؟" مون اوهان کي ڏٺو تہ مان رسين سان ٻڌجي سڄو ڏينهن اُس ۾ سڙندو رهيس جڏهن تہ مون کي ڏسڻ سان اوهان کي تمام گهڻو شڪار حاصل ٿيو آهي. اهو ٻڌي بادشاهہ پشيمان ٿيو ۽ ان شخص کي جلدي آزاد ڪري، تمام گهڻي انعام ۽ اڪرام سان بہ نوازيائين.

## ڇا ڪنهن کي نظر بہ لڳندي آهي؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! انساني جسم ۾ ٻين شين کي نظر لڳڻ، ان کان بچڻ جون تدبيرون ڪرڻ، ان جو علاج ڪرڻ شرعًا ثابت آهي پر ياد رهي ڪنهن کي نظر لڳڻ ٻي شيءِ آهي ۽ ڪنهن کي منحوس سمجهڻ ٻي شيءِ آهي. حضرت سيِّدُنا يعقُوب عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیۡہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جا ڏهہ پٽ ڏاڍا خوبصورت ۽ ڏاڍا باڪمال هئا، مصر جا چار دروازا هئا، جڏهن ڏهہ ئي پٽ مصر روانا ٿيڻ لڳا تہ پاڻ عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیۡہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام کي اهي انديشو ٿيو تہ جيڪڏهن ڏهہ ئي هڪڙي دروازي مان داخل ٿيا تہ انهن کي ڏسڻ وارن جي نظر لڳي ويندي، ان لاءِ ارشاد فرمايائون:

يٰبَنِيَّ لَا تَدۡخُلُوۡا مِنۡۢ بَابٍ وَّاحِدٍ وَّادۡخُلُوۡا مِنۡ اَبۡوَابٍ مُّتَفَرِّقَةٍ ؕ (پ13، يوسف 67)

**ترجمو ڪنزالايمان:** اي منهنجا پُٽؤ! هڪ ئي دروازي مان داخل نہ ٿجو ۽ جدا جدا دروازن مان وڃجو.

مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَیْہِ رَحْمَۃُ الحَنّان انهيءَ آيت جي تحت لکن ٿا: ان مان معلوم ٿيو تہ نظر حق آهي ۽ ان ۾ اثر آهي، هي بہ معلوم ٿيو تہ نظرِبد کان بچڻ لاءِ تدبير ڪرڻ سنّت پيغمبر آهي. (نورالعرفان ص 387) صدرُالافاضل حضرت علّامہ مولانا سيّد محمّد نعيم الدين مراد آبادي عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللّٰہِ الْہَادِی انهيءَ آيت جي تحت لکن ٿا: تہ جيئن نظربد کان محفوظ رهو. بخاري ۽ مسلم جي حديث ۾ آهي تہ نظر (لڳڻ) حق آهي. پهرئين پيري حضرت يعقوب عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام اهو ان لاءِ نہ فرمايو هو تہ ان وقت تائين ڪو هي نہ ڄاڻندو هو تہ اهي سڀ ڀائر ۽ هڪ پيءُ جو اولاد آهن پر هاڻي ڄڏهن تہ باخبر ٿي چڪا آهن، ان لاءِ نظر لڳڻ جو احتمال هو، تنهن ڪري اوهان جدا جدا ٿي داخل ٿيڻ جو حڪم ڏنو. ان مان معلوم ٿيو تہ آفتن ۽ مصيبتن کي ٽارڻ جي لاءِ تدبيرون ۽ مناسب احتياط ڪرڻ انبياء (عَلَيْهِمُ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام) جو طريقو آهن ۽ انهيءَ سان گڏوگڏ احتياطن جي باوجود بہ معاملو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي حوالي ڪري ڇڏيو هو، توڪّل ۽ اعتماد اللّٰه عَزَّوَجَلَّ تي آهي پنهنجي تدبير تي ڀروسو ناهي.

(خزائن العرفان ص 654)

**اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.** اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الاَمِین صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## رحمتِ عالم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن کي نظر لڳائڻ جي ڪوشش ناڪام رهي

سيپاري 29 سورة قلم جي آيت 51 ۾ آهي:

وَ اِنۡ یَّكَادُ الَّذِیۡنَ كَفَرُوۡا لَیُزۡلِقُوۡنَكَ بِاَبۡصَارِهِمۡ لَمَّا سَمِعُوا الذِّكۡرَ وَ یَقُوۡلُوۡنَ اِنَّهٗ لَمَجۡنُوۡنٌ ﴿۵۱﴾

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ بيشڪ ڪافر تہ ائين لڳن ٿا ڄڻ پنهنجي بَد نظر لڳائي توکي ڪيرائي وجهندا جڏهن قرآن ٻُڌن ٿا ۽ چون ٿا تہ هي ضرور عقل کان پري آهي. (پ29، القلم 51)

صدرُالافاضل حضرت علاّمہ مولانا سيّد محمّد نعيم الدين مراد آبادي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡهَادِى انهيءَ آيت جي تحت لکن ٿا: منقول آهي تہ عربن ۾ ڪي ماڻهو نظر هڻڻ ۾ مشهور هوندا هئا ۽ انهن جي هي حالت هوندي هئي جو دعويٰ ڪري نظر هڻندا هئا ۽ جنهن شيءِ ڪي نقصان ڏيڻ جي ارادي سان انهن ڏٺو تہ ڏسندي ئي هلاڪ ٿي وئي. اهڙن ڪيترن ئي واقعن جا اهي تجربا ڪري چڪا هئا. ڪافرن انهن کي چيو تہ رسولِ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي نظر هڻن تہ انهن ماڻهن حضور (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جن کي تمام تيز نگاهن سان ڏسي چوڻ لڳا تہ اسان اڄ ڏينهن تائين اهڙو ڪو ماڻهو ناهي ڏٺو نہ وري اهڙيون نشانيون ڏٺيون آهن ۽ انهن جو ڪنهن شيءِ کي ڏسي، حيرت ڪرڻ ئي ستم هوندو هو پر انهن جون اهي سڀئي ڪوششون جيڪي اهي ڏينهن رات ڪندا رهندا هئا، انهن جي ۽ برين چالن جي مثل بيڪار ئي ٿي ويون ۽ **الله** تعاليٰ پنهنجي نبي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي انهن جي شرّ کان محفوظ رکيو ۽ هي آيت نازل ٿي. (حضرت سيدنا) حَسن رَضِىَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جن فرمايو: جنهن کي نظر لڳي تہ ان تي هي آيت پڙهي دَم ڪئي وڃي. (خزائن العرفان ص 1048) **مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت،** حضرت مفتي **احمد يار خان** عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الحَنّان فرمائن ٿا: عربن ۾ ڪي ماڻهو نظربد لڳائڻ ۾ مشهور هوندا هئا، جيڪڏهن اهي بک جي حالت ۾ ڪنهن کي تيز نگاهن سان ڏسي چوندا هئا تہ "اهڙو اسان تہ اڄ ڏينهن تائين

ناهي ڏنو، ڪيڏو نہ سهڻو آهي!“ تہ اهو ماڻهو يا جانور هلاڪ ٿي ويندو هو. مڪي جي ڪافرن انهن کي تمام گهڻي لالچ ڏئي انهن کي گهرايو، اهي معمول مطابق ٿي ڏينهن بڪايل رهيا پوءِ حضور (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيا تہ پاڻ (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) قرآن جي تلاوت فرمائي رهيا هئا، انهن هر هر اهو چيو پر **الله** تعاليٰ حضور (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جن کي انهن جي نظرِبد کان محفوظ رکيو، ان تي آيت نازل ٿي. معلوم ٿيو تہ بدنيّتي سان حضور (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جن جو چهرو انور ڏسڻ ڪفر آهي، اعتقاد سان رُخ انور جي زيارت صحابي بڻائي ڇڏيندي آهي، اهوئي حال قرآن شريف جو آهي، بدنيّتي سان ان کي پڙهڻ ڪُفر آهي، نيڪ نيّتي سان عبادت. ان مان ٻہ مسئلا معلوم ٿيا، هڪ هيءُ تہ نظربد حق آهي، ٻيو هي تہ رسول **الله** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ربّ جا اهڙا تہ محبوب آهن جو ربّ انهن کي نظرِبد کان بچائيندو آهي ڇوتہ ڪافرن انهن ماڻهن کي نظرِبد هڻڻ جو چيو هو جن جون بريون نظرون ماڻهن کي هلاڪ ڪري ڇڏينديون هيون، **الله** (عَزَّوَجَلَّ) پنهنجي حبيب (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جن کي انهن جي شرّ کان محفوظ رکيو. اها آيت نظرِبد کان بچڻ لاءِ مفيد آهي. (نورالعرفان ص 971)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## نظر حق آهي

سرڪارِ نامدار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: نظر حق آهي، جيڪڏهن ڪا شيءِ تقدير کان وڌي سگهي ها تہ ان کان نظر وڌي وڃي ها ۽ جڏهن توهان ڌئاريا وڃو تہ ڌوئي ڇڏيو. (مسلم شريف ص 1202 حديث 2188)

مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الۡحَنَّان انهيءَ حديث پاڪ جي تحت جيڪا وضاحت فرمائي آهي، ان مان حاصل ٿيڻ وارا مدني گل خدمت ۾ پيش ڪيا وڃن ٿا: ✵ نظرِبد جو اثر برحق آهي ان مان جنهن کي نظر لڳي ان کي نقصان ٿيندو آهي ✵ نظر جو اثر ايتري قدر سخت آهي جو جيڪڏهن ڪا شيءِ تقدير جو مقابلو ڪري سگهي ها ته نظرِبد ڪري ها جو تقدير ۾ آرام لکيل هجي پر اها تڪليف ڏئي ها، پر جڏهن ته ڪا شيءِ تقدير جو مقابلو نٿي ڪري سگهي ان لاءِ هي نظرِبد به تقدير نٿي بدلائي سگهي ✵ جيڪڏهن ڪنهن نظر لڳل کي اوهان تي شبهو هجي ته انهيءَ کي توهان جي نظر لڳي آهي ۽ اهو نظر لاهڻ لاءِ توهان جا هٿ پير ڌئاري پاڻ تي ڇندا هڻڻ چاهي ته توهان برو نه سمجهو بلڪ جلدي پنهنجا عضوا ڌوئي ان کي ڏيو، نظر لڳڻ عيب ناهي، نظر ته ماءُ جي به لڳي ويندي آهي ✵ ان حديث مان معلوم ٿيو ته عوام ۾ مشهور ٽوٽڪا جيڪڏهن شريعت جي خلاف نه هجن ته انهن جو بند ڪرڻ ضروري ناهي. ڏسو! نظر واري جا هٿ پير ڌوئي نظر لڳل کي ڇندا هڻڻ عربن ۾ رواج هوندو هو، حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهيءَ کي باقي رکيو ✵ اسان وٽ ٿوري اٽي جي چاڻ تي ڳاڙها مرچ نظر لڳل تي ست ڀيرا مٿي کان وٺي پيرن تائين گهمائي پوءِ باهه ۾ وڌا ويندا آهن جيڪڏهن نظر لڳل هوندي آهي ته چاڻ ناهي اٿندي ۽ ربّ تعاليٰ شفا ڏيندو آهي ✵ جيئن دوائن ۾ نقل جي ضرورت ناهي، تجربو ئي ڪافي هوندو آهي، ائين ئي اهڙن ٽوٽڪن ۾ نقل ضروري ناهي، شريعت جي خلاف نه هجن ته درست آهن جيتوڻيڪ ماثوره دعائون افضل آهن ✵ حضرت عثمانِ غني (رَضِیَ اللّٰهُ

تَعَالٰی عَنْہُ) هڪ خوبصورت تندرست ڇوڪرو ڏٺو تہ فرمايائون ان جي ڄاڙي تي ڪاراڻ لڳائي ڇڏيو تہ جيئن نظر نہ لڳي ❁ حضرت هشام ابن عروہ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جڏهن ڪا پسنديده شيءِ ڏسندا هئا تہ فرمائيندا هئا: مَاشَاءَ اللّٰہُ لَاقُوَّۃَ اِلَّا بِاللّٰہ ❁ علماء فرمائن ٿا تہ ڪي نظرون زهريليون هونديون آهن جيڪي اثر ڪنديون آهن. (مرقات) (مرأة المناجيح 223/6)

## فصلن کي نظر لڳڻ کان بچائڻ جو نسخو

علّامہ ابن عابِدِين شامي قُدِّسَ سِرُّہُ السَّامِي لکن ٿا: ان ڳالهہ ۾ ڪو حرج ناهي تہ فصلن يا ڇانهين ۾ گدرن جي فصلن ۾ نظربد کان بچاءُ جي لاءِ هڏا ٽنگيا وڃن ڇوتہ نظربد مال، ماڻهو ۽ جانور سيني کي لڳندي آهي ۽ ان جو اثر علامتن مان ظاهر ٿيندو آهي تہ ڏسڻ وارو جڏهن فصل ڏانهن نهاريندو تہ ان جي نظر پهريان هڏن تي پوندي ڇوتہ اهي فصل کان مٿي هوندا آهن ان کان پوءِ فصل تي نظر پوندي تہ اهڙي طرح ان جي نظر جو اثر ضايع ٿي ويندو ۽ فصل کي نقصان ناهي ٿيندو. حديث پاڪ ۾ آهي تہ هڪ صحابيہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا نبي ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿي عرض ڪرڻ لڳيون تہ اسان هاري آهيون ۽ اسان کي پنهنجي فصلن تي نظربد لڳڻ جو انديشو هوندو آهي تہ پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فصلن ۾ هڏن رکڻ جو حڪم فرمايو. (سنن الکبريٰ للبيهقي 228/6 حديث 11753)

(ردالمحتار 601/9)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## نظربد اُٺ کي ديڳ ۾ وجهي سگهي ٿي

حضرت سيِّدُنا جابر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ شهنشاهہ

خوش خصال، پيڪرِ حُسن و جمال صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: اَلْعَيْنُ تُدْخِلُ الرَّجُلَ الْقَبْرَ وَ تُدْخِلُ الْجَمَلَ الْقِدْرَ بيشڪ نظر مرد کي قبر ۾ ۽ اُٺ کي ديڳ ۾ وجهي ڇڏيندي آهي. (جمع الجوامع 204/5 حديث 14558)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## جلد نظر لڳندي آهي

حضرت سيِّدَتُنا اَسما بنت عُمَيس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا بارگاهِ رسالت ۾ عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جعفر جي اولاد کي جلد نظر لڳي ويندي آهي ڇا مان انهن کي دم ڦيٽو ڪرايان؟ فرمايائون: هائو! ڇوته جيڪڏهن ڪا شيءِ تقدير کان سبقت ڪرڻ واري هجي ها ته نظرِبد ئي سبقت ڪري وڃي ها. (ترمذي شريف 13/4 حديث 2066)

مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الحَنّان انهيءَ حديث پاڪ جي تحت وضاحت فرمائن ٿا: ❁جڏهن ته اهي ٻار ظاهري باطني خوبين وارا آهن ان ڪري ماڻهو انهن کي تعجب جي نظرن سان ڏسندا آهن ۽ اهي ٻار نظر جي ڪري بيمار ٿي پوندا آهن. نظر جو اثر زهر کان وڌيڪ تيز ۽ سخت هوندو آهي، ان ڪري تُسرع (يعني جلدي) ڪرڻ بالڪل درست آهي ❁ گهڻو ڪري انهن (حضرت سيِّدَتُنا اَسما بنت عُمَيس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا) حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان ئي نظر جو ڦيٽو سکيو هوندو، ان جي اجازت گهري رهيون هيون جيڪا عطا ڪئي وئي ❁ نظربد ڏاڍي تاثير واري هوندي آهي جيڪڏهن ڪنهن شيءِ سان تقدير بدلجي ها ته اها نظر سان بدلجي ها ❁ خيال رهي ته ڪاوڙ واري نظر، نظر لڳل ۾ ڊپ پيدا ڪندي آهي، محبت واري نظر خوشي، اهڙي طرح تعجب واري نظر بيماري پيدا ڪندي آهي ❁ ربّ تعاليٰ جنهن شيءِ ۾ چاهي خاص تاثير پيدا

ڪري اهو قادِر مُطلَق آهي ❁ پوءِ جيئن بري نظر بُرو اثر پيدا ڪندي آهي اهڙي طرح صالح، مقبول ٻانهن جي رحمت واري نظر، نظر لڳل ۾ انقلاب (يعني تبديلي) پيدا ڪندي آهي، نظربد بيماريون پيدا ڪندي آهي ته سني نظر بيماريون ختم ڪندي آهي. شيطان بارگاهِ الٰهي ۾ عرض ڪيو: اَنۡظِرۡنِیۡ مون کي مهلت ڏي، جيڪڏهن چوي ها: اُنۡظُرۡ اِلَیَّ مون تي نظر رحمت سان ڏس ته ان جو ٻيڙو پار ٿي وڃي ها. (مرقات) ❁(حڪايت) هڪ شخص چيو ته مون وڏن وڏن کي ڏٺو آهي، ڪنهن ۾ ڪجھ ٻه ناهي. ٻئي چيو: پر ڪنهن تو کي ناهي ڏٺو، جيڪڏهن ڪو نظر وارو توکي ڏسي ها ته تنهنجو اهو حال نه هجي ها. مطلب ته نظر وڏي شيءِ آهي، ڪا نظر خانو خراب ڪري ڇڏيندي آهي ته ڪا نظر خراب کي آباد ڪري ڇڏيندي آهي.

نظر کی جو لانیاں نہ پوچھو نظر حقیقت میں وہ نظر ہے
اُٹھے تو بجلی پناہ مانگے گرے تو خانہ خراب کردے

(مرأة المناجيح 241/6 بتغير)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## موءِ مبارڪ جي برڪت سان نظر واري کي شفا ملندي هئي

حضرت سيِّدُنا عثمان بن عبدالله بن مَوهَب رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ کان روايت آهي ته منهنجي گهروارن مون کي پيالو ڏئي، اُمُّ المؤمنين حضرت سيِّدَتُنا اُمّ سلمه رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہَا وٽ موڪليو، جڏهن ڪنهن ماڻهو جي نظر يا ڪا شيءِ لڳي ويندي هئي ته انهن وٽ ٿال موڪليندا هئا. حضرت سيِّدَتُنا اُمّ سلمه رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہَا حضورِ اڪرم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو موءِ مبارڪ چاندي جي ڪُپي (دٻي) ۾ رکي ڇڏيو هو. مون ڪُپي ۾ ڏٺو ته (ان ۾) ڪجھ ڳاڙها وار موجود هئا. (بخاري شريف 76/4 حديث 5896)

مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْحَنَّان انهيءَ حديثِ پاڪ جي تحت جيڪا وضاحت ڪئي آهي، ان مان حاصل ٿيندڙ مدني گل پيشِ خدمت آهن: ❁ يعني مديني وارن کي جڏهن ڪا بيماري يا نظربد يا ڪا ٻي تڪليف ٿيندي هئي ته اهي ڪنهن اهڙي ٿانوَ ۾ جنهن ۾ ڪپڙا ڌوتا ويندا هئا پاڻي موڪلي ڇڏيندا هئا ❁ گهڻو ڪري پاڻ (رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا) انهي ڪُپي واري وار مبارڪ ۾ پاڻي وجهنديون هيون، ماڻهو پاڻي پيئندا هئا ۽ شفاياب ٿيندا هئا ❁ وارن جي اها ڳاڙهاڻ خضاب جي نه هئي بلڪ اهي وار مبارڪ خوشبو ۾ رکيا ويا هئا اهو رنگ انهيءَ خوشبو جو هو ❁ انهيءَ حديث مان ڪجھ فائدا حاصل ٿيا: هڪ هي ته حضرات صحابہ ڪرام (عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان) حضور (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جا وار شريف برڪت جي لاءِ پنهنجي گهرن ۾ رکندا هئا. ٻيو هي ته ان وار شريف جو تمام گهڻو ادب ۽ احترام ڪندا هئا ان جي لاءِ خاص قسم دٻي يا ڪُپي ٺهرائيندا هئا، پوءِ ان ۾ خوشبو وجهندا هئا ڇوته اهو رنگ خوشبو جو هو خضاب جو نه هو. ٽيون هي ته صحابہ ڪرام (عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان) حضور (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جن جي وار مبارڪ کي دافعِ بلا، شفا جو سبب سمجهندا هئا تڏهن ته انهن کي پاڻي ۾ وجهي شفا جي لاءِ پيئندا هئا، ڇوته هجي جڏهن ته (حضرت سيِّدُنا) يوسف (عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام) جي قميص مبارڪ دافعِ بلا ٿي سگهي ٿي جيئن ته قرآن ڪريم فرمائي رهيو آهي: اِذْهَبُوْا بِقَمِيْصِيْ[1] ته پوءِ حضورِ انور (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى

مدينه

[1] 13 سيپاري سورهءِ يوسف جي آيت 93 ۾ آهي: اِذْهَبُوْا بِقَمِيْصِيْ هٰذَا فَاَلْقُوْهُ عَلٰى وَجْهِ اَبِيْ يَاْتِ بَصِيْرًا ۚ ترجمو ڪنزالايمان: منهنجي هيءَ قميص کڻي وڃو ان کي منهنجي پيءُ جي منهن تي وجهو ته ان جون اکيون نورواريون ٿي وينديون.

عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جو وار مبارڪ بدرجہ اوليٰ دافع بلا ٿي سگھي ٿو. ڇوته هي تہ صحابہ ڪرام (عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان) حضور (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي وار مبارڪ جي زيارت ڪرڻ ويندا هئا جيئن تہ روايت مان معلوم ٿيو.
(مرأة المناجيح 248/6)

ہم سیہ کاروں پہ یارب تپشِ محشر میں
سایہ افگن ہوں ترے پیارے کے پیارے گیسو (حدائق بخشش شریف)

**اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.** اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الۡاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڪير ڪي بہ نظر لڳي سگھي ٿي

حضرت سيِّدُنا ابوحُمَيد رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ نَقِيع (هڪ جڳهہ جو نالو) مان ڪير جو پيريل ٿانوَ سرڪارِ مدينہ منوره، سردارِ مڪہ مڪرّمہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ کڻي آيا. پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: اوهان انهيءَ کي ڍڪڻ ڇو نہ ڍڪيو ڀلي اهو هڪ ڏنو جيتوڻيڪ جو انهيءَ تي ڪاني رکي ڇڏيو ها. (بخاري شريف 586/3 حديث 5605)

مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مُفتي احمد يار خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الۡحَنَّان ان حديث پاڪ جي تحت لکن ٿا: اهي حضرت کليل ٿانوَ ۾ ڪير کڻي آيا هئا ان ڪري حضورِ انور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هي فرمايو يعني ڪير ڍڪي اچو ها، جيڪڏهن ڍڪڻ نہ هئو تہ ان تي ڪاني ئي رکي ڇڏيو ها، اسان وٽ عوام ۾ مشهور آهي تہ ڪير ۽ ڏهي کي نظرِبد جلدي لڳندي آهي، ان تي ڪاني رکڻ گھرجي، ان جي اصل هي حديث ٿي سگھي ٿي. خيال رهي تہ دڪانن تي ڪير کُليو پيو هوندو آهي اهو هن حڪم ۾ داخل ناهي، ڪٿي ڪٿي وجو تہ ڍڪي

ڇڏيو. (مرأة المناجيح 88/6)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## بنا حساب جي جنّت ۾ داخل ٿيڻ

حضرت سيِّدُنا عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ رسولِ اڪرم، شهنشاهِ بني آدم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عاليشان آهي: مون حج جي موسم ۾ سيني امتين کي ڏٺو، پوءِ مون پنهنجي اُمّت کي ڏٺو تہ انهن ميدانن ۽ جبلن کي گهيري ڇڏيو هو، مون کي انهن جي گهڻائي ۽ انداز تعجّب ۾ وجهي ڇڏيو، مون کان پڇيو ويو: ڇا اوهان ان ڳالهہ تي راضي آهيو؟ مون چيو: مان راضي آهيان. چيو ويو: انهن سان گڏوگڏ وڌيڪ 70 هزار آهن جيڪي بنا ڪنهن حساب جي جنّت ۾ داخل ٿيندا، اهي جيڪي جهاڙ ڦوڪ ناهن ڪرائيندا،[1] داغ ناهن لڳرائيندا، بدفالي ناهن وٺندا ۽ پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ تي ڀروسو ڪندا آهن. حضرت سيِّدُنا عڪاشہ رَضِیَ اللّٰہُ

مدينہ

[1] انهيءَ حديث ۾ ان ڦيڻي جي نفي آهي جيڪو جاهليّت واري زماني ۾ ماڻهو ڪرائيندا هئا (جنهن ۾ شرڪ وارا لفظ هوندا هئا) پر جنهن ڦيڻي ۾ ڪتابُ الله جا لفظ هجن تہ اهڙو ڦيڻو جائز آهي ڇوتہ حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن بہ اهڙو ڦيڻو رکيو آهي ۽ اهڙي ڦيڻي رکرائڻ جو حڪم بہ ڏنو آهي ۽ اهو ڦيڻو توڪّل جي منافي ناهي. (عمدة القاري 690/14) حضرت سيِّدُنا انس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ خاتَمُ المرسلين، رحمة للعلمين صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم نظرِبد، ڏنگ ۽ ڦٽ ڦرڙين جي حالت ۾ ڦيڻي رکرائڻ جي اجازت ڏني آهي. (مسلم شريف ص 1206 حديث 2196) مُحقّق علي الاطلاق، حضرت علّامہ شيخ عبدُالحق مُحدِّث دِهلوي عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللّٰہِ الْقَوِی اشِعَّةُ اللّمعات (فارسي) جلد 3 صفحي 645 تي انهيءَ حديث پاڪ جي تحت لکن ٿا: ياد رهي تہ سيني بيمارين ۽ تڪليفن ۾ ڦيڻو رکڻ جائز آهي، فقط انهن ٽن سان خاص ناهي، خاص ڪري انهن جي ذڪر جو سبب هي آهي تہ ٻين بيمارين جي نسبت، انهن ٽن بيمارين ۾ ڦيڻو گهڻو مناسب ۽ مفيد آهي. (اشعة اللمعات 645/3) منهنجا آقا اعليٰ حضرت امام اهلسنت، مُجَدّد دين ۽ ملت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان عَلَیْہِ رَحْمَۃُ الرَّحْمٰن فتاويٰ افريقہ جي صفحي 168 تي فرمائن ٿا: جائز تعويذ، جيڪو قرآن ڪريم يا الله عزوجل جي اسماء يا ٻين اذڪار ۽ دعائن مان هجي تہ ان ۾ ڪو حرج ناهي بلڪ مُستَحَب آهي. رسولُ الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: مَنِ اسْتَطَاعَ مِنْکُمْ اَنْ یَّنْفَعَ اَخَاہُ فَلْیَنْفَعْہُ يعني توهان مان جيڪو شخص پنهنجي مسلمان ڀاءُ کي نفعو پهچائي سگهي تہ پهچائي.”
(مسلم شريف ص 1208 حديث 2199)

تَعَالٰی عَنْهُ اتي بينا ۽ عرض ڪرڻ لڳا: يارسول **الله** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! **الله** عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ دُعا ڪيو تہ مون کي بہ انهن مان ڪري. اهڙي طرح نبي رحمت، قاسم نعمت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن دُعا گُهري: يا**الله** عَزَّوَجَلَّ! انهيءَ کي بہ انهن ماڻهن مان ڪري ڇڏ.“ ٻئي صحابي اتي ٻيهي عرض ڪيو: منهنجي لاءِ بہ دُعا ڪريو تہ **الله** عَزَّوَجَلَّ مونکي بہ انهن مان ڪري تہ پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: عڪاشہ اوهان تي اڳرائي ڪري ويو. (الاحسان بترتيب صحيح ابن حبّان 628/7 حديث 6052)

## بدشگوني کان ڪيئن بچيو وڃي؟

بدشگوني هلاڪت ۾ وجهندڙ هڪ باطني بيماري آهي، ان ڪري ان جو علاج نهايت ضروري آهي، جيڪڏهن اوهان کان ڪڏهن بدشگوني جو گناهہ ٿيو هجي تہ سڀ کان پهريان ان کان توبہ ڪيو، ان کان پوءِ هيٺ ڏنل نسخن تي عمل ڪرڻ سان انهيءَ بيماري جو علاج سولو ٿي پوندو. ان شآءَ **الله** عَزَّوَجَلَّ

## (1) اسلامي عقائد جي معلومات حاصل ڪريو

عِلم سان وحشت ختم ٿيندي آهي، اسلامي عقيدن جي ضروري معلومات رکڻ هر مسلمان جي لاءِ لازمي آهي. اهڙي طرح تقدير تي هن طرح سان ايمان رکيو وڃي تہ هر ڀلائي، برائي **الله** عَزَّوَجَلَّ پنهنجي علمِ ازلي جي مطابق لکي ڇڏي آهي، جيئن ٿيڻ وارو هو ۽ جيڪو جيئن ڪرڻ وارو هو، پنهنجي علم سان ڄاڻو ۽ اهوئي لکي ڇڏيو.[1] (بهارِ شريعت 11/1) تہ بدشگوني دل ۾ ئي نہ اچي سگهندي



[1] عقائد جي باري ۾ وڌيڪ تفصيل جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل بهارِ شريعت جلد اوّل جي پهرين حصي جو مطالعو ڪريو.

چوتہ جڏهن بہ انسان کي ڪو نقصان ٿيندو تہ اهو هي خيال ڪري تہ اهو تقدير ۾ لکيل هو، نہ ڪنهن شيءِ جي نحوست جي ڪري ائين ٿيو آهي. سيپاري 27 سورهءِ حديد جي آيت 22 ۾ ارشاد آهي:

مَاۤ اَصَابَ مِنْ مُّصِیْبَةٍ فِی الْاَرْضِ وَ لَا فِیْۤ اَنْفُسِكُمْ اِلَّا فِیْ كِتٰبٍ مِّنْ قَبْلِ اَنْ نَّبْرَاَهَاؕ-اِنَّ ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ یَسِیْرٌۚۖ(۲۲) (پ۲۷،الحديد:۲۲)

**ترجموڪنزالايمان:** نہ ٿي پهچي ڪا بہ مصيبت زمين ۾ ۽ نہ ئي توهان جي جانين ۾ مگر اها هڪ ڪتاب ۾ آهي هن کان اڳي جو اسان ان کي پيدا ڪريون بيشڪ اهو الله تي آسان آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## جيڪو خدا کي منظور هوندو اهوئي ٿيندو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! پنهنجو هي ذهن بڻايو تہ جيڪو خدا کي منظور هوندو اهوئي ٿيندو آهي. ڪاري ٻلي جو رستو ٽپڻ يا گهر جي ڇت تي ڇٻري جي ٻولڻ سان اسان کي ڪو نقصان نہ ٿيندو. ڪيترائي ماڻهو اهڙا هوندا آهن جن جي اڳيان ڪاري ٻلي ناهي گذرندي، پوءِ بہ انهن کي ڪو نہ ڪو نقصان ٿيندو آهي. سورة التوبہ ۾ الله عَزَّوَجَلَّ مسلمانن کي ارشاد فرمائي ٿو تہ هيئن چوندا ڪريو:

لَنْ یُّصِیْبَنَاۤ اِلَّا مَا كَتَبَ اللّٰهُ لَنَاۚ-هُوَ مَوْلٰىنَاۚ-وَ عَلَى اللّٰهِ فَلْیَتَوَكَّلِ الْمُؤْمِنُوْنَ(۵۱)

(پ 10 التوبه 51)

**ترجموڪنزالايمان:** اسان کي ڪڏهن بہ نہ پهچندو مگر اهو ڪجھ جيڪو الله اسان جي واسطي لکي ڇڏيو اهوئي اسان جو مولىٰ آهي ۽ مسلمانن کي الله تي ئي ڀروسو رکڻ گهرجي.

امام فخرالدّين رازي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی تفسير ڪبير ۾ فرمائن ٿا: انهيءَ آيت مبارڪ جي هي معنىٰ آهي تہ اسان کي ڪو خير ۽

شرّ، خوف ۽ اميد، شدّت ۽ سختي ناهي پهچندي پر اهائي جيڪا اسان جو مقدّر آهي ۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ وٽ لوح محفوظ ۾ لکيل آهي.
(التفسير الڪبير 66/6)

## رِزق ۽ مصيبتون لکيون ويندڀون آهي

حضرت سيِّدُنا عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ، سلطانِ باقرينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: **الله** عَزَّوَجَلَّ هر هڪ جان کي پيدا فرمايو آهي ۽ ان جي زندگي، رزق ۽ مصيبتن کي لکي ڇڏيو آهي. (ترمذي شريف 57/4 حديث 2150 ملتقطًا)

تنهن ڪري هڪ مسلمان هئڻ جي ناتي سان اسان جو هن ڳالهہ تي ڪامل يقين هئڻ گهرجي تہ ڏک هجي يا خوشي! آرام هجي يا تڪليف! **الله** تعاليٰ جي طرفان آهي ۽ جيڪي مشڪلاتون، مصيبتون، سختيون ۽ بيماريون اسان جي نصيب ۾ ناهن لکيل تہ اهي اسان کي نٿيون پهچي سگهن.

## نقصان نٿا پهچائي سگهن

سرڪارِ مدينہ منوّره، سردار مڪّہ مڪرّمہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن حضرت سيِّدُنا عبدالله بن عباس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا کي فرمايو: يقين رکو تہ سموري اُمّت انهيءَ تي متفق ٿي وڃي تہ اوهان کي نفعو ڏئي تہ اها اوهان کي ڪوبہ نفعو نٿي ڏئي سگهي پر ان شيءِ جو، جيڪا **الله** اوهان جي لاءِ لکي آهي ۽ جيڪڏهن انهيءَ تي متفق ٿي وڃي تہ اوهان کي ڪو نقصان پهچائي تہ هرگز نقصان نٿي پهچائي سگهي پر ان شيءِ کان جيڪا **الله** لکي. (ترمذي شريف 231/4 حديث 2524 ملتقطًا)

مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَیْہِ رَحْمَۃُ الحَنّان انهيءَ حديث پاڪ جي تحت جيڪا وضاحت فرمائي آهي، ان مان

حاصل ٿيندڙ مدني گل پيشِ خدمت آهن: ❁ يعني سڄي دنيا گڏجي توهان کي نفعو نٿي پهچائي سگهي، جيڪڏهن ڪو پهچائيندي ته اهوئي جيڪو اوهان جي مقدّر ۾ لکيل آهي. ان مان معلوم ٿيو ته الله تعاليٰ جو لکيل نفعو دنيا پهچائي سگهي ٿي، ڊاڪٽر جي دوا فائدو ڏئي سگهي ٿي، نانگ جو زهر ماري سگهي ٿو، پر اهو الله تعاليٰ جي طرفان طئي ٿيل آهي، حضرت يوسف (عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام) جي قميص حضرت يعقوب (عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام) جي اکين کي شفا ڏني، حضرت عيسيٰ (عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام) مردن کي زنده ۽ بيمارن کي تندرست ڪندا هئا پر الله جي اِذن (يعني اجازت) سان ❁ لکڻ مان مراد لوحِ محفوظ ۾ لکڻ آهي جيتوڻيڪ اها تحرير (لکت) قلم ڪئي پر جڏهن ته الله جي حڪم سان ڪئي هئي، ان ڪري چيو ويو آهي ته الله لکيو، مطلب ظاهر آهي ته جيڪڏهن سمورو جهان گڏجي توهان کي ڪو نقصان ڏئي ته اهو به طئي ٿيل پروگرام جي تحت هوندو جو لوح محفوظ ۾ ائين لکيو ويو هو ❁ خيال رهي ته تدبير به تقدير ۾ اچي چڪي آهي، تنهن ڪري تدبير کان غافل نه رهو پر ان تي اعتماد نه ڪريو نظر صرف الله جي قدرت ۽ رحمت تي ئي رکو. (مراة المناجيح 117/7)

## (2) توڪّل بهترين علاج آهي

الله تبارڪ و تعاليٰ تي اعتماد ڪري، ڪمن کي ان جي حوالي ڪرڻ کي توڪّل چئبو آهي، تنهن ڪري جڏهن به ڪا بدشگوني دل ۾ ڪٿڪي ته ربّ تعاليٰ تي توڪّل ڪريو، اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ بدشگوني جو خيال دل مان نڪري ويندو. رسولِ نذير، سراجِ مُنير صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: بدفالي وٺڻ شرڪ آهي،

بدفالي ونڻ شرڪ آهي، انهيءَ ڳالهه کي ٽي ڀيرا ارشاد فرمايائون، (پوءِ فرمايائون) ۽ هر ماڻهو جي دل ۾ ان جو خيال بہ ٿيندو آهي پر **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ توڪّل جي ذريعي ان کي ختم فرمائي ڇڏيندو آهي.
(ابوداؤد 23/4 حديث 3910)

حافظ ابوالقاسم اَصفهاني عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْغَنِی ارشاد فرمائن ٿا: انهيءَ حديثِ پاڪ جو مطلب هي آهي تہ منهنجي اُمّت جي هر شخص جي دل ۾ انهن مان ڪجهہ نہ ڪجهہ خيال ايندو آهي پر **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ هر ان شخص جي دل مان اهي خيال ڪڍي ڇڏيندو آهي جيڪو **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ تي توڪّل ڪندو آهي ۽ ان بدفالي تي قائم ناهي رهندو.
(الزواجر عن اقتراف الكبائر 325/1)

شارح بخاري علّامہ اسماعيل بن محمد عَجلُوني عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی علّامہ مَناوي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْهَادِی جي حوالي سان لکن ٿا: جنهن جو هي يقين هوندو آهي تہ **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي اِذن (يعني اجازت) جي بغير ڪا شيءِ ڪنهن شيءِ ۾ اثر ناهي ڪندي، ان تي ڪنهن بدشگوني جو ڪو اثر ناهي ٿيندو. (كشف الخفاء 11/1)

## (3) ڪم ڪان نہ رکجو

نور جي پيڪر، سيني نبيّن جي سروَر صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: منهنجي امّت ۾ ٽي شيون لازمي رهنديون: بدفالي، حَسَد ۽ بَدگماني. هڪ صحابي رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ عرض ڪيو: يا رسول **اللّٰه** صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! جنهن شخص ۾ اهي ٽي خصلتون هجن، اهو انهن جو ڪهڙي نموني اُپاءُ وني؟ ارشاد فرمايائون: جڏهن اوهان حسد ڪيو تہ **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ کان اِستِغفار ڪريو ۽ جڏهن اوهان بدگماني ڪيو تہ ان تي جميل نہ رهو ۽ جڏهن اوهان بدفالي ونو تہ ان ڪم کي ڪري ڇڏيو.
(المعجم الكبير 228/3 حديث 3227)

## بدشگوني باطني بيماري آهي

علاّمہ عبدالرؤف مناوي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡقَوِی فيض القدير ۾ لکن ٿا: انهيءَ حديث پاڪ ۾ انهيءَ ڳالھ جي طرف اشارو آهي تہ اهي ٽئي خصلتون دل جي بيمارين منجهان آهن جن جو علاج ضروري آهي جيڪو حديث ۾ بيان ڪيو ويو آهي. (فيض القدير 401/3 حديث 3465)

## برو شگون اوهان کي واپس نہ موٽائي

حضرت سيِّدُنا عُروه بن عامر رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ بيان ڪن ٿا تہ رسولُ اللّٰه صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي اڳيان بدشگوني جو ذڪر ٿيو. پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: فال سني شيءِ آهي ۽ برو شگون ڪنهن مسلمان کي واپس نہ موٽائي. (ابوداوٗد 25/4 حديث 3919)

صدرُالشّريعہ بدرُالطّريقہ حضرت علاّمہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡقَوِي لکن ٿا: يعني (مسلمان ڪنهن ڪم سان) ڪيڏانهن وڃي رهيو هو ۽ برو شگون محسوس ٿيو تہ واپس موٽي نہ اچي، اوڏانهن هليو وڃي. (بهارِ شريعت 504/3)

## سفر ڪرڻ کان نہ رڪجو

منقول آهي تہ اميرالمؤمنين مولا مشڪل ڪشا حضرت سيِّدُنا عليُّ المرتضيٰ ڪَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰي وَجۡهَهُ الۡكَرِيۡم جڏهن خارجين سان جنگ لاءِ سفر جو ارادو ڪيو تہ هڪ مُنَجِّمۡ (يعني ستارن جو علم رکندڙ هڪ شخص، نجومي) رڪاوٽ بڻجي چوڻ لڳو: اي اميرالمؤمنين رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ اوهان نہ وڃو، حضرت سيِّدُنا عليُّ المرتضيٰ ڪَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰي وَجۡهَهُ الۡكَرِيۡم جن سبب پڇيو تہ ان چيو: هن وقت چنڊ عَقۡرَب (آسمان جي برجن مان هڪ بُرج جو نالو) ۾ آهي جيڪڏهن اوهان هن وقت ويا تہ اوهان کي شڪست ٿيندي، اهو ٻڌي حضرت سيِّدُنا عليُّ المرتضيٰ ڪَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰي وَجۡهَهُ الۡكَرِيۡم جواب

ڏنو: نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صديق ۽ عمر رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا نجومين تي اعتقاد نہ رکندا هئا، مان الله عَزَّوَجَلَّ تي توڪّل رکندي ۽ تنهنجي ڳالهہ کي ڪوڙو ثابت ڪرڻ لاءِ لازمي سفر ڪندس. پوءِ پاڻ رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ انهيءَ جهاد جي سفر لاءِ روانا ٿي ويا. الله تعاليٰ اوهان کي رسولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي حياتِ ظاهري کان پوءِ سڀ کان وڏيڪ بَرَڪت انهيءَ سفر ۾ عطا فرمائي ايتريقدر جو سمورا دشمن قتل ڪيا ويا ۽ حضرت سيِّدُنا عليّ المرتضيٰ ڪَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم خوش ٿي، فتح حاصل ڪري واپس موٽيا. (غذاء الالباب في شرح منظومة الآداب 191/1)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بدشگوني تي عمل نہ ڪريو

اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مُجَدّد دين ۽ ملت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن لکن ٿا: شريعت ۾ حڪم آهي: اِذَا تَطَيَّرْتُمْ فَامْضُوْا يعني جڏهن ڪو برو شگون، گمان ۾ اچي تہ ان تي عمل نہ ڪريو. (فتح الباري 181/11) (فتاويٰ رضويہ 641/29 ملخصًا)

## ڪم نہ ڪرڻ جو بہ اختيار آهي

ڪنهن شيءِ جو منحوس هجڻ مشهور هجي تہ انهيءَ ڪم جي نہ ڪرڻ جو اختيار آهي پر بدشگوني تي اعتماد هرگز نہ ڪيو وڃي. اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مُجَدّد دين ۽ ملت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن لکن ٿا: جنهن (شيءِ) کي عام ماڻهو منحوس سمجهي رهيا آهن، ان کان بچڻ مناسب آهي جو متان تقدير مطابق ان کي ڪا مصيبت پهچي، تہ انهن جو باطل عقيدو وڌيڪ

مضبوط ٿيندو، (جو چوندا ته) ڏنوَ! اهو ڪم ڪيو هو ته ان جو نتيجو اهو نڪتو ۽ ممڪن آهي ته شيطان ان جي دل ۾ به وسوسو وجهي. (فتاويٰ رضويہ 267/23)

## گناهن جي سبب به مصيبت ايندي آهي

مصيبت اچڻ تي دل کي الله عَزَّوَجَلَّ کان ڊيڄارڻ، صبر تي استقامت حاصل ڪرڻ ۽ غلط قدم کڻڻ کان پاڻ کي بچائڻ لاءِ توبهه ۽ اِستِغفار ڪندي هي ذهن به ٺائجي ته اسان تي جيڪا مصيبت نازل ٿي آهي، ان جو سبب اسان جا پنهنجا ڪرتوت آهن نه ڪنهن جي نحوست جي سبب ائين ٿيو آهي. سيپاري 25 سورة الشوريٰ جي آيت نمبر 30 ۾ ارشادِ ربّاني آهي:

وَمَآ اَصَابَكُمۡ مِّنۡ مُّصِيۡبَةٍ فَبِمَا كَسَبَتۡ اَيۡدِيۡكُمۡ وَيَعۡفُوۡا عَنۡ كَثِيۡرٍؕ ۝۳۰ (پ 25 الشوريٰ 30)

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ توهان کي جيڪا به مصيبت پهتي اهو ان سبب آهي جيڪو توهان جي هٿن ڪمايو ۽ اهو گهڻو ڪجهه ته معاف فرمائيندو آهي.

صدرُالافاضل حضرت علّامہ مولانا سيد محمد نعيم الدين مراد آبادي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡهَادِی انهيءَ آيت جي تحت لکن ٿا:

اهو خطاب مُڪلّف مؤمنن سان آهي، جن کان گناهہ ٿيندا رهندا آهن، مراد هي آهي ته دنيا ۾ جيڪي تڪليفون ۽ مصيبتون مؤمنن کي ايندیون آهن، اڪثر انهن جو سبب، انهن جا گناهہ هوندا آهن، انهن تڪليفن کي الله عَزَّوَجَلَّ انهن جي گناهن جو ڪفارو بڻائي ڇڏيندو آهي ۽ ڪڏهن مؤمن کي تڪليف ان جي درجات جي بلندي لاءِ ٿيندي آهي.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## هٿو هٽ سزا

ڪڏهن ائين بہ ٿيندو آهي، اسان تي ايندڙ مصيبت اسان جي گناهن جي سزا هوندي آهي. تاجدارِ رسالت، شهنشاه نبوّت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اِذَا اَرَادَ اللّٰهُ عَزَّوَجَلَّ بِعَبْدٍ خَيْرًا عَجَّلَ لَهٗ عُقُوْبَةَ ذَنْبِهٖ يعني الله عَزَّوَجَلَّ جڏهن بہ ڪنهن ٻانهي سان ڀلائي جو ارادو فرمائيندو آهي تہ ان ڪي گناه جي سزا (دنيا ۾ ئي) جلد ڏئي ڇڏيندو آهي.

(مسند امام احمد بن حنبل 630/5 حديث 16806)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (4) مختلف وظيفن جو معمول بڻايو

اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مُجَدّد دين ۽ ملت مولانا شاه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن لکن ٿا: بدشگوني وغيره جا انديشا، وسوسا جڏهن بہ پيدا ٿين تہ انهن لاءِ قرآن ڪريم ۽ حديث شريف مان ڪجهہ مختصر ۽ فائديمند دعائون لکان ٿو، انهن ڪي هڪ هڪ ڀيرو يا ان کان بہ وڌيڪ اوهان ۽ اوهان جي گهر ۾ پڙهن، جيڪڏهن دل مضبوط ۽ اهو وهم ختم ٿي وڃي تہ بهتر، نہ تہ جڏهن اهو وسوسو پيدا ٿئي هڪ هڪ ڀيرو پڙهي ڇڏيو ۽ يقين ڪريو تہ الله (عَزَّوَجَلَّ) ۽ رسول (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جا واعدا سچا آهن ۽ شيطان ملعون جو ڊيڄارڻ ڪوڙ آهي، ڪجهہ ڀيرا پڙهڻ سان الله تعاليٰ جي مدد سان اهو وهم بالڪل ختم ٿي ويندو ۽ ڪڏهن بہ ڪنهن طرح سان ان مان ڪو نقصان نہ ٿيندو. اهي دعائون هي آهن:

✵ لَنْ يُّصِيْبَنَاۤ اِلَّا مَا كَتَبَ اللّٰهُ لَنَاۚ هُوَ مَوْلٰىنَاۚ وَعَلَى اللّٰهِ فَلْيَتَوَكَّلِ الْمُؤْمِنُوْنَ ﴿۵۱﴾

(اسان ڪي ڪڏهن بہ نہ پهچندو مگر اهو ڪجهہ جيڪو الله اسان جي واسطي لکي ڇڏيو اهوئي اسان جو موليٰ آهي ۽ مسلمانن ڪي الله تي ئي

ڀروسو رکڻ گهرجي) (پ 10 التوبہ 51)

❁ حَسۡبُنَا اللّٰهُ وَنِعۡمَ الۡوَكِيۡلُ (پ 4 اٰل عمران 173)

(الله اسان کي ڪافي آهي ۽ ڪهڙو نہ سٺو ڪارساز آهي)

❁ اَللّٰهُمَّ لَا يَأْتِيْ بِالۡحَسَنَاتِ اِلَّا اَنۡتَ وَ لَا يَذۡهَبُ بِالسَّيِّئَاتِ اِلَّا اَنۡتَ وَ لَا حَوۡلَ وَ لَا قُوَّةَ اِلَّا بِکَ. (الٰهي! سٺيون ڳالهيون نٿو آڻي ڪو توڪان سواءِ ۽ بريون ڳالهيون ڪو نہ ٿو ختم ڪري ڪو تو ڪان سواءِ ۽ ڪا زور طاقت ناهي پر تنهنجي طرفان) (مصنّف ابن ابي شيبة 87/7 حديث 1،2)

❁ اَللّٰهُمَّ لَا طَيۡرَ اِلَّا طَيۡرُکَ، وَلَا خَيۡرَ اِلَّا خَيۡرُکَ، وَلَآ اِلٰهَ غَيۡرُکَ.

(الٰهي! تنهنجي فال فال آهي ۽ تنهنجو ئي خير، خير ۽ توڪان سواءِ ڪو معبود ناهي.) (مصنّف ابن ابي شيبة 142/7 حديث 1) (فتاوىٰ رضويہ 645/29)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اَلۡحَمۡدُلله عَزَّوَجَلَّ! نيڪي جي دعوت جو مدني ڪم جاري رکڻ لاءِ تبليغِ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي، سنّتن ڀريي اجتماع، مدني قافلن، علاقائي دورو براءِ نيڪي جي دعوت، مدني تربيّتي ڪورس، فرض عُلوم ڪورس، مدني چينل ۽ درسِ فيضانِ سنّت وغيره جي ذريعي خوب سرگرم عمل آهي، اوهان بہ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿيو، ان جي برڪتن سان انشآءَالله عَزَّوَجَلَّ اعليٰ اخلاقي وصفون غير محسوس طور تي اوهان جي ڪردار جو حصو بڻجنديون وينديون. هر اسلامي ڀاءُ کي گهرجي تہ اهو پنهنجي شهر ۾ ٿيڻ واري دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت ڪري ۽ سنّتن جي تربيّت جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سفر ڪري. انهن مدني قافلن ۾ سفر جي برڪت سان انشآءَالله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي

اڳوڻي زندگي تي غور و فڪر جو موقعو ملندو ۽ دل آخرت جي بهتري جي لاءِ بيقرار ٿي ويندي، جنهن جي نتيجي ۾ گناهن جي ڪثرت تي پشيماني ٿيندي ۽ توبهه جي سعادت ملندي. عاشقان رسول سان گڏ مدني قافلن ۾ مسلسل سفر ڪرڻ جي نتيجي ۾ فُحش ڪلامي ۽ فُضول گوئي جي بدران چپن تي درود پاڪ جو وِرد هوندو ۽ زبان تلاوتِ قرآن ۽ ذڪر و نعت جي عادي بڻجي ويندي. ڪاوڙ جي بدران نرمي، بي صبري جي بدران صبر ۽ برداشت، تڪبّر جي بدران عاجِزي ۽ احترامِ مسلم جو جذبو ملندو. دنيا جي مال ۽ دولت جي لالچ مان جان ڇُٽندي ۽ نيڪين جو حرص ٿيندو. مطلب ته بار بار راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ سفر ڪرڻ واري جي زندگي ۾ مدني انقلاب برپا ٿي ويندو اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ. اوهان جي ترغيب ۽ تحريص جي لاءِ عاشقان رسول جي صحبت جي برڪت سان ڀريل هڪ مدني بهار اوهان جي خدمت ۾ پيش ڪريان ٿو:

## نشي جي بري عادت ڇڏائجي وئي

عطّار آباد (جيڪب آباد، باب الاسلام سنڌ) جي علائقي نُل سان تعلّق رکندڙ اسلامي ڀاءُ جو بيان ڪجهه هن طرح سان آهي: ڀهريان مان غلط عقيدن جو حامل ۽ اخلاقي برائين جي ڏبڻ ۾ ڦاٿل هئس، روزانو رات 8 ڪان وٺي 12 بجي تائين ڀنگ، چرس ۽ شراب وغيره جو نشو ڪندو هئس پوءِ نشي ۾ بدمست ٿي گهر ايندو هئس، اچڻ ساڻ ئي مدهوش ٿي بستري تي سمهي پوندو هئس. منهنجي ماءُ منهنجي حالت ڏسي روئندي رهندي هئي ۽ مونکي سمجهائيندي هئي پر مون تي ذري برابر به اثر نه ٿيندو هو. پوءِ غالبًا سنه 2010ع ۾ اسان جي علائقي ۾ ٻوڏ آئي ته اسان هڪ محفوظ جاءِ تي اچي

رهياسين. اتي مان ڏاڍو بيمار ٿي پيس، ايتريقدر جو مون کي رت جون اُلٽيون اچڻ لڳيون. منهنجي خوش نصيبي هي ٿي ته انهيءَ دؤران منهنجي ملاقات هڪ دعوتِ اسلامي واري سان ٿي، جنهن مون تي انفرادي ڪوشش ڪئي ۽ مان پنهنجي زندگي ۾ پهريون پيرو مدني قافلي ۾ سکر ڏانهن سفر ڪيو. مونکي بدعقيدگي ۽ نشي جي بري عادت کان توبهه جي توفيق ملي، پوءِ راهون ڪلنديون ويون. مدني ڪم ڪندي ڪندي مون کي علمِ دين حاصل ڪرڻ جو اهڙو ته شوق ٿيو جو مون لاڙڪاڻي فاروق نگر ۾ جامعة المدينه ۾ داخلا ورتي، ٿوري عرصي کان پوءِ باب المدينه ڪراچي منتقل ٿي ويس. بيان ڏيڻ تائين جامعةُ المدينه فيضانِ مشتاق باب المدينه (ڪراچي) ۾ درجه ثانيه جو طالبِ علم آهيان.

## نيڪ فال يا سٺو شگون وٺڻ

نيڪ فال يا سٺو شگون وٺڻ بدشگوني جو ضد آهي يعني ڪنهن شيءِ کي پنهنجي لاءِ باعث خير و برڪت سمجهڻ ۽ هي مُستَحَب آهي مثال طور بزرگانِ دين جي زيارت ٿيڻ، اربع تي نئون سبق شروع ڪرڻ، سومر ۽ خميس تي سفر ڪرڻ. اسان جي مڪي مدني آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي نيڪ فال وٺڻ پسند هو اهڙي طرح ارشاد فرمايائون: بدفالي ڪا شيءِ ناهي ۽ فال سٺي شيءِ آهي. ماڻهن عرض ڪيو: فال ڪهڙي شيءِ آهي؟ فرمايائون: "سٺي ڳالهه جيڪا ڪنهن کان ٻڌو." (بخاري شريف 36/4 حديث 5754)

مِراٰةُ المناجيح ۾ انهيءَ حديث جي تحت آهي: غالبًا اتي "طِيَرَه" مان مراد بدفالي وٺڻ آهي، چاهي پکي مان هجي يا چرندڙ جانور مان يا ڪنهن ٻي شيءِ مان، چوته بدفالي مطلقًا منع آهي. قرآن

شريف ۾ تَطَيُّر ۽ طائِر بدفالي جي معنيٰ طور آيو آهي. ربّ عَزَّوَجَلَّ فرمائي ٿو:

قَالُوْۤا اِنَّا تَطَيَّرْنَا بِكُمْ ۚ

**ترجمهء ڪنزالايمان:** چوڻ لڳا اسان توهان کي منحوس سمجهون ٿا.

(پ 22 يٰس 18)

۽ اڳتي فرمائي ٿو:

قَالُوْا طَآىِٕرُكُمْ مَّعَكُمْ ؕ

**ترجمهء ڪنزالايمان:** انهن فرمايو توهان جي نحوست ته توهان سان گڏ آهي.

(پ 22 يٰس 19)

مطلب هي آهي ته اسلام ۾ بدفالي ڪا شيءِ ناهي، ڪنهن شيءِ مان بدفالي نه وٺو. ("سني ڳالهه جيڪا ڪنهن کان ٻڌو" جي تحت مفتي صاحب لکن ٿا:) جيئن ڪو شخص ڪنهن ڪم لاءِ وڃي رهيو آهي ته ڪنهن سڏ ڪري چيو "اي نَجِيح (اي ڪامياب ٿيڻ وارا) يا اي برڪت يا اي رَشيد (يعني اي هدايت وارا)" اهو وڃڻ وارو اهي لفظ ٻڌي ڪاميابي جو اميدوار ٿي ويو، اهو بالڪل جائز آهي. ڪي دڪاندار صبح جو "يا رَزّاق، گهر تيل جي ڳولا وارو يا وَاجِد (يعني اي حاصل ڪرڻ وارا)"، مسافر ماڻهو "يا سالِم (يعني اي سلامتي وارا)، حاجي ۽ غازي "يا مَنصُور (يعني اي مدد يافته) يا مَبرور" ۽ زائِر ماڻهو "يا مقبول (يعني اي قبول ٿيڻ وارا)" ٻڌي خوش ٿي ويندا آهن، اهي سيئي انهيءَ حديث مان ورتل آهن. (مِرأة المناجيح 255/6)

## سٺو لڳندو هو ته...

حضرت سيِّدُنا اَنس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کان روايت آهي ته نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جڏهن ڪنهن ڪم جي لاءِ نڪرندا هئا ته هي ڳالهه حضور (صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) کي پسند هوندي هئي ته يا رَاشِد (اي هدايت

يافتہ، يا نَجِيح (اي ڪامياب) ٻڌن. (ترمذي شريف 228/3 حديث 1622)

صدرُالشّريعہ بدرُالطّريقہ حضرت علّامہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي عَلَيْہِ رَحْمَۃُ اللّٰہِ الْقَوِي انهيءَ حديث جي تحت لکن ٿا: يعني ان وقت جيڪڏهن ڪو شخص انهن نالن سان ڪنهن کي سڏ ڪندو هو، اهو حضور (صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) کي سنو لڳندو هو تہ اها ڪاميابي ۽ فلاح جي نيڪ فال آهي. (بهارِ شريعت 503/3)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## هاڻي اوهان جو ڪم سولو ٿي ويو آهي

صلح حَدَيبيہ[1] جي موقعي تي جڏهن مشرڪن مسلمانن سان صلح ڪرڻ جي لاءِ سهيل بن عَمرو (جن اجا ايمان نہ آندو هو) کي موڪليو، ان کي ڏسي پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم (نيڪ فال وٺندي) صحابہ کي فرمايو: قَدْ سَهُلَ لَكُمْ مِنْ اَمْرِكُمْ هاڻي اوهان جو ڪم آسان ٿي ويو. (بخاري شريف 226/2 حديث 2731،2732) ملخصًا)

شارح بخاري حضرت علّامہ شهاب الدّين احمد بن محمد قسطلاني عَلَيْہِ رَحْمَۃُ اللّٰہِ الْغَنِی پنهنجي ڪتاب اِرشادُ السّاري ۾ لکن ٿا: يعني اها نيڪ فال هئي ۽ نبي پاڪ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم نيڪ فال کي پسند ڪندا هئا. (اِرشادُ السّاري 229/6) علّامہ ابنِ جوزي عَلَيْہِ رَحْمَۃُ اللّٰہِ الْقَوِی انهيءَ فرمانِ رسول جي تحت لکن ٿا: اهو فرمانِ عاليشان سٺن نالن مان سنو شگون وٺڻ جي مُستَحَب هئڻ تي دليل آهي.

(ڪشف المشکل عن حديث الصحيحين 1070/1)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد



[1] صلح حديبيہ جو تفصيلي احوال پڙهڻ جي لاءِ سيرتِ مصطفيٰ (مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل) صفحي 346 تا 364 جو مطالعو ڪيو.

## سٺو شگون ورتو

رسولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بدشگوني نہ وٺندا هئا پر پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نيڪ فال وٺندا هئا. حضرت سيِّدُنا بُريده رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ قبيلہ بنوسهم جي 70 سوارن سان گڏ خدمت ۾ حاضر ٿيا تہ پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن دريافت فرمايو: توهان ڪير آهيو؟ انهن عرض ڪيو: بُرَيدَه، تہ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت ابوبڪر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ ڏانهن توجهہ ڪري فرمايو: بَرَدَ اَمْرُنَا وَصَلَحَ اسان جو معاملو ٿڌو ۽ سٺو ٿي ويو، پوءِ فرمايائون: توهان ڪهڙن ماڻهن مان آهيو؟ مون چيو: اَسْلَمْ مان، پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت ابوبڪر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي فرمايو: سَلِمْنَا اسان سلامتي سان رهنداسين، پوءِ فرمايو: توهان ڪهڙي قبيلي مان آهيو؟ مون چيو: بَنُوْسَهْم مان، پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: خَرَجَ سَهْمُنَا اسان جو حصو نڪري آيو. (الاستيعاب في معرفة الاصحاب 263/1)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## سٺي نالي واري کان ڪم ڪرايو

سيِّد عالم، نورِ مجسّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ ڏينهن هڪ ڏاچي گهرائي، فرمايو: انهيءَ کي ڪير ڏُهندو؟ هڪ شخص عرض ڪيو: مان، پڇا ڪيائون: تنهنجو نالو ڇا آهي؟ ان چيو: مُرَّة (يعني ڪڙو). فرمايائون: تون ويهي رهہ. هڪ ٻيو شخص اٿي بيٺو. نالو پڇيائون تہ ان پنهنجو نالو جَمْرَة (يعني ٽانڊو) ٻڌايو. ان کي ويهڻ جو ارشاد فرمايائون. ان کان پوءِ حضرت سيِّدُنا يعيش غفاري رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ اٿي بيٺا ۽ دريافت ڪرڻ تي پنهنجو نالو يَعِيْش (يعني زندگي گذارڻ

وارو) ٻڌايائون تہ ارشاد ٿيو: اوهان ڏاچي کي ڏهو.
(المعجم الکبير 277/22 حديث 710)

## پکين ۽ جانورن مان نيڪ فال نٽا ونئي سگهو

نيڪ فال رکو کنهن سني شيءِ، نيڪ شخص جي زيارت يا بابرکت ڏينهن مثال طور عيد جي ڏينهن، سومر شريف وغيره مان وٺي سگهو ٿا، پکين ۽ جانورن مان جهڙي طرح برو شگون وٺڻ منع آهي، اهڙي طرح نيڪ فال وٺڻ جي بہ اجازت ناهي. تفسير کبير ۾ آهي: عربن وٽ فال ۽ بدشگوني جو ساڳيو معاملو هو، سيّد عالَم، نورِ مجسّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فال کي برقرار رکيو ۽ بدشگوني کي باطل قرار ڏنو. امام محمد رازي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْهَادِی فرمائن ٿا: فال ۽ بدشگوني ۾ فرق جو بيان ضروري آهي، ان سلسلي ۾ بهتر ڳالهہ هي آهي تہ انساني روح درندن ۽ پکين جي روحن کان وڌيڪ قوي ۽ صاف هوندو آهي ان ڪري انسان جي زبان تي جاري ٿيڻ وارن ڪلمن مان استدلال وٺڻ (فال وٺڻ) ممڪن آهي پر پکين جي اڏامڻ يا درندن جي ڪنهن چرپر مان ڪنهن ڳالهہ تي سنو يا برو شگون وٺڻ ممڪن ناهي ڇوتہ انهن جا روح ڪمزور ٿيندا آهن. (تفسير ڪبير 344/5)

## انهيءَ ۾ خير ۽ شرّ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي؟

حضرت سيِّدُنا عڪرمہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ بيان ڪن ٿا: هڪ ڏينهن اسان حضرت ابنِ عباس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا وٽ ويٺا هئاسين. اسان وٽان هڪ پکي ٻوليندو گذري ويو. مجلس وارن مان ڪنهن چيو: خير ٿي هوندو. پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جلدي ان جي اصلاح ڪندي فرمائڻ لڳا: نہ خير هوندو نہ شرّ هوندو. (يعني ڪو پکي اڏامندو ٻوليندو وڃي رهيو هجي تہ ان ۾ خير ۽ شرّ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي؟) (فيض القدير 294/5 تحت الحديث 7101)

## ناپسنديدگي جو اظهار ڪيو

امام طاؤس رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هڪ شخص سان گڏجي سفر تي وڃي رهيا هئا، ان ڪانوَ جو آواز ٻڌي چيو تہ خير هوندو. اهو ٻڌندي ئي اوهان ناپسنديدگي وچان فرمايو: اَيُّ خَيْرٍ عِنْدَ هٰذَا اَوْ شَرٍّ، لَاتَصْحَبَنِي انهيءَ ۾ خير يا شرّ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي! مون سان گڏ نہ هلو.

(مصنف عبدالرزّاق 24/10 رقم 19682)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## انهن جو اچڻ نيڪ فال هئي

منهنجي آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مُجَدّد دين ۽ ملت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن پنهنجي مديني جي ٻئين سفر جو احوال بيان ڪندي فرمائن ٿا: هاڻي اتي ڪامران (هڪ جڳهہ جو نالو) ۾ نوَ ڏينهن ٿي چڪا. سياڻي جهاز تي وڃڻو آهي. اوچتو رات جو منهنجي سيني ساڄين ڪي پيٽ جو درد ۽ پيچش ٿي پيا، مون کي درد تہ نہ ٿيو پر پنج پيرا قضاءِ حاجت جي لاءِ وڃڻو پيو. ڏينهن گهڻو گذري چڪو هئو ۽ ڊاڪٽر جي اچڻ جو وقت ٿيو. ٻاهر ترڪي مرد ۽ اندر عورتن ڪي ترڪيہ عورت روزانو اچي ڏسندا (چيڪ اپ ڪندا) هئا. منهنجي ننڍي ڀاءُ ننهي ميان (يعني علّامہ محمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْحَنَّان) کي انديشو ٿيو، انهن پڪو ارادو ڪيو تہ پنهنجي طبيعت بابت ڊاڪٽر کي ٻڌائي ڇڏجي. مون کان پڇيو ويو، مون چيو: جيڪڏهن بيمار سمجهي روڪيا ويؤ ۽ حج جو وقت بہ ويجهو آهي، معاذالله عَزَّوَجَلَّ وقت تي نہ پهچي سگهياسين تہ ڪيڏو نقصان ٿيندو؟ (منهنجو ننڍو ڀاءُ) چوڻ لڳو: هن مهل تہ ڊاڪٽر ۽ ڊاڪٽرياڻي ايندا هوندا جيڪڏهن انهن کي خبر پئي تہ اسان جو نہ

چوڻ پوشيده نہ رهندو؟ مون چيو: ٿورو ترسو! مان پنهنجي حڪيم کي چئي ڇڏيان. گهران ٻاهر نڪري جهنگل ڏانهن هليو ويس ۽ حديث جون دعائون پڙهڻ لڳس ۽ سيدُنا غوث اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان مدد طلب ڪئي تہ اوچتو سامهون حضرت سيِّد شاهہ غلام جيلاني صاحب سجاده نشين سرڪار بانسہ شريف جيڪي حضور سيّدنا غوث اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي اولاد پاڪ مان هئا ۽ بمبئي ۾ اهي اسان سان گڏيا هئا، سامهون تشريف فرما ٿيا، انهن جي تشريف آوري فالِ حَسَن (يعني نيڪ شگون) هئي. مون انهن کي بہ دعا جي لاءِ چيو، انهن بہ دعا فرمائي. مون کي گهران نڪتي شايد 10 منٽ ٿيا هوندا، پوءِ گهر وجي ڏٺو تہ بِحَمۡدِاللّٰه سيني کي اهڙو تندرست محسوس ڪيو ڄڻ تہ مرض ئي نہ هئو، ڇا جو درد! ان جي ڪمزوري بہ نہ رهي. سيئي اڍائي ٽي ميل پيادل هلي، سمنڊ جي ڪناري تي پهتاسين. (ملفوظاتِ اعليٰ حضرت ص 186)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## بدشگوني ۽ سٺي شگون ۾ فرق

انهن ٻنهي ۾ بنيادي فرق هي آهي تہ بدشگوني وٺڻ شرعي طور تي منع ۽ سٺو شگون وٺڻ مُستَحَب آهي، ان کان سواءِ ❁ سٺو شگون وٺڻ اسان جي مَدَني آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو طريقو آهي جڏهن تہ بدشگوني بدبخت ڪافرن جو شيوو آهي ❁ سٺي شگون وٺڻ سان اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي رحم و ڪرم سان چڱائي ۽ ڀلائي جي اميد هوندي آهي جڏهن تہ بدشگوني مان نا اميدي پيدا ٿيندي آهي ❁ نيڪ فال سان دل کي اطمينان ۽ خوشي حاصل ٿيندي آهي جيڪا هر ڪم جي جدوجهد ۽ مڪمل ٿيڻ جي لاءِ ضروري آهي جڏهن تہ بدشگوني سان

بنا ڪنهن سبب جي ڏک ۽ تردُّد پيدا ٿيندو آهي ❁ نيڪ فالي انسان ڪي ڪاميابي ۽ ترقي ڏانهن وٺي ويندي آهي جڏهن تہ بدشگوني سان مايوسي، سُستي ۽ ڪاهلي پيدا ٿيندي آهي جيڪا ناڪامي جي طرف ڌڪي ڇڏيندي آهي. مِراٰة المناجيح ۾ آهي: نيڪ فال وٺڻ سنّت آهي، انهيءَ ۾ الله تعاليٰ مان اميد آهي ۽ بدفالي وٺڻ ممنوع جو انهيءَ ۾ ربّ (عَزَّوَجَلَّ) کان نا اميدي آهي. اميد سٺي آهي، نا اميدي بُري، هميشہ ربّ ۾ اميد رکو. (مرأة المناجيح 255/6)

## ڪتاب جو خلاصو

❁ ڪنهن شخص، جاءِ، شيءِ يا وقت کي منحوس سمجهڻ جو اسلام ۾ ڪو تصوُّر ناهي اهي صرف وهمي خيال هوندا آهن.

❁ شگون جي معنيٰ آهي فال وٺڻ يعني ڪنهن شيءِ، شخص، عمل، آواز يا وقت کي پنهنجي حق ۾ سنو يا برو سمجهڻ، جيڪڏهن سنو سمجهيائين تہ سنو شگون يا نيڪ فال آهي ۽ جيڪڏهن برو سمجهيائين تہ بدشگوني آهي.

❁ نيڪ فال وٺڻ مُستحَب آهي، بدفالي يا بدشگوني وٺڻ شيطاني ڪم آهي.

❁ بدشگوني تي گناه ان وقت ٿيندو، جڏهن ان جي تقاضي تي عمل ڪيائين ۽ جيڪڏهن ان خيال کي ڪا اهميّت نہ ڏنائين تہ ڪو حرج ناهي.

❁ بدشگوني وٺڻ عالمي بيماري آهي، مختلف ملڪن ۾ رهڻ وارا مختلف ماڻهو مختلف شين مان بدشگونيون وٺندا آهن. بدشگوني انسان جي لاءِ ديني ۽ دنياوي، ٻنهي لحاظ کان ڏاڍي خطرناڪ آهي.

❁ بدشگوني سان ايمان بہ برباد ٿي سگھي ٿو.

❁ بدشگوني وٺڻ مسلمان کي نٿو سونھي بلڪ اھو غيرمسلمن جو پراڻو طريقو آھي.

❁ موجوده دؤر ۾ بہ ڪيئي غلط سلط عقيدا، وھم ۽ ناجائز رسمون زور وٺنديون وڃن پيون، جن جو تعلق بدشگوني سان بہ ھوندو آھي مثال طور صفر جي مھيني کي منحوس سمجھڻ، ستارن جي تاثير تي يقين رکڻ، مسلسل نياڻين جي پيدائش کي منحوس سمجھڻ، گھر ۾ پپيتي جي وڻ پوکڻ کي منحوس سمجھڻ، شوال يا مخصوص تاريخن ۾ شادي کي منحوس سمجھڻ، عورت، گھر ۽ گھوڙي کي منحوس سمجھڻ وغيره.

❁ استخارو ڪرڻ جائز ۽ سنو عمل آھي.

❁ نظر لڳڻ ھڪ حقيقت آھي، ان جو انڪار نٿو ڪري سگھجي.

❁ اسلامي عقيدن جي معلومات حاصل ڪري، **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ تي سچو توڪّل ڪري، بدشگوني جي تقاضي تي عمل نہ ڪري ۽ مختلف وظيفن جي ذريعي بدشگوني جو علاج ڪري سگھجي ٿو.

**تفصيل جي لاءِ ڪتاب جو مڪمل مطالعو ڪريو**

## زاھد ڪير

اميرالمؤمنين، مولا مشڪل ڪشا، حضرت سيِّدُنا عليّ المرتضيٰ ڪَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم جن فرمايو: جيڪڏھن ڪو شخص سموري زمين جو مال حاصل ڪري ۽ ان جو ارادو اللّٰه جي رضا حاصل ڪرڻ ھجي تہ اھو **زاھد** آھي ۽ جيڪڏھن سمورو مال ڇڏي ڏئي پر اللّٰه جي رضا مقصد نہ ھجي تہ اھو **زاھد** ناھي. (احياءُ علوم الدين ج٣ ص٣٢٥)

# فهرست


| عنوان | صفحو |
|---|---|
| قيامت جو نور | 1 |
| منحوس ڪير؟ | 1 |
| ڇا ڪو منحوس ٿي سگهي ٿو؟ | 3 |
| گناهن جو مجموعو | 4 |
| شگون (يعني سؤڻ) جا قسم | 5 |
| سٺن برن شگونن جا مثال | 5 |
| شيطاني ڪم | 6 |
| بدشگوني حرام ۽ نيڪ فال وٺڻ مستحب | 7 |
| تمام اهم وضاحت | 7 |
| تمام نازڪ مسئلو | 8 |
| شرڪ ۾ مبتلا ٿي ويو | 9 |
| بدشگوني جون مختلف صورتون | 9 |
| بدشگوني جا نقصان | 12 |
| (1) اهو اسان مان ناهي | 13 |
| (2) بلند درجن تائين نٿو پهچي سگهي | 13 |
| بدشگوني جا ڀيانڪ نتيجا | 14 |
| آسمان تان ڪاغذ جو ٽڪرو ڪِريو | 15 |
| بدشگوني ڪرڻ غيرمسلمن جو طريقو آهي | 17 |
| (1) فرعون جو حضرت موسيٰ مان بدشگوني وٺڻ | 17 |
| (2) قومِ ثمود حضرت صالح عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام مان بدشگوني ورتي | 18 |
| 3) مبلّغن کي منحوس چوڻ وارا بدبخت ماڻهو | 19 |
| (4) يهودين ۽ منافقن آمد مصطفيٰ مان بدشگوني ورتي | 22 |
| حضور پُرنور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي آمد سان يَثرَب مدينو بڻيو | 23 |
| برائي پاڻ ڏانهن منسوب ڪرڻ گهرجي | 25 |
| مشرڪ بدشگوني ڪندا هئا | 25 |
| اهو اوهان جي ذهن جو وهم آهي | 26 |
| پڪي ٻه تقدير مطابق اڏامندا آهن | 27 |
| بدفالي جي ڪا حقيقت ناهي | 27 |
| ڇا گهر تبديل ڪرڻ سان بَرڪت ختم ٿي ويندي آهي؟ | 29 |

| عنوان | صفحو |
|---|---|
| بدشگوني مراد وٺڻ منهنجو وهم هو | 29 |
| تيرن جي ذريعي فال نہ وجهو | 30 |
| تير اڇلائي فال وجهڻ گناهہ آهي | 31 |
| قرآني فال وجهڻ ناجائز آهي | 32 |
| هڪ عبرتناڪ حڪايت | 32 |
| انهن ڪڏهن فال وارو تير نہ اڇلايو | 33 |
| فال جا تير ڪهڙا ٿيندا آهن؟ | 33 |
| فال کولڻ جي باري ۾ اعليٰ حضرت جي فتويٰ | 35 |
| فال جي اجرت وٺڻ جو حڪم | 35 |
| استخارو سيکاريندا هئا | 35 |
| استخاري ڪرڻ واري کي نقصان ناهي | 36 |
| استخاري ڇڏڻ جو نقصان | 36 |
| استخارو ڪهڙن ڪمن جي باري ۾ ٿيندو آهي؟ | 36 |
| ان ڪم جو مڪمل ارادو نہ ڪيو هجي | 37 |
| استخاري جا مختلف طريقا | 38 |
| نماز استخاره جو طريقو | 39 |
| نماز استخاره ۾ ڪهڙيون سورتون پڙهجن؟ | 40 |
| اشارو ڪيئن ملندو؟ | 40 |
| ست ڀيرا استخارو ڪرڻ بهتر آهي | 41 |
| جيڪڏهن اشارو نہ ملي تہ؟ | 41 |
| رڳو دعا جي ذريعي بہ استخارو ڪري سگهجي ٿو | 42 |
| استخاره جون مختصر دعائون | 42 |
| جيڪڏهن استخاري کان پوءِ بہ نقصان ٿئي تہ؟ | 42 |
| نيل درياء جي نالي خط | 44 |
| افسوسناڪ صورتحال | 45 |
| (1) صفر جي مهيني کي منحوس سمجهڻ | 45 |
| عربن ۾ صفر مهيني کي منحوس سمجهيو ويندو هو | 46 |
| صفر ڪجهہ ناهي | 47 |
| ڪو ڏينهن منحوس ناهي هوندو | 48 |

| عنوان | صفحو |
|---|---|
| (2) صفرُ المظفّر جو آخري اربع ملهائڻ | 50 |
| صفر ۾ پيش ايندڙ ڪجهه تاريخي واقعا | 50 |
| (3) نچ مان بدشگوني وٺڻ | 51 |
| (4) شوال ۾ شادي نه ڪرڻ | 52 |
| مخصوص تاريخن ۾ شادي نه ڪرڻ بابت سوال جواب | 53 |
| (5) ستارن جي سٺي بري تاثير تي يقين رکڻ ڪيئن؟ | 53 |
| ڪي مؤمن رهيا ته ڪي ڪافر ٿي ويا | 54 |
| جنهن ستاري کي جتي چاهي پهچائي | 55 |
| نجومين جا فريب | 56 |
| بدشگوني جو ردّ | 57 |
| (6) نجومي کي هٿ ڏيکارڻ | 58 |
| ڪاهنن جي ڪن ڳالهين جي سچي هئڻ جو سبب | 59 |
| نجومين وٽ وڃڻ وارن لاءِ نصيحت ڀري حڪايت | 59 |
| سرجري جي ذريعي هٿن جون لڪيرون تبديل ڪرڻ وارا بيوقوف | 60 |
| (7) گهر ۾ پپيتي جو وڻ پوکڻ کي منحوس سمجهڻ | 60 |
| (8) لاڳيتو ڇوڪرين جي پيدائش کي منحوس سمجهڻ | 61 |
| نياڻين جي پرورش جا فضائل | 62 |
| مدني آقا جن جي نياڻين تي شفقت | 64 |
| (9) گهر ۾ نئين پار جي ولادت کي منحوس سمجهڻ | 66 |
| (10) گرهڻ سان ملندڙ وهم | 67 |
| ڪنهن جي زندگي ۽ موت جي سبب گرهڻ ناهي لڳندو | 69 |
| اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ | 70 |
| (11) عورت، گهر ۽ گهوڙي کي منحوس سمجهڻ | 70 |
| حضرت عائشه صديقه جن جو مؤقف | 71 |
| فتاويٰ رضويه جو هڪ سوال جواب | 72 |
| (12) ميّت کي غسل ڏيڻ کان پوءِ دلو ڀڃڻ | 72 |
| خبر ناهي ڪنهن منحوس جي شڪل ڏٺي هئي؟ | 73 |
| ڇا ڪنهن کي نظر به لڳندي آهي؟ | 75 |
| رحمتِ عالم جن کي نظر لڳائڻ جي ڪوشش ناڪام رهي | 76 |
| نظر حق آهي | 78 |
| فصلن کي نظر لڳڻ کان بچائڻ جو نسخو | 80 |
| نظربد اُٺ کي ديڳ ۾ وجهي سگهي ٿي | 80 |
| جلد نظر لڳندي آهي | 81 |
| موءِ مبارڪ جي برڪت سان نظر واري کي شفا ملندي هئي | 82 |
| کير کي به نظر لڳي سگهي ٿي | 84 |
| بنا حساب جي جنّت ۾ داخل ٿيڻ | 85 |
| بدشگوني کان ڪيئن بچيو وڃي؟ | 86 |
| (1) اسلامي عقائد جي معلومات حاصل ڪريو | 86 |
| جيڪو خدا کي منظور هوندو اهو ٿيندو | 87 |
| رِزق ۽ مصيبتن کي لکيون ويندون آهي | 88 |
| نقصان نٿا پهچائي سگهن | 88 |
| (2) توڪّل بهترين علاج آهي | 89 |
| (3) ڪم کان نه رڪجو | 90 |
| بدشگوني باطني بيماري آهي | 91 |
| برو شگون اوهان کي واپس نه موٽائي | 91 |
| سفر ڪرڻ کان نه رڪجو | 91 |
| بدشگوني تي عمل نه ڪريو | 92 |
| ڪم نه ڪرڻ جو به اختيار آهي | 92 |
| گناهن جي سبب به مصيبت ايندي آهي | 93 |
| هٿوهٿ سزا | 94 |
| (4) مختلف وظيفن جو معمول بڻايو | 94 |
| نشي جي بري عادت ڇڏائجي وئي | 96 |
| نيڪ فال يا سٺو شگون وٺڻ | 97 |
| سٺو معلوم ٿئي ها | 98 |
| هاڻي اوهان جو ڪم سولو ٿي ويو آهي | 99 |
| سٺو شگون ورتو | 100 |
| سٺي نالي واري کان ڪم ڪرايو | 100 |
| پکين ۽ جانورن مان نيڪ فال نٿا وٺي سگهو | 101 |
| انهيءَ ۾ خير ۽ شرّ جي کهڙي ڳالهه آهي؟ | 101 |
| ناپسنديدگي جو اظهار ڪيو | 102 |
| انهن جو اچڻ سٺو فال هو | 102 |
| بدشگوني ۽ سٺي شگون ۾ فرق | 103 |
| ڪتاب جو خلاصو | 104 |

# مأخذ ۽ مراجع


| ڪتاب جو نالو | مطبوعه | ڪتاب جو نالو | مطبوعه |
| --- | --- | --- | --- |
| قرآن مجيد | مكتبةالمدينه باب المدينه كراچى | مسندالفردوس | دار الفكر بيروت |
| كنز الايمان مع خزائن العرفان | مكتبةالمدينه باب المدينه كراچى | كنزالعمال | دار الكتب العلمية بيروت |
| الجامع لاحكام القران | دارالفكر بيروت | الزهد | دار الكتب العلمية بيروت |
| تفسير نعيمي | ضياءُ القران پبليڪشنز لاهور | مرقاة المفاتيح | دار المعرفة بيروت |
| تفسير كبير | دار احياء التراث العربي بيروت | اشعة اللمعات | كوئٹه |
| روح المعاني | دار احياء التراث العربي بيروت | مراة المناجيح | ضياءُ القران پبليڪشنز لاهور |
| التفسيرات احمديه | كوئٹه | درمختار و ردالمحتار | دار المعرفة بيروت |
| نور العرفان | پير پائي اينڊ ڪمپني لاهور | شرح معاني الاثار | دار الكتب العلمية بيروت |
| صحيح بخاری | دار الكتب العلمية بيروت | شرح للزرقاني | دار الكتب العلمية بيروت |
| صحيح مسلم | دار ابن حزم بيروت | حياة الحيوان الكبري | دار الكتب العلمية بيروت |
| سنن ترمذی | دارالفكر بيروت | نوادرالاصول | مكتبه امام بخاري |
| سنن ابي داوٗد | دار احياء التراث العربي بيروت | فتاويٰ رضويه | رضا فائونڊيشن لاهور |
| سنن ابن ماجه | دار المعرفة بيروت | تاريخ دمشق | دار الفكر بيروت |
| مسند امام احمد | دارالفكر بيروت | المنن الكبريٰ | دار الكتب العلمية بيروت |
| السنن الكبريٰ | دار الكتب العلمية بيروت | الزواجر عن اقتراف | دار المعرفة بيروت |
| المعجم الكبير للطبراني | دار احياء التراث العربي بيروت | ادب الدنيا و الدين | دار الكتب العلمية بيروت |
| المعجم الصغير للطبراني | دار الكتب العلمية بيروت | الكامل في التاريخ | دار الكتب العلمية بيروت |
| الترغيب والترهِيب | دار الكتب العلمية بيروت | بهار شريعت | مكتبةالمدينه باب المدينه كراچى |
| الجامع الصغير للسيوطي | دار الكتب العلمية بيروت | عمل اليوم والليل | دارالثقافة الاسلاميه بيروت |
| المستدرک للحاكم | دار المعرفة بيروت | سيرت ابن عبدالحكم | مكتبة وهبه |
| شعب الايمان | دار الكتب العلمية بيروت | احياء علوم الدين | دارالصادر بيروت |
| مصنف عبدالرزاق | دار الكتب العلمية بيروت | الاستعياب | دار الكتب العلمية بيروت |
| مصنف ابن ابي شيبه | دار الفكر بيروت | كشف الخفاء | دار الكتب العلمية بيروت |
| سنن دارقطني | مدينة الاولياء ملتان | الطريقة محمديه | نوريه رضويه فيصل آباد |
| تاريخ بغداد | دار الكتب العلمية بيروت | بريقه محمديه | شركت صحافيه عثمانيه |
| الفردوس بماثور الخطاب | دار الكتب العلمية بيروت | حديقه النديه | پشاور |
| مجمع الزوائد | دار الفكر بيروت | تنقيح الفتاوي | مكتبة حقانيه پشاور |
| فيض القدير | دار الكتب العلمية بيروت | الملفوظ | مكتبةالمدينه باب المدينه كراچى |
| اليسير شرح جامع الصغير | دار الكتب العلمية بيروت | حدائق بخشش | مكتبةالمدينه باب المدينه كراچى |
| حلية الاولياء | دار الكتب العلمية بيروت | وسائل بخشش | مكتبةالمدينه باب المدينه كراچى |
| عمدة القاري | دار الفكر بيروت | فيضان سنت | مكتبةالمدينه باب المدينه كراچى |
| فتح الباري | دار الكتب العلمية بيروت | جنتي زيور | مكتبةالمدينه باب المدينه كراچى |
| ارشاد الساري | دار الفكر بيروت | تجليات احمد رضا | رضا اكيڊمي لاهور |
| نزهة القاري | فريد بک استال لاهور | غذاء الالباب | دار الكتب العلمية بيروت |
| البداية والنهاية | دار الفكر بيروت | الملفوظ | مكتبةالمدينه باب المدينه كراچى |

